گفته او گفته الله بود،
گرچه از حلقوم عبدالله بُود
(مولانا رومي رحه)



# پيرن جي پچار

از قلم

فقير غلام مصطفيٰ سومرو

نظرثاني ڪندڙ

عبدالوحيد جان سرهندي

٧٨٦

---

٩٢

وما ينطق عن الهويٰ ان هو الا وحي يوحيٰ (القرآن)

گُفتہ او گُفتہ الله بـــود.

گرچہ از حلقوم عبدالله بُوَدَ.

(مولانا روم رحہ)

# پرين جي پچار


از قلم

عاصي پُر معاصي، سرهندي بزرگن جي غلامن جو غلام

**فقير غلام مصطفيٰ سومرو**

نظرثاني ڪندڙ

**عبدالوحيد جان سرهندي**

درگاهه عاليه ٽنڊو سائينداد

سيني حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: پرين جي پچار
ليکڪ: غلام مصطفيٰ سومرو
ڇپائي جو سال: ٢٠٠٢ع
ڇپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچي، فون: ٧٧٣٧٢٩٠

هديه:

# انتساب

## پرين جي پچار

ڪي آءُ پنهنجي ابي ۽ امڙ رحمة الله عليهما ڏانهن منسوب ڪيان ٿو، جن مونکي زندگي گذارڻ جو سليقو سيکاريو ۽ جن جي تربيت مونکي مرشدن ڪريمن جي محبت جي چڻنگ چکائي محبت جو مچ مچايو. اُن لاءِ سندن جيترو شڪر ادا ڪريان اوترو گهٽ آهي. دعا آهي ته باري تعاليٰ مهابي رحمت اللعالمين ﷺ جي ڪين جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي.

آمين ثم آمين

بقلم

**غلام مصطفيٰ سومرو**

بنگلو نمبر ١٦٣ گارڊن ويسٽ ڪراچي

# انتساب

## پرين جي پچار

ڪي آءٌ پنهنجي ابي ۽ امڙ رحمة الله عليهما ڏانهن منسوب ڪيان ٿو،
جن مونکي زندگي گذارڻ جو سليقو سيکاريو ۽ جن جي تربيت مونکي
مرشدن ڪريمن جي محبت جي چٽنگ چکائي محبت جو مچ مچايو.
اُن لاءِ سندن جيترو شڪر ادا ڪريان اوترو گهٽ آهي. دعا آهي ته
باري تعاليٰ مهابي رحمت اللعالمين ﷺ جي ڪين جنت الفردوس ۾
اعليٰ مقام عطا فرمائي.

آمين ثم آمين

بقلم

**غلام مصطفيٰ سومره**

بنگلہ نمبر ١٦٣ گارڊن ويسٽ ڪراچي

بسمِ اللهِ الرَّحمٰنِ الرَّحيم
نحمده و نُصلي وَ نُسلِمُ عليٰ حبيبه الكريم

# پيش لفظ

جناب قاضي غلام مصطفيٰ سومرو جن جو لکيل نئون ڪتاب "پرين جي پچار" اول کان آخر تائين پڙهيم. اسانجي سرهندي بزرگن جي حالات، تاريخي واقعات ۽ ملفوظات تي ٻڌل هيءُ هڪ مختصر، منفرد ۽ جامع ڪتاب آهي. هن ڪتاب ۾ قاضي صاحب وڏي محبت، عقيدت ۽ ادب سان پنهنجي مرشدن ڪريمن جو ذڪرِ خير بيان ڪيو آهي. هن ڪتاب جي پڙهڻ سان اسان جي حضرت صاحبن نقشبندي بزرگن جي حيات طيبه جو اجمالي خاڪو ۽ تصور اکين اڳيان اچيو وڃي ۽ سمجهون ٿا اهي واقعات هينئر اسانجي سامهون ٿي رهيا آهن.

هن ڪتاب "پرين جي پچار" پڙهڻ سان هر پڙهندڙ بخوبي سمجهي سگهي ٿو ته اسان جي بزرگن جي تقويٰ ۽ استقامت عليٰ الشريعة جو ڇا مقام آهي ۽ پاڻ پنهنجي حيات طيبه سنت نبويه مطابق ڪيئن گذاري اٿن. اسين دعا ٿا ڪريون ته الله سبحانه و تعاليٰ سندن درجات مزيد بلند فرمائي آمين بحرمتہ سيد الاولين والآخرين عليه افضل الصلوٰة والتسليم ڪتاب جي آخر ۾ قاضي صاحب حضرت صاحبن جي ڪجھ خاص مخلصن جو مختصر ۽ جامع ذڪر ڪيو آهي اهو به پڙهڻ وٽان ۽ بهترين آهي.

اسين قاضي صاحب ۽ سندس سموري خاندان لاءِ دعاگو آهيون الله مولِيٰ ڪريم کين دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي ڪامراني ۽ سلامتي عطا فرمائي آمين بجاه سيدالانبياءِ والمرسلين عليه افضلُ الصلٰواة والتسليم

**بقلم عبده عبدالوحيد سرهندي عفي عنه**
از درگاه مُجدديه ٽنڊو سائينداد ـ ضلع حيدرآباد

٢٤ آڪٽوبر ٢٠٠١ع

# ليکڪ جي باري ۾

پرين جي پچار پڙهڻ کان پهريائين، اُن پرينءَ جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي جنهن پرين سيني پرين کي گڏ ڪري ماضي جي واقعن کي هڪ هار ۾ پروڙي "پرين جي پچار" جي صورت ۾ پيش ڪيو آهي.

حاجي قاضي غلام مصطفيٰ سومرو ١٢ جنوري ١٩٣٦ع ۾ نوشهروفيروز (اڳوڻو نوابشاهه ضلعو) جي هڪ ننڍي ڳوٺ "ديهات شريف ۾ تولد ٿيا. پاڻ هن وقت رٽائرڊ ايجوڪيشن آفيسر آهن. تعليمي لحاظ کان ايم- اي سنڌي. ايم- اي اسلامڪ هسٽري، ايم- اي ايجوڪيشن (ايم- ايڊ) ايل- ايل- بي ۽ ان سان گڏ تمام گهڻا ڊپلوما ۽ سرٽيفڪيٽ ڪورس جن جي تعداد شايد پاڻ وٽ به نه اٿن.

جسماني رشتي ۾ پاڻ منهنجا وڏا ماما ٿين. ۽ روحاني رشتي ۾ پاڻ منهنجا استاد ٿين. مان جڏهن اک کولي ته پاڻ ان وقت N.J.V. اسڪول ڪراچي ۾ انچارج ۽ استاد جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيا هئا. مون کي جيستائين ياد ٿو پوي اسان جي ننڍن يا وڏن مسئلن جو هڪڙو ئي حل هيو. آغا ماما. (آغا ماما منهنجي وڏي ڀاءُ خالد رحيم سومرو جو پيار جو نالو رکيل آهي جيڪو اڄ خاندان جا ڪجهه ڀاتي استعمال ڪندا آهن).

اسڪول جي پڙهائي جو مسئلو هجي يا امتحان هجي حل هيو صرف آغا ماما، اسڪول ۾ تقرير جو مقابلو هجي يا ٻيو ڪو فنڪشن هجي ته حل هيو آغا ماما، نه صرف ايترو پر پاڙي اوڙي ۾ سڄي خاندان جي نمائندگي جو وقت اچي ته حل هيو آغا ماما. زماني

جا ڪم ڪار هجن تہ حل هيو آغا ماما. ڳوٺ جو مسئلو هجي تہ صرف هڪ حل هيو آغا ماما. مطلب تہ هر قسم جي ننڍن يا وڏن مسئلن جو حل ڪندڙ پاڻ هئا.

مان آغا ماما کي هڪ ايڪٽو سوشل ورڪر (Active Social Worker) جي حيثيت سان ڏٺو جيڪا منهنجي ڀرپور سمجهہ هئي. تنهن کان پوءِ مان ماما سائين جن کي هڪ شاعر جي حيثيت ۾ ڏٺو (ماما منهنجو شاعري ۾ بہ استاد آهي) هيٺ هڪ ماما جي نظم پيش ڪريان ٿو جيڪا منهنجي پسنديده نظم آهي.

ازل کان آهن اجايل زندگاني جون گهڙيون
ڇا بڌائي ڇا بڌايان زيست جون گذريل گهڙيون

هر گهڙي جو قدر ڪر ذي هوش ٿي باهوش ٿي
رهہ نہ موڳو هوش ڪر هي بي بها آهن گهڙيون

هر گهڙي موتي مثل جن کي سڃاڻن قدردان
بيقدر کي قدر ڪهڙو گذري ويس ڪيئي گهڙيون

جن ڪيو آ قدر گهڙين جو تن ڪتياهن پٺي جهان
وصل جا موتي مليل جن ڪيو قدر هر هڪ گهڙي

اي غلام مصطفيٰ اڄ هوش ۾ چڙ جوش کي
ٿي سگهي ٿو يار مون پرچي پئي هن ئي گهڙي.

شاعري ماما کي ورثي ۾ ملي آهي. منهنجي چار مامن مان ٿي شاعر آهن. آغا ماما جي شاعري جي جهلڪ هن ڪتاب ۾ موجود رهندي.

آغا ماما جو هڪ ٻيو روپ جيڪو ننڍي هوندي کان ڏٺم سو هيو دم ڪرڻ جو، جڏهن بہ اسان کي مٿي ۾ سور پوي يا بخار هجي. مامي جي دم ڪرڻ يعني ڦيٿي رکڻ سان ختم ٿيندو هيو. مونکي اڄ بہ ياد آهي تہ مٿي جي سور جي لاءِ "ابجد" جي حساب

سان هڪ ڦيٽو رکندو هيو ۽ سور به ائين ختم ٿيندو هيو ته ڄڻ ٿيو ئي ڪونه هيو.

تنهن ڪانپوءِ مامي کي هر وقت مرشد جي محبت ۾ ڏٺم ۽ اڄ تائين پيو ڏسندو اچان. هر وقت هر ڳالهه تي رقت ۾ اچي وڃڻ هر وقت مرشد جي ياد ۾ مهو رهڻ ۽ اسان جهڙن گنهگارن کي هر وقت ڳالهين ئي ڳالهين ۾ نصيحت ڪرڻ وغيره. مرشد جي محبت ۾ منهنجا ٻيا ماما به ڪنهن ڪان پوئتي نه آهن. منهنجو ٽيون نمبر ماما جنهن پيار مان ٻلي ماما چوندا آهيون. (اهو نالو به منهنجي وڏي ڀاءُ خالد رحيم سومرو رکيو) جنهن جو اصل نالو مرحوم قاضي محمد علي سومرو آهي پاڻ اڄ اسان سان گڏ نه آهن پر سندن يادون ۽ مرشد ڪريم سان محبت جو ڳالهيون اسان سان گڏ آهن. منهنجي والد صاحب قاضي حاجي عبدالرحيم سومرو جي شادي جي موقعي تي ماما محمد علي مرحوم هڪ سهرو لکيو هيو. جنهن جون ڪجھ لائنيون هيٺ ڏجن ٿيون.

اڄ اڱڻ خوشيون ٿيون مرشد اڱڻ آيم اڄ
چؤطرف هن شادمانا ۽ چؤطرف آ راڄ اڄ

ٿي مبارڪ شادي تون کي سڀ جا پيارا عبدالرحيم
سڀ ٿين خوش ٿا او پيارا دوست احباب اڄ

سهرو ڪهڙو نه سونهي ٿو تنهنجي مٿي جي اڳيان
تي پيو آ گل گلابي ۽ موتي سندو جنسار اڄ

اڄ اڱڻ خوشيون ٿيون مرشد اڱڻ آيم اڄ
چؤطرف هن شادمانا ۽ چؤطرف آ راڄ اڄ

هر خوشي ۾ مرشد کي ياد ڪرڻ، غم ۾ يا تڪليف ۾ ته هر ڪو مرشد کي ياد ڪندو آهي پر خوشي ۾ به مرشد کي ياد ڪرڻ جو هي مثال آهي. برٽانيڪا جي ڊڪشنري ۾ مذهب جي وضاحت ۾

لکيل آهي ته اگر تڪليف ۽ موت نه هجي ها ته (نعوذ بالله) الله جو نظريو نه هجي ها. ۽ اها حقيقت به آهي ته اسان هميشه مشڪل ۾ ئي الله تعاليٰ کي ياد ڪندا آهيون ۽ الله کان مدد گهرندا آهيون پر خوشي ۾ ته الله وسري ويندو آهي.

اها حقيقت آهي ته مان پنهنجي مامن کي مرشد جي محبت ۾ هميشه مهو ڏٺو آهي. آغا ماما کي مان فنافي الشيخ جي حيثيت سان ڏٺو آهي. جڏهن به مرشد جو ذڪر گهر ۾ ايندو آهي ته ماما پنهنجي ڪنٽرول (وس) ۾ نه رهندا آهن. ۽ رقت طاري ٿي ويندي اٿن. ان ڪيفيت کي اسان سمجهي ته سگهون ٿا پر پهچي ڪونه ٿا سگهون.

(ڪاش اسان ان ڪيفيت تائين پهچي سگهون آمين). مرشد ڪريم سائين شاهه آغا رحه جن سان آغا ماما جي محبت جو مان بيان نٿو ڪري سگهان. ان محبت جي نسبت سان اسان سڀ سائين شاهه آغا (رحه) کي اڄ به پاڻ سان گڏ سمجهندا آهيون.

ان جو هڪ مثال بيان ڪرڻ چاهيندس. منهنجو ماما نمبر-٢ قاضي عبدالهادي سومرو جيڪو هن وقت PNSC ۾ چيف انجنيئر آهن. ڪنهن وقت جڏهن 5th انجنيئر هيا. ۽ هڪ دفعي Dhacca city نالي بحري جهاز ۾ سفر ڪري رهيا هيا. وچ سمنڊ ۾ جهاز ۾ ڪا خرابي ٿي ۽ جهاز بيهي رهيو. مسلسل ٢٤ ڪلاڪن جي ڪوشش ڪانپوءِ به جهاز نه پئي هليو هر شخص پريشان ٿي ويو. اگر اهو جهاز نه هليو ته سڀ وچ سمنڊ ۾ مري ويندا. (خدا نه خواسته) تنهن وقت رابطن جا ذريعا ايڏا نه هيا. ٢٤ ڪلاڪن جي محنت کان پوءِ ماما جڏهن پنهنجي ڪمري ۾ آيو ته ان وقت پنهنجي مرشد کي ياد ڪري رهيو هيو. ۽ تمام تڪليل هيو ۽ جڏهن پنهنجي بستري تي اچي سمهيو ماما جي بقول ته ٿڪ ايڏو هيو جو ننڊ جو ته سوال ئي پيدا نه پيو ٿئي. پر ماما جي اک لڳي وئي ته هڪ بزرگ شخص خواب ۾ ڏٺم. بزرگ فرمائي رهيو هو ته مان آهيان امام رباني مجدد الف ثاني تنهنجو مرشد ۽ تون فڪر نه ڪر وڃي جهاز هلائي. هڪ دم ماما جي اک کلي

وٺي پاڻ حيران رهجي ويا. وري ان وقت اک لڳي وين ۽ خواب ۾ حضرت سائين شاهه آغا (رح) ڏٺن انهن ٻه اهو ئي فرمايو. عبدالهادي اسان تون سان گڏ آهيون پوءِ ماما جي اک کلي وئي ۽ هو جهاز جي انجڻ طرف ڀڳا. اتي سيني وڏن آفيسرن کي ڌڪو ڏيندا. هيٺ انجڻ طرف وڌيا. (ٻين سمجهيو ته موت ڏسي چريو ٿي پيو آهي شايد) پوءِ وڃي مرشد کي سنڀالي انجڻ هلايائون ۽ هڪ دم انجڻ هلي وئي. سڀ حيران رهجي ويا. سيني نعرا هنيا سومرو صاحب زنده باد سومرو صاحب زنده باد. پر پاڻ ٻڌايائون ته منهنجو مرشد زنده باد سائين حضرت امام رباني زنده باد. سائين شاهه آغا زنده باد.

آخر ۾ اسان جي پياري مرشد ڪريم سائين پاڳاري حضرت آغا عبدالحميد جان سرهندي جن جون ڪجهه ڪرامتن جو ذڪر ڪندو هلان. منهنجي Ph.D (چائنا مان ۽ ڪمپيوٽر سائنس ۾)سائين جن ڪرائي اها هڪ زنده ڪرامت آهي جيڪا مونکان سواءِ ٻيو ڪو سمجهي ڪون ٿو سگهي. هڪ ٻي ڪرامت جو ذڪر ڪندو هلان جڏهن مان Ph.D ڪري مرشد جي دعائن سان پاڪستان اچڻ لاءِ بيجنگ شهر پهتس. هڪ هفتو ڪن اتي رهيس. مون اتي شهر گهمڻ جو فيصلو ڪيو ۽ اتي هڪ ڏينهن پنهنجي مخلص دوست ڊاڪٽر محمود قريشي جيڪو ان وقت پاڪستان جي سفارت خاني ۾ ميڊيڪل آفيسر هيو. سان گڏ ديوار چين ڏسڻ ويس. واپسي ۾ ڊاڪٽر صاحب ١٢٠ جي اسپيڊ سان گاڏي هلائي رهيو هيو ۽ اچانڪ گاڏي جو ٻانٽ وڃي اڏي شيشي سان لڳيو. وڏي مشڪل سان ڊاڪٽر صاحب بريڪ ڏني. خدا جو شڪر ته پويان ڪا گاڏي ٻه نه هئي ۽ عجب جهڙي ڳالهه اها ته شيشي کي ته رهنڊ ٻه نه آئي هئي. اگر ٻانٽ شيشي کي ٽوڙي اچي ها ته اسان جا چهرا مسخ ٿي وڃن ها. خير سان جڏهن مان ڪراچي پهتس ته مرشد جي دعائن سان ته خبر پئي ته مرشد ڪريمن کي شگر جي بيماري ڪري ڌڪو آيل هيو ۽ سندن چهري مبارڪ تي ڌڪ لڳل هيا. ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي.

معزز قارئين اِها حقيقت آهي تہ اسان جي مرشد سان محبت انڌي نہ آهي. آغا ماما جيڪو مرشد جو نالو ٻڌي روئي ٿو ان ۾ ڪا رمز آهي. ۽ اِها رمز اگر اسان سيني کي سمجهہ ۾ اچي وڃي تہ ٻيڙو ٻيڙائي پار. (آمين)

از عاصي
سگِ درگاهہ مجدد الف ثاني (رضہ)
**ڊاڪٽر طارق رحيم سومرو**

# مصنف پاران

آئون، هن مختصر ڪتاب "پرين جي پچار" ۾ پنهنجي مرشدن ڪريمن حضرت صاحب، تاج اولياءَ خواجه محمد حسن جان سرهندي رحمة الله عليه، قطب الاقطاب حضرت خواجه عبدالله جان سرهندي رحمة الله عليه، امام العارفين حضرت خواجه غلام علي جان سرهندي رحمة الله عليه ۽ موجوده سجاده نشين خانقاه عاليه ٽنڊو سائينداد شريف اعليٰ حضرت فيض درجت قبله سائين آغا عبدالحميد جان سرهندي صاحب دامت فيوضاته جن جو ذڪر خير پنهنجي مختصر علم ۽ فهم مطابق بيان ڪري رهيو آهيان.

هن ڪتاب مبارڪ ۾ آئون پنهنجيون اُهي يادون ۽ واقعات لکي رهيو آهيان جيڪي منهنجي اکين اڳيان ٿيا آهن پنهنجي وڏن بزرگن کان اهي حڪايتون ٻڌيون اٿم.

سرور ڪائنات فخر موجودات صلي الله عليه و آله وسلم جن ارشاد فرمايو ته: عند ذڪر الصالحين تنزل الرحمة (ترجمه) صالحين جي ذڪر خير ڪرڻ سان رب تعاليٰ جون رحمتون نازل ٿين ٿيون.

سنڌ جو ڪامل ولي ۽ شاعرن جو سرتاج حضرت ڀٽائي رحمة الله عليه فرمائي ٿو ته:

يا هُـج پـريـن وٽ يـا ڪـر پـريـن پـچـار
انهن ٻنهين کان ڌار قادر ڪنهن کي نه ڪري.

(آمين)

۲- اربع شعبان المڪرم ۱۴۲۰هه
۱۰ نومبر ۱۹۹۹ع.

**فقير غلام مصطفيٰ سومرو**

# سڪ جي سُتي

امڙ جيجل رحمة الله عليها جنهن جي رحلت ۴ محرم الحرام ۱۴۰۲ھ مطابق- ۱۹۸۱ع ۾ ٿي. فرمائيندي هُئي ته "ابا تون جڏهن ڄائين، ڄمڻ سان بيمار رهڻ لڳين. توکان اڳ ٻه پٽ عبدالهادي ۽ نورالدين انهيءَ ساڳيءَ بيماريءَ ۾ وفات ڪري چڪا هُئا. بيماري هُئي ڇاتيءَ ۾ بلغم نڪ تي ٻُس ۽ بخار، چاچو سائين مولوي نظر محمد رحمة الله عليه وفات ڪري چڪو هُئو. تنهنجي والد کي اُن وقت حِڪمت ڪاڻ ايندي هُئي مڙني هِنَ هُنَ جي ڏس تي علاج پئي هليو پر فائدو ڪونه ٿي ٿيو. ماڻهون فقط اِهو پيا چون ته گيهه نه کاءُ، سُڪل ماني بنا گيهه جي ٻوڙ کاءُ. پر ماڻهون جي چون ها ته ماني کاءُ ٿي نه، ته ٻه تنهنجي صحت لاءِ ائين ٻه ڪرڻ لاءِ تيار هُيس.

شادين جو موقع هو جنهن ۾ مرحوم حاجي غلام صديق، حاجي عبداللطيف ۽ ادي عبدالحڪيم رحمت الله تعاليٰ عليهم اجمعين جون شاديون ٿي رهيون هيون.

حضرت مرشد ڪريم تاج الاولياءَ قبله خواجه محمد حسن جان سرهندي ۽ سندن فرزند مبارڪ قطب الاقطاب حضرت قبله شاهه آغا رحمت الله تعاليٰ عليهم اجمعين جن آيل هُئا.

انهيءَ موقع تي عجب جهڙا طعام پئي ٿيا پر مون سُڪل ماني تي پئي گذر ڪيو ڇو جو گيهه واري ماني کائڻ کان جهليو ويو هيو.

شروع ڪئي."

والد صاحب جن فرمائيندا هئا ته انهيءَ موقعي تي حضرت صاحب جن ڪين طب سکڻ لاءِ تنبيهه ڪئي ۽ ڪيس فرمايائون ته تنهنجو والد صاحب ڪيڏو نه جراح حڪيم هيو. تو ڪي چا ٿي ويو آهي. انهيءَ جا ڪتاب مطالعو ڪري حڪمت سک. تنهن ڪان پوءِ والد صاحب جن حڪمت سکي ۽ وقت جا لاثاني حڪيم ٿيا جو شڪل ڏسي ٻڌائيندا هئا ته هن کي ڪهڙي بيماري آهي (سبحان الله)

اِها سٽي ننڍي هوندي مرشدن ڪريمن راقم الحروف کي پياري جا نه فقط بيماري لاهڻ لاءِ هُئي پر محبت جو مچ مچائڻ لاءِ ٻه هُئي. جا ڇمڻ سان هن عاجز کي عطا ٿي. بفضل تعاليٰ.

هي بيت حضرت قبله شاهه آغا جن جي حضور پرنور ۾ سندن ظاهري حياتي مبارڪ ۾ لکيو هيو جو پاڻ پڙهيو هُئائون ۽ پسند فرمايو هُئائون. پنهنجي شفقت جو اظهار هنن لفظن مبارڪن ۾ ڪرڻ فرمايو هُئائون:

"هيءَ شعر قوائد جي روءِ سان شڪسته آهي پر محبت سان لکيل آهي انهيءَ ڪري وٺين ٿو"

## سڪ جي سٽي

توسان ڪنهن کي مَٽَ نه پانيان،
آهين مون لئه ماڻڪ موتي.

تنهنجي فيض جا دريا وهندا رهندا،
ويندو نه اُجايل هرگز موٽي.

سڪ ساڻهه جي سمهڻ نه ٿي ڏئي،
پرينءَ بنا هر ڳالهه ٿي ڪوتي.

ڪيڏانهن ڏسان ڪيئن مان ڦٿڪان،
ساڻهه بنان منهنجي سڪ نه لٿي.

ورھ لنگھي ويا واڪا ڪندي،
رڙ نہ تو ھڪ منھنجي ٻڌي!

ماٺهون وڻ ٽڻ سڀ ڪلن ٿا،
قسمت منھنجي ڇو آ ڦٽي.

وقت اٿئي او سھڻا سائين،
ڪڻ ٻني ھٽ ڏيار ڪا ھڪي.

رحمت ربَ جي اڻ ڪٿ آھي،
ناھ اُتي دير آھي تنھنجي.

دامن ورتہ تنھنجو مئڙا،
ويندو نہ ھٿنکان ھرگز ڇٽي.

ڏينھن قيام جي ھوندس توسان،
ويندس بهشت ۾ توسان گڏجي.

اتِ ڪندس مان پيو شاھ آغا،
پلَ پيا ھيا ڪن نفسي نفسي.

ڪونہ ڇڏيندين، پاڻ پياريندي،
سومري ڪي سھڻا سڪ جي سُتي.
(آمين ثم آمين)

قارئين حضرت مرشد ڪريمن جي نظر ڪرم جو اندازو سندن هن مڪتوب شريف مان لڳائي سگهجي ٿو. جو هڪ تمام پياڪ پار يعني خادم لاءِ عافيت پرسي ڪئي وئي آهي. (مڪتوب شريف ۱ ۽ ۲ ڪتاب جي آخر ۾ حوالي لاءِ).

**والدين جي ننڍي هوندي کان تربيت:**

منهنجي ابي جيجل جي مرشدن ڪريمن سان محبت جو مثال نٿو ملي، پاڻ فنافي الشيخ جي درجي تي پهتل هئا. جڏهن درگاھ

## مريديءَ جو مرتبو عطا ٿيڻ

١٩٤٥ جو زمانو آهي، آءُ ان وقت مدرسہ جامع عربيہ حيدرآباد ۾ ڇهريون انگريزي پڙهندو هئس حضرت والد صاحب رحمتہ الله عليہ جن مون کي دارالارشاد درگاهہ ٽنڊو سائين داد شريف وٺي ويا. سياري جا ڏينهن هئا. حضرت قبلہ محبوب مرشد ڪريم جن هن گنهگار کي پنهنجي مريديءَ ۾ آندو. فجر جي نماز کانپوءِ تاج الاولياءُ ۾ پاڻ دعا پڙهايائون ۽ ذڪر فڪر جي تلقين ڪيائون ۽ نماز جي پڙهڻ جو تاڪيد فرمايائون، جو اڪر اڪر ياد آهي ۽ دل تي اڪريل آهي.

## مدرسہ جامع عربيہ حيدرآباد ۾ داخل ٿيڻ:

حضرت والد صاحب (رحمتہ الله عليہ) جن مخدوم امير احمد صاحب جن جي مشوري سان مون کي هن مدرسہ ۾ داخل ڪرايو ۽ مخدوم صاحب مرحوم جن سان گڏ رهڻ لڳس. مخدوم صاحب جن سان گڏ سندن فرزند مخدوم غلام محمد ۽ سندس ڀائيٽو يا ڀاڻج هيو جنهن جو نالو شايد مخدوم غلام محمد هيو سي بہ رهندا هئا. هيءَ مدرسہ ٻين ديني مدرسن کان منفرد هيو. هتي عربيءَ سان گڏ انگريزي بہ سيکاريندا هئا، دنوي علم بہ پڙهائيندا هئا، مثلاً سائنس حساب ۽ جاگرافي وغيره.

هن مدرسي ۾ مرشدن ڪريمن جي خاندان جا ڪجھ فرد بہ پڙهندا هئا. صاحب زاده غلام صديق جان ولد حضرت صاحبزاده مرشد زاده حاجي عبدالستار جان رح ۽ صاحبزاده غلام رسول جان ولد سائين اسحق جان رح.

سومرن مان نورالله سومرو محرابپور وارو اهو بہ پڙهندو هيو ۽ موڪلن ۾ ٻئي گڏجي درگاه شريف دارالارشاد ٽنڊي سائين داد شريف مرشدن ڪريمن جي زيارت لاءِ ويندا هئاسين.

**تاج الاولياءَ حضرت خواجه محمد حسن جان رحمة الله تعاليٰ عليه جن جي وفات حسرت آيات:**

جون ١٩٤٦ع ۾ حضرت صاحب مرشد ڪريمن خواجه محمد حسن جان رحمة الله عليه جن وفات فرمائي. سندن وفات جي خبر ٻڌندي ئي ديوان وار مريد، محبت وارا سڀ سنڌ هند کان پلٽجي پيا. حضرت والد صاحب جن ۽ اسان جا ٻيا سڀ وڏا يعني نانا سائين خان محمد، ڏاڏا سائين جان محمد، ماما سائين غلام رسول وغيره سڀ درگاهه شريف تي جمع ٿيا. آءٌ به درگاهه شريف تي آيس. مونسان گڏ محمد ابراهيم سومرو به هيو جو پڻ مدرسي ۾ پڙهندو هيو. خوش قسمتيءَ سان هن ٻنهي کي به مرشدن ڪريمن جو آخري ديدار نصيب ٿيو. ان زماني ۾ لاريون ٽرڪون ايتريون ڪونه هيون. حضرت صاحب رحمة الله عليه جن کي مريد ڪلهن تي کڻي گنجي ٽکر تائين آيا. حضرت سائين شاهه آغا رحمة الله عليه جن گهوڙي تي سوار هئا.

ٻن يا ٽن ڏينهن کانپوءِ جڏهن اسڪول آيس ته منهنجي ڪلاس ٽيچر جو منهنجو هم نام هيو، پڇيائين ته ڪيڏانهن ويئين هُئين؟ جواب ۾ چيم ته سائين مرشدن ڪريمن جي وفات تي ويل هُئس ۽ مخدوم صاحب جن کان موڪل وٺي ويو هئس، منهنجي هڪ به نه ٻڌائين ۽ ڪاوڙ ۾ اچي چيائين ته ها پيرن ڏي ويو هُئين ۽ اچي ڪري لڪڻ سان ورتائين منهنجين رڙين ۽ دانهن جو ڪنهن به تدارڪ ڪونه ڪيو، ڪنهن به ڪونه ڇڏايو! فقط هڪ استاد ميان محمد حسن ٽوڪ ڪري چيس ته اجا ٻيو لڪڻ مارڻ لاءِ گهرجي؟

سبحان الله، ڪهڙو نه ڪٺن مَ پُرسيءَ جو عالم هيو. جنهن ٻار کي پنهنجي پيءُ ماءُ هڪ ٿڦ به نه هڻين هجي ۽ هو لاڏ ڪوڏ سان پليو هجي. ان جي ڇا ڪيفت هوندي ۽ ان جي دماغ تي ڪهڙو نه اثر ٿيو هوندو. قارئين ڪرام اندازو لڳائي سگهن ٿا. نتيجي ۾ سخت بيمار ٿي پيس. ماما سائين غلام رسول مرحوم جو ان وقت

سکر ۾ فرسٽ ڪلاس سول جج هيو، انهيءَ مون کي پاڻ وٽ گهرائي ورتو. جڻ منهنجي زندگيءَ جو هڪ نئون باب کليو، نيون اميدون، ۽ جذبا بيدار ٿيا. هڪ انڌيري مان نڪري جڻ نئين روشنيءَ ۾ پيس. ڪاش! جيڪڏهن اهڙو استاد نه هجي هان ۽ مون کي بي. گناهه نه ماري هان ته اڄ مان عربيءَ ۽ انگريزي ٻنهي ٻولين جو ماهر هجان ها. اڄ به ڪجهه عربيءَ جا جملا ياد آهن جي سيکاريا ويا هئا.

مونسان گڏ برادرم حاجي ڊاڪٽر عبدالخالق به پنهنجي والد صاحب جن وٽ رهندو هو. اسان ٻئي تلڪ ميونسپل اسڪول سکر ۾ پڙهندا هئاسين. هو صاحب چوٿون انگريزي ۽ آءٌ چوٿون سنڌي پڙهندو هئس، اهڙيءَ طرح جتي ماما سائين بدلي ٿي ويندو هو آءٌ ۽ ڊاڪٽر صاحب به اتي پڙهندا هئاسين. سکر ڪانپوءِ ماما سائين لاڙڪاڻي بدلي ٿي آيو ۽ آءٌ به اتي مدرسه هاءِ اسڪول ۽ پوءِ گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي ۾ پڙهڻ لڳس. مدرسه ۾ اسان جو پرنسپال جناب غلام حسين جعفري هيو جو ان وقت اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ آمريڪا ويو هيو ۽ اسان شاگردن کيس الوداع ڪرڻ لاءِ اسٽيشن تي ويا هئاسين. جعفري صاحب جي وڃڻ ڪانپوءِ مدرسي جا شاگرد گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيا. اتي جو پرنسپال جناب فتح محمد کهڙن جو هيو.

## پاڪستان زنده باد:

۱۹۴۷ع هيو پر اڃان آگسٽ ڪونه آيو هو ۽ پاڪستان ڪونه ٿيو هو. هندو ڏکيل هئا. ڪين پڪ هئي ته پاڪستان اچهو آيو ڪي آيو.

انهيءَ نئين اسڪول جو دستور هيو ته ڊرل جي پيرڊ ۾، جڏهن ڊرل پوري ٿيندي هئي تڏهن هندو ڊرل ماستر ڇوڪرن کان نعرو هڻائيندو هيو، "جئي هند" جو جڏهن اسان مسلمان ڇوڪرا پهتاسين تڏهن انهيءَ نعري هڻڻ کان انڪار ڪيوسين ۽ بجاءِ "جئي هند" چوڻ جي سيني ملي چيو "پاڪستان زنده باد"

اچي پڙهان ۽ جاءِ سنڀاليان ان وچ ۾ ماما سائين غلام رسول مرحوم جي بدلي دادو ڊسٽرڪٽ سيشن جج جي حيثيت سان ٿي. بعد ۾ دادوءَ مان ميرپور خاص بدلي ٿي آيا. لاڙڪاڻي ۾ حاجي صاحب غلام قادر مرحوم وڪالت ڪندو هيو.

**مرشدن ڪريمن جي خدمت جو شرف:**

بزرگن جي حڪم تي آءٌ به حيدرآباد آيس ۽ اچي نور محمد هاءِ اسڪول ۾ داخل ورتم. چوٿين انگريزيءَ ۾، مرحوم غلام حسين بالادي اسان جو ڪلاس ٽيچر هيو. هيرآباد جي جاءِ جي نگراني ظاهري طرح ماما حاجي غلام صديق مرحوم جي حوالي هُئي.

شام جو وقت هيو ٿڌا مٺا ڏينهن هُئا. ايتري ۾ مرشد اڪمل هادي انور شهنشاهه شاهه آغا رحه جن اوچتو هيرآباد جي پنهنجي جاءِ ۾ رونق افروز ٿيا. ڪين اوچتو ڏسي حيرت ۽ خوشيءَ جي حد نه رهي. فوراً محبوبن لاءِ بينڪ ٺاهيم. ڪمري ۾ بسترو لڳايم ۽ مانيءَ جو بندوبست ڪيم، جمن ڪوکر جو ڊرائنگ انسپيڪٽر جي آفيس ۾ پٽيوالو هوندو هيو انوقت وٽو هيو. کيس چانورن چاڙهن لاءِ چيم، مان سائيڪل تي وڃي ڪراچي هوٽل مان ڀاڄي گوشت وٺي آيس ۽ پاڙي مان ملان جي دوڪان تان ڏوئرو ۽ کير وٺي آيس. حضرت صاحب جن جي ماني رات جي پنهنجي پر ۾ نٽ سان ٿي وئي. محبوب مرشد ڪريم طعام تناول فرمائي ويٺا هُئا ته ايتري ۾ ميان گل محمد پناڻ جو ان وقت انسپيڪٽر ڊرائنگ اينڊ ڪرافٽ سنڌ جو هيو، خدمت اقدس ۾ آيو ۽ مرحوم غلام محمد سومرو جو ان وقت پي ڊبليو ڊيءَ ۾ سرويئر هيو اُهو به آيو. ٻنهين بزرگن حضرت مرشدن ڪريمن کي پاڻ وٽ رهڻ لاءِ عرض ڪيو. پر پاڻ ڪريمن ٻنهين کي جواب ڏنو ۽ فرمايو ته هيءَ منهنجي پنهنجي جاءِ آهي. آءٌ توهان ڏانهن نه هلندس. مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي ته جڏهن ماستر گل محمد زور ڀري عرض ڪيو ته قبله سائين غلام مصطفيٰ ٻار آهي اوهان مون وٽ هلو. تڏهن پاڻ ٿورو تلخيءَ سان فرمايائون ته هيءُ ٻار نه آهي اوهان

ڪان وڏو آهي، تنهن ڪان پوءِ ماستر گل محمد خاموش تي ويو ۽ رمز سمجهي ويو. اٿندي وري عرض ڪيائين تہ هالن ڪان موٽندي خادم وٽ رهجو. پاڻ وري بہ فرمايائون تہ موٽندي بہ آءٌ هت پنهنجي جاءِ ۾ رهندس.

اِهو موقعو هيو جو پاڻ شيخ عبدالغنيءَ جي فاتح تي هالا ويا پئي، شيخ صاحب حضرت مرشدن ڪريمن جو هم رضاعي ڀاءُ هيو.

راقم الحروف کي شيخ صاحب مرحوم جي شڪل صورت چڱيءَ طرح ياد آهي. سندس نشست برخواست پيرائي هوندي هئي. جنديءَ جا خوبصورت پينگها ٺاهڻ جو ڪم ڪندو هيو. اُنهيءَ ڪان ورتل پينگها اڄ بہ اسان جي ڳوٺ ديهات ۾ آهن.

مرشد ڪريم جن صبح جو هالا رواڻ ٿيا ۽ ساڳئي ڏينهن واپس وريا. رات آرام فرمائي پئي ڏينهن صبح جو درگاهہ شريف تشريف فرما ٿيا.

درگاهہ شريف ڪان راقم الحروف جي والد مرحوم ڏانهن مون گنهگار عاجز جي متعلق مڪتوب شريف لکيو، جنهن جو عڪس هتي ڏجي ٿو. (مڪتوب شريف نمبر ٣ ڪتاب جي آخر ۾ حوالي لاءِ) انهيءَ مڪتوب شريف جي زيارت ۽ پڙهڻ سان قارئين ڪرام اندازو لڳائي سگهن ٿا سندن شفقت ۽ نظرِ ڪرم هن عاجز ٻانهي تي ننڍي هوندي ڪان وٺي ڪيترقدر تہ هئي. اِهو سڀ ڪجهہ سندن سڪ جي سُتي پيارڻ جو اثر آهي.

## چاڪون ۽ واچ گهرائڻ:

صاحبزاده محمد سعيد جان جن جي تازي شادي ملير مان ٿي گذري هئي. مون خواب ۾ حضرت مرشد ڪريم شهنشاهہ شاهہ آغا جن کي ڏٺو پاڻ فرمائين ٿا تہ بابا مون لاءِ چاڪون وٺي اڄ جو قلم گهڙڻ لاءِ گهرجي، منهنجو چاڪون شاديءَ جي موقع تي انبن ڪپڻ تي گم ڪري ڇڏيو اٿن. واچ خان صاحب غلام رسول ڪان وٺي اچي مون کي پهچاءِ. ماما سائين غلام رسول ان وقت حيدرآباد ۾

جو ٽڪر هن ناچيز کي بہ مليو. پر ڏنم تہ سائين جن وٽ ٻاجهر جي ماني آهي جا پاڻ نوش پيا فرمائين. دل ۾ چيم تہ سائين جيڪر ٻاجهر جو ٽڪر هن ناچيز کي ڏين. فورًا ٻاجهر جو ٽڪر ڏنائون. جڏهن ٻاجهر جي ماني ملي تڏهن نفس چيو تہ ٻاجهر جي ماني ڪا چانهن سان کائبي آهي چا! انهيءَ کي ڪائڻ لاءِ گهرجي لسي. فورًا محبوبن ماني کائڻ ڇڏي اندر حويلي مبارڪ ۾ ويا ۽ پنهنجن هٿن مبارڪن سان مون ناچيز لاءِ لسي کڻي آيا ۽ وڏي شفقت سان فرمايائون تہ هان ٻاجهر جي مانيءَ سان کاءُ. ڏاڍو شرمندو ٿيس پڳهر نڪري ويا. ڪيڏي نہ گستاخي ڪيم، ڪين ماني کائڻ بہ ڪونہ ڏنم. پر تنهن هوندي بہ سندن شفقت ۽ ڪرم ۾ ڪو فرق نہ آيو. (سبحان الله)

## مک وارو معامرو:

راقم الحروف جي اها عادت ٺندي هوندي کان رهي آهي تہ جڏهن بہ موقعو مليو، سڪ ستايو ٻين لفظن ۾ محبوبُ گهرايو، فوراً وڃي درگاهہ شريف تي پهتس. هڪ اهڙي ئي سعيد گهڙي هٿي سياري جا ڏينهن هُئا. شهنشاهہ شاهہ آغا قدس سره العزيز جن جي وڃي زيارت ڪيم قدم بوسيءَ کان مشرف ٿيس.

انهيءَ عرصي دوران محبوب سنڌ جي بزرگن تي ڪتاب مبارڪ پئي لکيو ۽ خادم کي حڪم ڪيو هئائون تہ منگهي پير تي جنگ اخبار نمبر شايع ڪيو آهي اهو کڻي اچج. سو اهو بہ آندو هيم. انهي موقعي تي ئي (۳) معامرا ٿيا. پاڻ موجود مريدن کي پاڪريون (سوڪڙيون) عنايت ڪيائون سياري جي نسبت سان ڪجهه سان پريل ٽوپ مبارڪ عنايت ڪيائون. ايتري ۾ ڪنهن سرمي لاءِ عرض ڪيو سو پاڻ بيٺي بيٺي وري موٽي ويا حويلي مبارڪ ۾ سرمون کڻڻ لاءِ انهيءَ وچ ۾ مون مٿي تي پيل ٽوپي لاهي عنايت ٿيل پاڪر ٽوپ مبارڪ پائي ڇڏيو. جيئن پاڻ ٻاهر تشريف فرما ٿيا. فرمايائون غلام مصطفيٰ ٽوڪي مبارڪ مبارڪ مون يڪدم حيران ٿي خير مبارڪ خير مبارڪ چيو. پوءِ محبوبا منهنجي حيراني دور

ڪرڻ لاءِ فرمايو تہ اهو ثوب سنو آهي توکي نهي ٿو توکي مبارڪ هجي. سبحان الله ڇا سندن قرب ۽ شفقت هئي.

حاضرين مجلس مان هڪ شخص تمام سادو ابوجهہ جو اسان جي هوندي حضرت صاحب جن جي خدمت اقدس ۾ حاضر ٿيو. پاڻ سان هڪ شيشو گيهہ جو ۽ هڪ شيشو ماکيءَ جو حضور اقدس ۾ پيش ڪيائين ۽ ڏاڍيءَ نماڻائيءَ سان دعا لاءِ عرض ڪيائين. پاڻ ڪريمن وڏي شفقت ۽ محبت سان کيس دعا ڪئي. تہ "بابا الله تعاليٰ توکي خوش رکي، تنهنجا ٻئي جهان موچارا ڪري، تنهنجو مشڪلون آسان فرمائي ۽ توکي بهشت نصيب فرمائي" پر هن فقير کي اطمينان نہ ٿيو. هُن جو خيال هيو تہ سائين جيڪر دعا جا هٿ مبارڪ کڻين. جيئن اڄ ڪلهہ پير فقير کڻن ٿا. هن وري دعا لاءِ عرض ڪيو، وري بہ محبوباً کيس اهڙيءَ طرح دعا ڪرڻ فرمائي، پر يار کي اڃان چڱ اطمينان نہ ٿيو. انهيءَ وچ ۾ حضرت صاحب پنهنجو لکڻ جو ڪم بہ ٻئي ڪيو.

جڏهن هن فقير ٽيون دفعي دعا لاءِ عرض ڪيو، تڏهن پاڻ جلال ۾ اچي ويا ۽ قلم ۽ ڪتاب مبارڪ هيٺ رکي فرمايائون تہ ڇا بهشت ڪان ڪا وڌيڪ نعمت آهي؟ ڇا توکي منهنجي زبان تي اعتبار نٿو اچي. تو کي بهشت ڏيکاريان!

اتي هو فقير تہ ڏڪڻ لڳو پر اسان سڀ موجود مريد خادم ڏڪڻ لڳاسين. هو فقير تہ چپ ٿي ويو ۽ موڪلائي وڃي پيو!

اهو ٻي موقعو يا ڪو ٻيو پر سمجهان ٿو اهو ئي موقعو هيو. پاڻ ڪتاب مبارڪ لکڻ پئي فرمايو مکين کين لکڻ نٿي ڏنو ۽ هر هر مکين کي پئي هڪليائون. اسان حاضرين مجلس مان بہ ڪنهن کي هوش ڪونہ آيو جو اٿي رومال وغيره سان مکيون هڪليون. آخر تنگ ٿي پاڻ ڪتاب ۽ قلم مبارڪ رکي اسان ڏانهن مخاطب ٿي فرمايائون تہ "انسان ڪيڏو نہ عاجز آهي جو مک تي بہ قادر نٿو ٿي سگهي" اهي الفاظ مبارڪ چوڻ سان ئي مکيون غائب ٿي ويون. حاضرين مجلس جي واتان هڪ ئي وقت سبحان الله نڪري وئي.

## منهنجا هٿ الله تعاليٰ جي ڪيسي ۾ آهن:

جنرل ايوب خان جو مارشل وارو دور هيو. هن وڏن زميندارن ۽ جاگيردارن کان اباڻيون زمينون ڦري بي زمين هارين ۾ ڀڃي ورهايون. انهيءَ جو اثر حضرت مرشدن ڪريمنؒ جن تي به پيو ۽ زمين جا ڪاتا ننڍا ڪرائي پنهنجي اولاد ۾ ورهائي ڏنائون ۽ ظاهري تڪليف ۾ اچي ويا. بهرحال ورهاست جو ڪم خير خوبيءَ سان ٿي ويو.

انهيءَ دوران شهنشاهه جي آمد هن راقم الحروف جي غريب خانہ تي ڪراچيءَ ۾ ٿي. شام جو وقت هيو عصر جي نماز پڙهي گهر جي اڱڻ ۾ تشريف فرما هئا. ۽ تمام سٺي خوشگوار موڊ ۾ هُئا. دين جي مسئلن تي گفتگو پئي ٿي.

ايتري ۾ هڪ شيطان صفت انسان جنهن کي مون وري نہ ڏٺو آهي ۽ نہ وري ان موقعي کان اڳ ڏٺو هئم، حضرت صاحب جن جي حضور ۾ اُٺي بيهي عرض جي انداز ۾ چيو تہ قبلہ سائين اوهان جي ايتري ساري زمين ڦرجي وئي آهي، هاڻي اوهان جو هيڏو سارو لنگر ڪيئن هلندو، توهان جا درگاهہ شريف جا ايترا خرچ مريدن خادمن جو اچڻ وڃڻ انهن تي خرچ اِهو سڀ هاڻي ڪٿان ٿيندو؟ پاڻ يڪدم جلال ۾ اچي ويا ۽ فرمايائون تہ "اسان کي ايوب ڇا ڪندو ڪيتري زمين ڦري ڪيتري ڦريندو، اسان کي ڪنهن بہ ايوب جي پرواهہ ناهي، اسان جو هٿ الله تعاليٰ جي ڪيسي ۾ آهي، جڏهن چاهيون جيترو چاهيون ڪڍي سگهون ٿا!"

## سندن شفقت جو هڪ بيو مثال:

دعا هڪ پئي لاءِ گهرڻ جي اهميت: ڪراچيءَ ۾ سندن اِهائي منزل مبارڪ هُئي، آءٌ مجلس مبارڪ جي ڇيڙي ۾ ويٺل هُئس ۽ دل ۾ سوچيم پئي تہ مان گنهگار شخص آهيان ۽ حضرت مرشدن ڪريمن جي حق ۾ دعائون گهرندو آهيان، ايئن نہ ٿئي جو مون کي گناهہ ٿيندو هجي! متان الله تعاليٰ ناراض ٿئي تہ "تون ڪير آهين منهنجي محبوب جي لاءِ دعائون گهرڻ وارو!" اِها اڃا تڻ دل ۾ هلي

پئي تہ پاڻ پري ڪان هٿ مبارڪ مٿي ڪئي آگر مبارڪ جي اشاري سان فرمايائون تہ "توهان اسان جي لاءِ دعا گهرندا وڃو ۽ اسين اوهان لاءِ دعائون گهرنداسين" اهو آوازا مبارڪ پئي ڪنهن ڪون پڌو مخاطب بہ مون کي هُئا، پڌو بہ فقط مون ٿي، اهڙا ڪيترائي واقعات ٿي گذريا آهن. مناسب موقع تي احوال ايندو (انشاالله تعاليٰ).

## واه اولاد ابي امڙ جي گهران پيٽ بکيو نکري!

هڪ دفعي جو ذڪر آهي، خادم محبوبا جي خدمت اقدس ۾ حاضر ٿيو هيو، رات رهي پئي ڏينهن تي حيدرآباد موٽيس پئي، ڪچڙي منجهند هئي پاڻ خلاف معمول ٻاهر نڪتا. مون کي موڪلائڻ جو موقع ملي ويو. جڏهن موڪلائڻ لڳس تہ پاڻ فرمايائون تہ "تو منجهند جي ماني کاڌي آهي؟ عرض ڪيم تہ قبلہ حيدرآباد ۾ بہ اوهان جي دعا جو ڏنل ننگر آهي، اتي وڃي کائيندس، پاڻ فرمايائون تہ "واه اولاد ابي امڙ جي گهران پيٽ بکيو نکري! ترس تہ ڪچي پڪي ماني کئي ٿو اچان کائي پوءِ وڃ" پاڻ اندر حويلي مبارڪ ۾ ويا ۽ اڌ رڌل چڻو پوڙ ڪٽ جي وٽي ۾ وجهرائي نان ساڻ ڪري پنهنجي هٿن مبارڪن سان کڻي آيا ۽ فرمايائون تہ هان هيءُ کائي پوءِ پلي وڃ تو کي اجازت آهي. آهي ڪو اهڙو پيو مرشد جو پنهنجن مريدن کي اولاد وانگر سمجهي؟.

مونکي ياد آهي تہ ساليانی ختمي خيرات جي موقعن تي مرشد ڪريم جن جيترا گهڻا مريد ڏسندا هُئا اوترو وڌيڪ خوش ٿيندا هُئا. ايتريقدر بہ فرمائيندا هُئا تہ اسان جا سرهندي پير پيا اچن يا نہ اچن، منهنجا مريد اچن ٿا منهنجي لاءِ بس آهي.

## منهنجو سائين جهڙو چريو!:

ساليانی عرس شريف جو موقع هيو. ظهر نماز کانپوءِ منجهند جي ماني کائي سڀڪو موڪلائيندو پيو وڃي. شهنشاه شاه آغا جن اوطاق جي وڏي هال ۾ تشريف فرما هُئا. مريد خادم موڪلائيندا، پنهنجي وت آهر نذرانو اڏو رکندا ٿي ويا.

منهنجا شينهن" سبحان الله انهن الفاظن مبارڪن ۾ ڇا ته اثر هيو جو ٻنهي ڏينهن تي مون گاڏي هلائڻ شروع ڪئي ٻنا ڪنهن ڊپ ڊاءُ جي (حضرت شهنشاهه شاهه آغا جن جو وصال ٿيل هيو) ۽ ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ گاڏي مقبره شريف به ڪاهي ويس ۽ درگاهه شريف به ويس. پر سائين پاڳاري سهڻي قبله حاجي حافظ مرشد خواجه عبدالحميد جان دائم برڪاته وزيد فيضه جن فرمايو ته بابا اڳتي اِها گاڏي لمبي سفر ته ڪاهي اينڊو ڪر. خدا تعاليٰ توکي ٻي نئين ڪار ڏئي پوءِ پلي ڪاهي اچجائين.

### اچي وٺين منهنجا عاشق!:

پتنگ چوائين پاڻ کي ته اچي آگ اُجهاءِ
تو پچڻ گهٽان پچايا، هاڻ پچڻ کي پچاءِ
واصل ٿي وهاءِ، آگ نه ڏجي عام کي! (شاهه)

مونکي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته انهن واقعات جون تاريخون ۽ سال ياد نه آهن ورنه سون تي سهاڳ جو ڪم ٿئي هان.

ساليانو عرس شريف جو موقعو هيو، حضرت شهنشاهه شاهه آغا نورالله مرقده جن پنهنجي حويليءَ سان گڏ ٺهيل ڪچي ڪوٺي مبارڪ ۾ ويٺا هُئا. هن ڪمري مبارڪ جو نقشو هن ريت هيو جو اڌ ڪمرو ڪٽ مبارڪ والاري ويٺي هئي. جنهن تي حضرت صاحب (رحمتہ الله عليه) جن جا ڪتاب مبارڪ رکيل هُئا باقي اڌ تي سندن بينڪ مبارڪ ٺهيل هوندي هُئي ۽ مريد به ماڪوڙين وانگر مٺو پاڻي پيئڻ لاءِ اچي ورندا هُئا، آءٌ به ماڪوڙيءَ مانند وضو تازو ڪري وڃي حضور اقدس ۾ حاضر ٿيس، جو ڪجهه ياد آهي ته ان ڪمري مبارڪ ۾ حاجي صاحب غلام صديق مرحوم، مرحوم حاجي غلام قادر، چاچا سائين نور احمد زيد حياته ۽ ٻيا ڪيترا مريد حاضر هئا. جڏهن هيءُ ٻانهون قدم بوسيءَ لاءِ اڳتي وڌيو، تڏهن پاڻ ڪريم جن ڪمال شفقت محبت ۽ ٻاجهه ڀريل هٿن مبارڪن سان، مون گنهگار جا هٿ جهلي فرمايائون ته "اچي وٺين

منهنجا عاشق" ان وقت منهنجا ڇا احساسات هُيا جنهن جو بيان لفظن ۾ نٿو اچي سگهجي، ۽ وڏي ڳالهه اها ته اهو آواز مبارڪ فقط مون ئي ٻڌو ۽ مجلس وارن مان ڪنهن به ڪونه ٻڌو!

**هيءُ سومرا ويچارا آهن جهڙي سهي جي ڪل:**

حسب دستور حضرت صاحب شهنشاهه شاهه آغا جن هيرآباد حيدرآباد تي حاجي صاحب غلام قادر جي جاءِ تي ايندا هئا ۽ پوءِ ڪوٽڙي اسٽيشن تان بولان ميل ذريعي ڪوئٽيه روانگي فرمائيندا هئا، پر ان سال خلاف دستور مرشد ڪريم سڌو ڪوٽڙي شهر ويا، جتي هڪ سيد سگورو هيو جو ناڪي منشي هيو يا رٽايرڊ هيو، ان جي دعوت تي آيل هئا.

آءُ به سائيڪل تي چڙهي ناڪ منجهند جو وڃي ڪوٽڙيءَ شاهه صاحب جي جاءِ تي نڪتس، پاڻ مرشد ڪريم جن بس ان وقت منجهند جي ماني تناول فرمائي هٿ مبارڪ ڌوئي ويٺا هئا. جيئن ئي مون کي ڏٺائون ۽ ڏاڍا خوش ٿيا. شاهه صاحب کي فرمايائون ته هن فقير جي ماني کڻي اچو، سخت گرمي هُئي منهنجو سڄو بدن پگهر ۾ پسيو پيو هيو، فرمايائون ته منهنجي پرسان اچي ويهه، پگهر به سڪاءِ ۽ حال احوال به ڪيون، حسب دستور حسب شفقت والد صاحب جن جي باري ۾ پڇيائون ۽ خاندان جي سڀني فردن جا نالا وٺي پڇيائون. ايتري ۾ شاهه صاحب به اچي ويٺو، شاهه صاحب کي مخاطب ٿي ٻانهي جو تعارف ڪرايائون، هيءُ غلام مصطفيٰ اسان جو مخلص مريد آهي. هن جا سڀ مائٽ وڏين وڏين نوڪرين ۾ آهن. ڪي ڪمشنر ڪي وڪيل، ڪي پوليس ۾ وغيره وغيره پر آهن ويچارا "جهڙي سهي جي ڪل" ايتري ۾ مون عرض ڪيو ته قبلا سائين آهيون برابر ايئن پر دعا ڪيو ته شينهن ٿيون. پوءِ فرمايائون ته هائو توهين شينهن آهيو.

## ڏاڙهي رکائڻ:

سال ١٩٥٥ع ۾ آءُ ڪاليج جي ڪرڪيٽ ٽيم سان مغربي پاڪستان جي دوري تي نڪتس. ڊسمبر جو مهينو هو. لاهور کان ٽيندا پشاور پهتاسين. انهن ڏينهن ۾ حضرت قبله شهنشاهه شاهه آغا رضه جن ڪوئيٽه کان سڌا پشاور ويا هئا جو حضرت شاهه غلام محمد مجددي فاروقي رحمته الله عليه جو سندن ڏاڏو سائين آهي، تن جي مزار شريف ۽ مسجد شريف جي مرمت ڪرائڻ لاءِ ويل هئا. حضرت چاچا سائين مولوي نور احمد صاحب مد ظلهالاعليٰ جن به ساڻن خدمت اقدس ۾ گڏ هئا. جناح مارڪيٽ ۾ ميان حبيب الله خان وٽ رهندا هئا. اهو مارڪيٽ مسجد مهابت خان جي پرسان آهي، آءُ پنهنجي ٽيم سان چانوٽي علائقي جي بابر هوٽل ۾ رهيل هئس.

هڪ ڏينهن تي پتلون پائي سوٽ ڪوٽ چاڙهي وڏي مشڪل سان جناح مارڪيٽ لڌم، جنهن ڏس ڏنو هو اُهو فروٽ يعني ميوي جو دوڪاندار هيو. انهيءَ کان مون ڪابل جا انگور حضرت صاحب جن لاءِ ورتا. انهن انگورن ۾ اِها خوبي هئي جو ان ۾ داڻو نه هيو ۽ خوشبوءِ دار هئا.

جڏهن حضور اقدس ۾ پهتس ته سائينءَ مونکي ليکيوئي ڪونه، ۽ يڪدم فرمايائون وڃ مولوي هن طرف وينو اٿئي، وڃين ملينس- ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ رئندو اچي چاچي سائين نوراحمد جي خدمت ۾ آيس. ۽ سڄو حال اچي ڪيم، چاچو سائين ڪليو ۽ فرمايائين ته سائينءَ سمجهيو آهي ته تون مون سان ملڻ لاءِ خاص ڳوٺان هليو آهين ۽ هن لباس ۾.

پوءِ مونکي وٺي حضرت صاحب جن جي حضور ۾ ويو ۽ عرض ڪيائين ته قبله سائين غلام مصطفيٰ ٻين ڇوڪرن سان گڏجي ڪرڪيٽ کيڏڻ آيو آهي ۽ هوٽل ۾ ٽڪيل آهي حضور جن جي زيارت لاءِ خاص آيو آهي، اِهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ فرمايائون ته

پنهنجي گهر هوندي توهان هوٽل ۾ ڇو رهيا آهيو؟ سيني اچي مون وٽ رهو. هتي منهنجو گهر آهي. منهنجي ڏاڏا جو گهر آهي. مان پرديس ۾ نه آهيان. پوءِ سندن شفقت ۽ رحم ايترو ته پلٽيو کاڌو جو درياءَ وهي ويا. (سبحان الله)

شام جو عصر جي نماز بعد حسب دستور مسجد مهابت خان ۾ تشريف فرما هئا. چند پٺاڻ سندن سامهون ويٺا هئا. مون کي ڏسي پٺاڻن سان پشتو ۾ گفتگو فرمائيندي منهنجي باري ۾ ڪجهه فرمايائون.

سيني پٺاڻن ڪنڌ ورائي مون ڏانهن ڏٺو. پوءِ پاڻ تبسم فرمائيندي مون ڏانهن مخاطب ٿي فرمايائون ته "غلام مصطفيٰ تو کي خبر آهي مون هنن کي ڇا چيو. مون دست بسته عرض ڪيو قبله سائين خبر ناهي، حضور جن ٻڌائين. پاڻ فرمائڻ لڳا ته مون هنن کي چيو ته هيءُ ڇوڪرو ڏاڏو سنو نيڪ آهي، هن جو والد به مولوي ۽ نيڪ آهي هن جو ڏاڏو ته وڏو عالم ۽ بزرگ هيو. پر هيءُ ڏاڙهي نٿو رکائي. بس ايترو فرمائڻ ۽ منهنجي دل ۾ ڏاڙهيءَ جو نڪرڻ. (سبحان الله نصيحت ڪرڻ جو ڇا ته انداز هيو!)

**سگريٽ نوشي ڇڏائڻ:**

ڏينهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ويهه سگريٽن جو گولڊ ليف جو پئڪيٽ ڦوڪي ويندو هئس. ڪنهن زماني ۾ ڪيپسٽن پوءِ گولڊ فليڪ، پوءِ ٿري ڪيسلس ۽ آخر ۾ گولڊ ليف پيئندو هئس.

خواب ۾ ٿو ڏسان ته حضرت شهنشاهه شاهه آغا جن جي مجلس مبارڪ آهي. ٻيا به ڪيترائي ماڻهو آهن. مون کي سگريٽ جي ٻاڙ لڳي آهي ۽ آءٌ ان مجلس مبارڪ مان اٿي ٻاهر نڪري سگريٽ پيءُ پوءِ وري مجلس ۾ داخل ٿيو آهيان. اتي خواب ۾ ئي نوراني مجلس مبارڪ مان نڪرڻ تي سوبه سگريٽ پيئڻ تي ڏاڍو ڏک ٿيو آهي ۽ چوان ٿو ته ڪاش جي سگريٽ نوشيءَ جي عادت نه هجي هان ته اهي گهڙيون به هن نوراني مجلس ۾ گذاريان هان!

بس پوءِ ڇا ٿيو جو محبوباً مون کي ويجهو گهرايو ۽ فرمايائون ته غلام مصطفيٰ سڏائين ٿو منهنجو عاشق ۽ منهنجي اها معمولي ڳالهه به نٿو مڃين! ۽ سگريٽ ڇڏ! مرشدن ڪريمن جي دعائن سان هاڻي سگريٽ نوشي ترڪ ڪئي اٿم.

**زندگيءَ جي پهرين نوڪري ملڻ ۽ محبوباً جي نظر عنايت:**

مون کي پهرين نوڪري پيرول آفيسري ١٩٦١ع ۾ ون يونٽ جي دوران ملي، لاهور ۾ انٽرويو ٿيو، حميد صاحب ڊائريڪٽر هيو. سڄي سنڌ مان مونکي چونڊيو ويو ۽ ڇاڪاڻ ته هڪڙي ئي هئي. سليڪشن ڪانپوءِ حيدرآباد ۾ پوسٽنگ ٿي. پوسٽنگ کان اڳ ٽريننگ لاءِ لاهور ڊائريڪٽر جي آفيس ۾ گهرايو ويو. اها آفيس چوبرجيءَ ۾ هئي ڊائريڪٽر مهاجر هيو باقي اسٽاف جو سمورو عملو پنجابي هيو. ان وقت سنڌي ۽ غير سنڌيءَ جو تعصب اوج تي هيو.

جمعي جو ڏينهن هيو. اڌ ڏينهن موڪل هئي. جمع نماز حضرت داتا گنج بخش جي مسجد مبارڪ ۾ پڙهڻ ايس نماز کان فارغ ٿي صلواة وسلام پڙهيا ويا. جيئن ته طبيعت تي سخت بار هيو سو حضرت داتا صاحب جن وٽ به فاتح پڙهي ڪين سنڌس شهر جي ماڻهن جي شڪايت ڪيم ۽ دعا ۾ عرض ڪيم ته آءٌ حضرت امام رباني مجدد الف ثاني غوث صمداني رحمة الله عليه جو مريد آهيان. پنهنجن ماڻهن کي سمجهاءِ ۽ جي مون مرشدن ڪريمن کي داڻهن ڏني ته سائين تون به تڪليف ۾ اچي وينڊين. ايترو چئي دعا پوري ڪري انهيءَ ئي جوش ۾ لاهور جي شاهي مسجد ۽ قلعي پهتس. اتي شاهي مسجد ۾ رکيل تبرڪات جي زيارت ڪيم. جتي حضرت امام حسين عليه السلام جن جا مڪتوبات شريف رکيل هئا ۽ حضرت پيران پير دستگير جن جي دستار مبارڪ رکيل هئي ۽ سون جي تارن سان لکيل قرآن پاڪ رکيل هيو.

انهيءَ ئي جوش ۾ واپس رهائش گاهه ڪوارٽر نمبر 13-H وحدت ڪالوني پهتس جو برادرم نظر محمد جو هيو پاڻ ان وقت لاهور

سيڪريٽريٽ ۾ ملازم هيو.

رات جو حضرت مرشد ڪريم شهنشاهه شاهه آغا جي حضور ۾ خط ذريعي دانهن لکي ٻاهر ٽپال جي دٻي ۾ وجهي آيس.

رات جو سهڻ شرط محبوباً مرشدن ڪريمن زيارت ڪرائي. ڏسان ٿو ته درگاهه شريف پهتو آهيان ۽ شهنشاهه پنهنجي حويلي مبارڪ جي دروازي مبارڪ تي ويٺا آهن. ٻئي پير مبارڪ چاڙهڻ تي ۽ هڪ هٿ مبارڪ ڪرڙي کي جهليل. جيئن ئي قدم بوسي ڪيم پاڻ ڪمال شفقت سان فرمايائون ته غلام مصطفيٰ تو جڏهن جمعي جي نماز پڙهي آءٌ توسان گڏ هيس، تو جڏهن داتا صاحب تي فاتح پڙهي آءٌ توسان گڏ هيس، تون جڏهن تبرڪات پئي ڏٺا آءٌ توسان گڏ هيس تون فڪر نه ڪر آءٌ توسان گڏ آهيان.

صبح جو ايتري ته خوشي ٿي جنهن جي نه حد نه حساب آفيس ويندي ئي ڪايا پلٽجي وئي. باقي عرصو ٽريننگ جو ايئن گذاريم جو ڄڻ آءٌ انهن جو آفيسر آهيان ۽ هو منهنجا زبردست ماتحت. (سبحان الله)

جڏهن ٽريننگ پوري ڪري سڌو سنئون درگاهه شريف تي مرشدن ڪريمن جي زيارت لاءِ پهتس تڏهن ساڳيو خواب وارو منظر ڏٺم ساڳيو وقت هيو جو خواب ۾ هيم. ساڳئي گفتگوءِ ٿي جا خواب ۾ ٿي هئي. مون کي يقين آهي ته منهنجا مرشد ڪريم هر وقت هر گهڙي ۽ هر ساعت هن گنهگار مريد سان گڏ آهن ۽ رهندا.

انهيءَ ڳالهه جي تصديق لاءِ ٻيو مثال عرض ڪري رهيو آهيان:

هڪ دفعي شهنشاه شاهه آغا جن ڪراچيءَ غريب خانه تي تشريف فرما ٿيا. روانگيءَ وقت دعا جا پير گهمائڻ لاءِ اندر جاءِ تي آيا. سيني ٻارن ٻچن دعائون گهرايون ۽ ڦيٽان رکايا. جڏهن واپس ورڻ لڳا ته جذبات ۾ سڏڪو نڪري ويو. جو محبوباً ٻڌي ورتو. انهيءَ هند بيهي، مون ڏانهن متوجه ٿي، فرمايائون ته "غلام مصطفيٰ تون دلگير نه ٿي جدائي ڪونهي مان توسان هت به گڏ آهيان ۽ هت به گڏ هوندس. ايئن فرمائيندي جذبات ۾ اچي ويا. سندن منهن مبارڪ ڳاڙهو ٿي ويو. ۽ پوءِ درگاهه شريف لاءِ روانگي فرمايائون.

## ٢٧ رمضان المبارڪ جو هڪ واقعو:

شهنشاهہ شاهہ آغا سهڻي جي زماني مبارڪ کان راقم الحروف جي اِها عادت رهي آهي تہ ٢٧ ستاويهين رمضان المبارڪ جي درگاهہ شريف تي ڪندو آهيان. اهڙي ئي هڪ ٢٧ ستاويهين شريف گذارڻ لاءِ درگاهہ شريف ويس.

سخت گرمين جا ڏينهن هُئا قوهہ جواني هئي. گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد ۾ بي اي ۾ پڙهندو هئس. عصر جي نماز جماعت سان نصيب ٿي جنهن ۾ شهنشاهہ جن بہ هئا. نماز کان فارغ ٿي سيئي صاحبزاده حضرات افطاريءَ جي تياري لاءِ مسجد شريف مان نڪري ويا. مان بہ نڪري وڃي ٻهاري ۽ ڇنڊڪار ڪيو. پوءِ ڪپڙا ڇنڊي، وضو ڪري اچي پڙينءَ جي سامهون ٿي ويٺس. ان وقت مسجد شريف ۾ محبوب کان سواءِ ٻيو ڪو بہ نہ هو فقط سائين محمد هاشم جان صاحب معروف بہ سائين حافظ جان مسجد شريف جي ورهانڊي مبارڪ جي ڏاکڻي ڪنڊ ۾ ويٺا هئا، مولوي امام دين مرحوم سائن همراهي ڪرڻ لاءِ ويٺو هيو ۽ مُستيءَ جو شربت هڪ بالٽيءَ ۾ پئي ٺاهيو. هن ٻانهي لاءِ انهيءَ دوران صاحبزاده مرشدزاده قبلہ مولوي غلام نبي جان جن جي حويلي مبارڪ مان موٽڻي شربت جو جڳ ٻيا ڪيترا ننڍا وڏا موسم جا ميوه ڊِش ۾ پرجي آيا جي مون پنهنجي سامهون رکيا.

قارئين ڪرام کي عرض ڪندو هلان تہ جهڙيءَ طرح اڄ ڪلهہ درگاهہ شريف تي هڪ ئي دسترخوان تي روزو افطار ٿئي ٿو، ان ۾ حضرت مرشد ڪريم جن خود، سندن صاحبزادگان حضرت سائين مولوي سهڻا جن ۽ سيئي صاحبزادگان مهمان مڙا نوڪر چاڪر ٻانهان وغيره هوندا آهن. اُن وقت ائين نہ هيو. جنهنجو جو مهمان هوندو هو ان لاءِ افطاري ايندي هئي ۽ الڳ ويهي روزو ڇوڙيندو هيو.

اهڙيءَ طرح منهنجي افطاري بہ آئي ۽ شهنشاهہ سهڻي بہ پنهنجن هٿن مبارڪن سان ٻانهي کي اسپنگر وغيره عنايت فرمايو.

سائين حافظ جان اشارو ڪيو ته مون وٽ اچي ويهه، مون شهنشاهه ڏانهن نهاريو ته وڃان يا نه. پاڻ سائينءَ حافظ جان ڏانهن نهاري اشاري سان مونکي فرمايائون ته اتي ئي ويٺو هج! پوءِ مان سائين حافظ جن ڏي ڪونه ويس: (اِها شان آهي اسان جي مرشد ڪريم جن جو جيڪي پنهجي مريدن کي پنهنجن مائٽن کان وڌيڪ قرب ڏين ٿا.)

ويٺي ويٺي دل ۾ خيال آيو ته شهنشاهه جي عمر مبارڪ وڏي آهي وره جو ڏينهن ٿو ٿئي. سائينءَ جن کي روزو تنگ ڪندو هوندو سخت گرميءَ جي ڪري سخت اُڃ لڳندي هوندي. متان روزا فرض ته هاڻي ڪونهن!

يڪدم دل جو جواب ڏنائون ۽ فرمايائون ته ڪابه تڪليف نٿي ٿئي، فقط صبح جي ٿوري عرصي لاءِ چانهن ۽ ناس جي گهرج محسوس ٿئي ٿي ۽ پوءِ بس!

هڪڙي ڳالهه جي وضاحت ڪندو هلان ته ڀلا سائين غلام نبي جان ڇو ايترو مهربان هُئا؟ انهيءَ جو سبب اِهو هيو جو منهنجي والد ۽ والده سان صاحبزاده سهڻي پنهنجن پاڪن سڳورن سان گڏ حج جو سفر ڪرڻ فرمايو هو. مون عاجز کي پنهنجي اولاد وانگر ڀائيندا هُئا. جڏهن به حيدرآباد ۾ تشريف فرمائيندا هُئا تڏهن هن غلام زادي وٽ ئي ٽڪندا هُئا ۽ اولاد وانگر خرچيون ڪيپون ڏيندا هُئا. (سبحان الله)

**١٩٦٢ع ۾ حضرت ماما سائين غلام رسول جن جو وصال، ڪراچيءَ واري جاءِ ويران، مونکي والدين جو ڪراچيءَ ۾ رهڻ لاءِ حڪم مرشدن ڪريمن جي مهربانين سان اِهو گهر وري آباد ٿيڻ جو واقعو:**

مونسان قسمت مذاق ڪندي آئي آهي جا اڃان به ختم نٿي ٿئي. ١٩٥٩ع ۾ ايڪسائيز انسپيڪٽر جون حيدرآباد ۾ جايون خالي ٿيون. مون نوڪريءَ لاءِ درخواست ڪئي. ڊائريڪٽر آفندي صاحب انٽرويو ورتو. مون کي سليڪٽ يعني چونڊيائين ۽ چيائين ته بابا تون

ٻاهر ورهانديءَ ۾ ويهه توڪي آرڊر ڏيئون ٿا. اچي ويٺس، اوچتو مرحوم ولي محمد ۽ برادرم ڊاڪٽر عبدالخالق جن اچي ڪڙڪيا. الائي ڪين ڪيئن خبر پئي ۽ اچي چيائون تہ بابا اها نوڪري نہ ڪر پنهنجو وقت برباد ڪندين تون ايم اي فائينل ۾ آهين. پاس ڪرڻ کانپوءِ ليڪچرار ٿيندين ۽ اڻ آرڊر نہ وٺ. بس زوريءَ ٻانهن کان ڪنيي ٻاهر وٺي ويا.

١٩٦٠ع ۾ پيرول آفيسريءَ ملي جا بابا سائينءَ مونکان ڇڏرائي جنهن جو صدمون اڄاڻان تائين آهي. ۽ حضرت شهنشاهہ شاهہ آغا جن کي ڏاڍو افسوس ٿيو هيو ۽ فرمائيندا هئا تہ بابا نوڪري ڇڏڻ سولي آهي پر ملڻ ڏکي آهي.

سڄي گهر ۽ خاندان جو بار جڻ مونتي هيو جو بغير نوڪريءَ جي وڃين ڪراچيءَ واري بنگلي ۾ پرگهور لهان ٿلهہ تي! افسوس ڪنهن کي اهو خيال نہ آيو ويچارو نوڪريءَ ۾ آهي هن جي بدلا بدلي ڪرايو ڪراچيءَ. فقط زور هيو نوڪري ڦٽي ڪرڻ تي شڪر آهي جو اها ماستري بہ ملي ورنہ ان جي لائق بہ ڪونہ هيس. اهو تہ شهنشاهہ شاهہ آغا جن صاحب وظيفو عنايت فرمايو تڏهن وڃين ماستري ملي ۽ شڪر ڪيم.

**ڪراچيءَ ۾ پهچڻ وقت بنگلي جو منظر:**

سڄو گهر ڄارا هيو. فون ڪٽيل هئي، پاڻي ڪٽڻ جي مشين سڙيل هئي. پهريان ٻئي ڏينهن گهر جا ڄارا صاف ڪرڻ ۾ لڳي ويا. پوءِ هرروز اهو ڪم ڪندو هيس جو بہ سماوار يعني ڊرم پاڻيءَ جا پريندو هئس. جنهن مان ماني ٽڪي ۽ وهنجڻ وغيره ٿيندو هو.

برادرم ڊاڪٽر عبدالخالق جن بہ ايل ايم سي L.M.C ڪاليج مان ايم بي بي ايس M.B.B.S پاس ڪري ڪراچيءَ جي سول اسپتال ۾ هائوس جاب ڪرڻ لڳا. پاڻ سان ميان عبدالله بورچي خيرپور مان وٺي آيو هئس. اهو ڪجهہ وقت رهيو پر پوءِ اهو بہ منهنجو حال ڏسي پنهنجي ڳوٺ دادو هليو ويو. پاڻي پري پري مونکي بخار ٿي پيو.

جن جي بزرگن ۽ اولاد مبارڪ جا واسطا، پنهنجن وڏن جا واسطا لکي زوردار نموني دعوت عرض ڪيم، محبوباً ان عريضي جو جواب موڪليو ۽ فرمايو ته ڪنهن به ٻئي ماڻهوءَ کي اطلاع نه ڏجِ. ڪوشش ڪري ڪنهن دوست آشنا کان موٽر وٺي اچج يا لانڍيءَ کان ٽيڪسي ڪرائي اچج ته جيئن ٻاڙو گهٽ لڳي.
( مڪتوب شريف نمبر ۴ ڪتاب جي آخر ۾ حوالي لاءِ).
دوست آشنا ته ڪو اهڙو ڪونه هيو. البته لانڍيءَ کان ٽيڪسي ڪرائي وڃي حاضر ٿيس. سائين حاجي حزب الله جان مرحوم جي اوطاق جي ٻاهران تنبو لڳل هئو. پاڻ اُتي تشريف فرما هُئا. مون کي ڏسي يڪدم اٿڻ جي تياري ڪيائون. جڏهن ويجهو وڃين قدم بوسي ڪيم، ان وقت سائين حزب الله جان عرض ڪيو ته قبله ٿورو ترسو چانهن اچي ٿي نوش فرمائي پوءِ وڃون. پاڻ جواب ۾ فرمايائون:
بابا هيءُ چوڪرو ٽيڪسي ڪرائي آيو آهي هن تي ٻاڙو گهڻو لڳي ويندو ۽ آءٌ آيو ئي هن جي دعوت تي آهيان. هن مون ڏانهن خط لکيا جنهن ۾ وڏن جا واسطا لکي موڪليائين، مان ڊڄي ويس، ايئن فرمائي هٿ مبارڪ ڏڪائڻ لڳا. فاتح خوانيءَ تي آءٌ پوءِ ڪڏهن به اچان هان، فاتح خواني ڪڏهن به پراڻي نه ٿيندي آهي. سبحان الله سندن برادريءَ جو معاملو هيو جو اِها ڳالهه ظاهر نه فرمائين ها ته ڪنهن کي ڪهڙي خبر.
ٽيڪسيءَ ۾ سوار ٿي ١٦٣ گارڊن ويسٽ تي اچي نڪتاسين. گيٽ وٽ هڪ شخص مهاجرن جهڙي وضع قطع سان ويٺو هو. ڪيس ڏسي آءٌ ڊڄي ويس. خوف ٿيو ته سائينءَ جن مون کي ڪنهن به ماڻهوءَ کي ٻڌائڻ جي منع فرمائي هُئي خبر ناهي هيءُ ڪير آهي ۽ هن کي ڪيئن خبر پئي؟ پر شڪر آهي منهنجو خوف جلد ختم ٿي ويو، جڏهن شهنشاهه رحه سائس گفتگو فرمائي، فرمايائون شيخ صاحب خوش آهيو وغيره.
سائين ۽ شيخ صاحب اندر هليا، اڱڻ تي محبوب جي سيج وڇائي هيم، سياري جا ڏينهڙا هُئا. مون ڊڪ پائي وڃين چانهن ڪئي -

ڪاوڙجي هليو ويو. جي نيرن آءٌ نہ ڪندس. مون چيو فڪر ناهي مان پاڻ خود نيرن ڪري ولندس. ايتري ۾ حضرت صاحب جن آرام فرمايو آءٌ ۽ حاجي داد فقير ٻاهر ويٺا ڳالهيون پيا ڪيون، ڪليم الله حضرت صاحب جن وٽ وڃين ستو. مرحوم ميان مير محمد قريشي منهنجو پيارو دوست حضرت صاحب جن جي زيارت لاءِ آيو. ۽ نيرن جي دعوت بہ ڏيڻي هئس. سائينءَ جن تہ آرام ۾ هئا. آءٌ ڪيئن اجازت ڏيان. حاجي دائود مرحوم چيس تہ مير صاحب تون وڃي نيرن ڪراءِ آءٌ ٿو توکي اجازت ڏيان. آءٌ پاڻهين تنهنجي نيرن قبول ڪرائيندس. بحرحال مون چيومانس تہ نيرن صبح جو سوير پهچي وڃي. جيئن پاڻ فجر جي نماز جو سلام ورائي ويهن ۽ دعا گهرن تہ نيرن اچي وڃين. ٿيو بہ ائين، سندن بنگلو اسان جي بنگلي جي سامهون هيو. نيرن پهچي وئي جنهن ۾ هن جوان جي پٽ الائي ڇا ڇا ڪرايو. سائين ڏسي حيران ٿي ويا جي غلام مصطفيٰ اڪيلو هيءَ وڏو اهتمام ڪيئن ڪيو اٿس! اتي حاجي داد هٿ ٻڌي عرض ڪيو تہ قبلہ سائين حضور جن آرام ۾ هيا. مير محمد قريشي جو غلام مصطفيٰ جو دوست آهي نيرن جي دعوت کڻي آيو هيو. هن جا وڏا اوهان حضرات جا مريد هيا سو اها قبول پوي پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ ماشاالله الله تعاليٰ جون نعمتون آهن. اچو سڀئي اچي کائون. ائين سندس نيرن قبول پئي بفضلہ تعاليٰ.

پوءِ منجهند جي ماني کاڌائون يا نہ مونکي ياد ناهي. پاڻ درگاهہ شريف لاءِ روانگي فرمايائون.

جيئن تہ هيءَ سڄو عرصو انتظار انتظار ۽ فڪر ۾ گذريو، نہ آءٌ حضور ۾ گهڻو ويٺس ۽ نہ ٿي وري سور سليم، ائين وقت گذري ويو ۽ سڄڻ سانيا ڪري اسري ويا. قدم بوسي ڪري موڪلايم پاڻ دعائن سان نوازيائون ۽ خير جي دُعا گهري اُسريا.

سندن اسرڻ ڪانپوءِ ڏاڍو ڏک ٿيو. دل ۾ چيم جنهن مقصد لاءِ محبوبا کي دعوت ڏيڻي تڪليف ڏنم. اُهو مقصد تہ مون محبوبا کي ٻڌايو ئي ڪونہ! ۽ وقت ائين گذري ويو. ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ سخت

رقت ٿي.

محبوبا جي روانگيءَ پٺيان هيءَ غزل چيم، جو قارئين جي اڳيان آهي. انهيءَ مان منهنجي جذبات جي ڪيفيت معلوم ڪري سگهجي ٿي.

مدت کان منتظر هيون ديدار لهِ جي اکڙيون
مضطرب بي چين هيون جلوي پسڻ لهِ اکڙيون.
اڃهو هاٿي آيو هُئين
ٿي ابر رحمت وسڻ آئين
اڃان تہ ڍڪ نہ هو پريم
سهٹان سائين هليو وئين
رئان ٿو هاڻ زار زار
ٿيون رت رئن هيءَ اکڙيون

مدت کان منتظر هيون ديدار لهِ جي اکڙيون
مضطرب بي چين هيون جلوي پسڻ لهِ اکڙيون.
اڃان نہ ڪجهہ چيو هُئم
نہ ٿي وري ٻڌو هُئم
نہ سوز دل سليو هئم
نہ سور سڄڻ سليا هئم
اکين اڳيان هليو وئين
نہ چٽي سگهيون ڪجهہ اکڙيون

مدت کان منتظر هيون ديدار لهِ جي اکڙيون
مضطرب بي چين هيون جلوي پسڻ لهِ اکڙيون.
سومرا نہ ڪنهن سان سور سل
چپ آ پلي چٽي پٽي دل
راضي راٺو ٿيندو مون شل
ايندم اڳڻ ڪندم ڪهل

کندس خوشيون، ٿينديون عيدون
کلنديون وري هي اکڙيون.

تنهن کانپوءِ هيءُ گهر آباد ٿيو. ۽ اڄ پير پاڻ جي ٻ جاءِ ناهي ماشا الله- ڏل او سبحانه تعاليٰ سڄي خاندان کي خوش خورم شاد و آباد رکي ۽ مرشدن ڪريمن جي محبت ۾ سرشار رکي آمين ثم آمين.

**برادم عبدالرحيم، نظر محمد پناڻ ۽ خادم جو گڏجي ڪراچيءَ کان محبوب مرشدن ڪريمن جي خدمت اقدس ۾ درگاهه شريف تي حاضر ٿيڻ:**

ٽئي صلاح ڪري گڏجي ڪراچيءَ کان مرشد ڪريمن جي زيارت لاءِ نڪتاسين. حيدرآباد پهچي خواجه غريب نواز پل وٽان مرشد ڪريمن لاءِ ميوو ورتم چوندا آهن ته مرشد ۽ محسن ڏي هٿين خالي نه وڃجي سو اسان ٻ پنهنجي وت آهر ميوو وٺي درگاهه شريف روانه ٿياسين. جڏهن محبوبا جي خدمت اقدس ۾ پهچي ميوي جون ٿيلڙيون رکيون سين تڏهن مرشد ڪريمن فرمايو ته "توهان مونتي احسان ڪونه ڪيو آهي توهان کي الله تعاليٰ جو حڪم ٿيو تڏهن منهنجي لاءِ ميوو وٺي آيا آهيو" اهي الفاظ مبارڪ ٻڌندي ئي ڏڇجي ويس ۽ هٿ ٻڌي عرض ڪيم ته مٺا سائين اهو حضور جن جو احسان آهي جو اسان جي آندل ناچيز تحفي کي حضور جن قبول ٿا فرمائين! خلاف عادت نه خوش خير عافيت ڪيائون ۽ نه ئي وري وڌيڪ گفتگو فرمايائون.

اڄ سمجهان ٿو اسان حاضرين مان ڪنهن نه ڪنهن جي دل ۾ اهو خيال آيو هوندو ته هيترا سارا مال پير صاحبن کي مفت ۾ ٿا پيا ملن! استغفرالله ربي- خدا تعاليٰ شاهد آهي ۽ دلين جو مالڪ آهي، مون گنهگار جي دل ۾ ڪوبه اهڙو خيال ٻ نه آيو.

سائين پوءِ مون زور ڀريو درود شريف تي ايتري ۾ سانجهيءَ جي

ڪيو وڃي ٿو" اهي چند الفاظ اهڙا ته هُيا جي سونن حروفن ۾ لکڻ لائق آهن ۽ هر عام خاص انسان لاءِ نصيحت آهن. جو ادب اسين مرشدن ڪريمن جو ڪيون ٿا، جيترو گهڻون ڪنداسين اوتروئي وڌيڪ اسان لاءِ فائدو آهي. باقي وهاڻان ڪچن ۾ رکي پليٽون ماري وهنداسين ته ملندو به اوتروئي فيض، اڄ تائين مرشدن ڪريمن جو اُهو ئي فيض آهي فقط اسان مريدن ۾ ادب ڪونه رهيو آهي. اسان ۾ ڪي مريد اهڙا به آهن جو مرشدن ڪريمن سان دوستيءَ جهڙو برتاءُ ڪن ٿا. خدا تعاليٰ شل اسان کي انهن ڳالهين کان بچائي آمين.

اڄ پڻ پيا ياد، سدا سهڻا سپرين
ڳلن تان ڳوڙهن جي وهي هلي برسات
سندي سپرين ياد، ڪارا قلب اُجريا.

سومري ڪي سهڻا، تنهنجي تات ڪيو بيتاب
ڪندي ڳالهيون ڪاڪ جون، وهيو اکين کان آب
ڪيئن گهاري اياڳ، پرين پنهنجن کان پري

**ڦيٿي رکڻ جي اجازت عطا ٿيڻ:**

منهنجي والده ماجده جي حياتيءَ ۾ ۽ منهنجي يادگيريءَ ۾ کين ٻه بيماريون ٿيون. هڪ عرق النساءُ جو سور ۽ ٻيو فالج جو حملو، ٻئي بيماريون ڏاڍيون خطرناڪ هيون. عرق النساءُ جنگهه ۾ هڪ رڳ جو نالو آهي جا سڪي ويندي آهي ۽ انسان کي هلڻ نه ڏيندي آهي. امڙ کي والد صاحب جن هت ڪراچيءَ وٺي آيا ۽ علاج ڪرايو جو شفاياب ٿي خير سان موٽي ڳوٺ وئي. انهيءَ عرصي دوران امڙ جي حڪم تي ڪيس ڦيٿو رکندو هئس. آيات شفا حضرت مرشدن ڪريمن جي ڪتاب مبارڪ راحت القلوب مان ڏسي ڦيٿو رکندو هُئس. پوءِ مون سوچيو ته ڇو نه حضرت مصنف يعني شهنشاهه شاهه آغا کان اجازت طلب ڪيان. پاڻ وڏي شفقت ۽ پيار سان جواب ۾ اجازت عنايت فرمايائون. نه فقط ايترو پر عام اجازت به ڏنائون ۽ لکڻ

فرمايائون تہ مريض تي دم بہ ڪر، پاڻيءَ تي دم ڪري بہ ڏي ۽ پليتون لکي بہ ڏي سبحان الله.

سندن دعائن جو اثر اهو آهي جو اڄ بہ اوڙي پاڙي وارا ڦيٿان رڪائڻ لاءِ ايندا رهن ٿا. امڙ سائڻ بہ انهيءَ بيماريءَ مان چڙهي وئي (بفضلہ تعاليٰ).

١٩٨٣ يا ١٩٨٤ع آهي، حضرت سجاده نشين قبلہ آغا عبدالحميد جان مدظلهل اعليٰ جن پنهنجي والده ماجده عليہ رحمۃ جن جي علاج خاطر هت ڪراچي تشريف فرما ٿيا هُئا ۽ غالباً مهينو سواءِ رهيا هُئا. شام جو جاءِ جي اڱڻ ۾ مجلس ٿيندي هُئي ۽ مريد مُخلص ديدار ڪرڻ ايندا هُئا. مجلس مبارڪ اوج تي هُئي جو ايتري ۾ پاڙي جو ڌوبي اڙدو ڳالهائيندڙ رڙيون ڪندو داخل ٿيو ۽ چوڻ لڳو تہ 'سائين بابا ميری بيٹی کو جن نے پکڑ ليا ہے اور اُسکی گردن ٹيڑی ہوگئی ہے چل کر دم کرو' مان پريشان ٿي ويس ۽ حضرت صاحب جن ڏانهن نهاري عرض ڪيم تہ هن جنَ کي مان ڇا ٿو ڪري سگهان! پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ تون وڃ خدا ڪندو خير ٿي ويندو ۽ جنُ نڪري ويندو. ٿيو بہ ائين جيئن ئي ڌوٻيءَ جي گهر ۾ داخل ٿيس، جن ڀڄي ويو. مريضہ جو ڪنڌ سڌو ٿي ويو ۽ هوءَ کلڻ لڳي. حضرت صاحب جن اِها خبر ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيا.

**هر رات شبِ قدر جي رات:**

جيترو عرصو حضرت مرشد ڪريم قبلہ آغا عبدالحميد جان دامت برڪاته ڪراچيءَ ۾ هُئا ڏاڍو خوشيءَ جو وقت پئي گذريو دنيا وما فيها جي خبر ڪانہ ٿي پئي جڏهن جو پاڻ پاڪن سڳورن سان درگاه شريف خير سان اُسريا. تڏهن ڏاڍا ٻُسا ۽ اُداس ٿي پياسين. سڀ گهر جا ڀاتي غمگين ٿي پيا. انهيءَ پهرين رات گهر وارن کي هاتفي آواز چٽو ٻڌڻ ۾ آيو ڪو چوڻو پيو تہ "جيترو عرصو حضرت صاحب جن اتي هُئا. هر رات شبِ قدر جي رات هُئي جا هاڻي ختم ٿي وئي! سبحان الله.

## قاضي غلام مصطفيٰ سان ڪچهري:

جڏهن ماما سائين مرحوم غلام رسول سکر ۾ فرسٽ ڪلاس سول جج هيو، ان وقت قاضي غلام مصطفيٰ صاحب اُتي ڊپٽي ڪليڪٽر هيو. سندس سرڪاري رهائش گاهه ماما سائينءَ جي رهائش گاهه جي پرسان هئي. هيءُ صاحب گهڻو ڪري هر روز ملاقات ۽ ڪچهري ڪرڻ لاءِ مامي سائينءَ جن وٽ ايندو هيو ۽ آءٌ سندن خدمت ۾ چانهن وغيره کڻي ايندو هُيس. انهيءَ ناتي سان قاضي صاحب مونکي ننڍي هوندي کان سڃاڻيندو هيو.

آءٌ ڪراچيءَ جي جنهن علائقي ۾ رهان ٿو. اهو تمام قديم آهي ۽ اُتي پراڻا سنڌي پاڪستان ٺهڻ کان اڳ وارا رهون ٿا جنهن کي گارڊن ويسٽ ڪوٺيو وڃي ٿو. اسان جي گهر جي سامهون پٿر جو ٺهيل پراڻو گهر هيو جنهن ۾ قاضي صاحبان رهندا هُئا. قاضي امداد علي، قاضي عبدالقادر جج ۽ سندس فرزند قاضي محمد اشرف جو هن وقت وڪالت پيشي سان منسلڪ آهي رهندا هئا. قاضي اشرف صاحب پنهنجي بزرگن جي وصال کان پوءِ اها جاءِ ڇڏي هاڻي وڃي ڪلفٽن رهيو آهي.

انهي پراڻي جاءِ ۾ قاضي عبدالقادر مرحوم پنهنجي والدين جي هر سال ختمون خيرات ڪندو هيو ۽ قرآن خواني ڪرائيندو هيو. انڪانپوءِ قاضي محمد اشرف پنهنجي والدين جي هرسال قرآن خواني ڪرائيندو هيو ۽ پاڙي اوڙي وارن کي به دعوت ڏيندو هيو. انهيءَ موقع تي قاضي غلام مصطفيٰ مرحوم قاضي اشرف صاحب جن جو سهرو به ٿئي، آيو هيو. جڏهن ختمون خيرات جو ڪم پورو ٿيو ۽ ماني وغيره کائي سانجهيءَ جي نماز پڙهي هر ڪو هلڻ لڳو تڏهن آءٌ به موڪلائي هلڻ لڳس پر قاضي صاحب ٻانهن ۾ هٿ وجهي ڇڪي وهاريندي فرمايو ته "زوراور تون ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ ويهه ڪجهه ڪچهري ته ڪيون، حياتي الائي ڇا آهي" ۽ ٿيو به ائين ٻئي سال ملاقات نه ٿي. قاضي صاحب انهيءَ دوران وفات فرمائي ويا ۽ قاضي

ڪنڌ ۾ هٿ پيا ۽ "زون" جو آواز آيو حڪم ڪيائون ته هاڻي اکيون کول ڏسان ته ڪعبته الله شريف ۾ حجر اسود جي سامهون ويٺو آهيان. پوءِ مونکي طواف ڪرايائون ۽ دعائون به پڙهائيندا هليا. طواف جا احڪام پورا ڪرائي منا وٺي هليا. پوءِ عرفات وياسين. رات جو مزدلفه ۾ رهياسين. موٽي اچي منا ۾ شيطان کي پٿريون هنيون سين. طواف وداع ڪري هاڻي مخدوم صاحب رحمته الله عليه جن فرمايو ته تنهنجو حج ٿي ويو. هاڻي ڳوٺ موٽي هل. تنهن تي عرض ڪيومانس ته سائين حضور سرورِ ڪونين فخرالانبياءُ شفيع المذنبين رحمته اللعالمين جن جي زيارت کان مشرف فرماءِ. تڏهن فرمايائين ته چڱو. بس اکيون بند ڪرڻ جي دير هئي. سوساڻ ٿيو ۽ وڃي سرڪار دوجهان ﷺ جن جي اڳو مواجه مبارڪ بيٺاسين. سلام وغيره پڙهايائين. ايتري ۾ مون عرض ڪيو ته پاڻ ڪريم ﷺ جن جي مرقد مبارڪ جي به ته زيارت ڪرايو. حڪم ڪيائين ته اکيون بند ڪر. ڪنڌ ۾ هٿ وجهي مواجه مبارڪ ۾ ڪنڌ وڌائين ڪنڌ جاري مبارڪ جي اندر هليو ويو ۽ مون پاڻ ڪريم ﷺ جن جي مرقد مبارڪ جي زيارت ڪئي. آخر ۾ چيائين ته هاڻي ٻڌايو ته منهنجو حج ٿيو يا نه؟ "مون چيومانس ته بابا حج ٿي ٿي تنهنجو پڪو ٿي پڪو"

جڏهن موڪلائي گهر پهتس جو قاضي صاحب جن جي گهر جي سامهون آهي. تڏهن اچي حضرت قبله مرشد ڪريم شهنشاه شاه آغا ڏانهن متوجه ٿيس ۽ روئي عرض ڪيم ته اوهانجا خليفه سڀورا پنهنجن مريدن کي پيا ٿا ٻهاريون ڪرائين باقي مون ڏوهه ڪيو؟

بس پوءِ انهيءَ ساڳيءَ رات شهنشاهه شاه جهان ولين جي سردار مون گنهگار کي مخدوم رحه صاحب جي خدمتگار کان ڪيترا ڀيرا وڌيڪ ٻهاري ڪرائي. وڌيڪ ڇا عرض ڪيان جيڪو چاهيم ان کان وڌيڪ عطا ٿيو.

اين سعادت بزور بازونيست

ٿي هليس. سندس تعاون جي نہ هجي ها تہ جيڪر ايتري بہ خدمت نہ ڪري سگهئون ها! اسان کي ڏينهن ۽ رات جو هوش نہ هوندو هو. هر وقت هر هڪ جي زبان تي بي بي سائڻ جي صحت سلامتي و عمر درازي لاءِ دُعا هوندي هُئي. وڏي ڳالھہ اِها هُئي جو صاحبزاده سهڻن کي شادي ڪئي چار سال مس گذريا هُئا. دعائن ۾ دوائن ۾ حضراتن ڪين گهٽايو پر افسوس جو ڪنهن بہ فائدو نہ رسيو ۽ بي بي سائڻ ٢٧ رمضان تي وفات فرمائي.

اسان جي حضراتن کي جيتريقدر تڪليفون آيون اوتريقدر صبر فرمايائون ۽ ڪڏهن بہ زبان مبارڪ تي ڪو شڪوه شڪايت نہ فرمايائون.

انهيءَ امتحان جي دوران محبوب مرشد ڪريم قبلہ حاجي عبدالحميد جان آقا جن گهر جي اڱڻ ۾ ٻاهر تشريف فرما هُئا. هلڪيون هلڪيون مينهن جون ڪڻيون بہ پئي وسيون. پاڻ بادام جي وڻ هيٺان ويٺا هُئا. هيءَ خادم بہ حضور ۾ حاضر ٿيو ۽ هٿ ٻڌي عرض ڪيم تہ قبلہ سائين خدمت ۾ ڪا ڪوتاهي يا ڪمي پيشي ٿيندي هجي يا ٿي وئي هجي تہ پنهنجي ڪريميءَ جي مهابي اسان خادمن کي معاف فرمائجو. منهنجي انهيءَ عرض ڪرڻ تي سندن اکين مبارڪن مان موتيءَ جا داڻا وهڻ لڳا ۽ ايڏيون تہ دعائون ڪرڻ فرمايائون جنهن لاءِ مون وٽ الفاظ ڪونهن.

رب العالمين جا راز تہ الائي ڪهڙا آهن. پنهنجن پيارن کي ايتريون تڪليفون ڇو ٿو ڏئي؟ اُهو تہ پاڻ ئي ٿو ڄاڻي. پر الله تعاليٰ پنهنجن پيارن کي سندن حيثيت آهر ڏيندو آهي جا عام انسان جي سمجهڻ کان ٻاهر آهي ۽ عقل حيران آهي. بزرگن جي صحبت ۾ رهڻ سان ايتري خبر ضرور پئي آهي تہ الله تعاليٰ پنهنجن پيارن جا درجات بلند ڪرڻ لاءِ تڪليفون ڏيندو آهي تہ جيئن سندن درجات کي وڌائي.

دوست ڪُهائي دادلا تو محب مارائي
خاصن خليلن کي تو سختيون سهائي

الله الصمد بي نياز سا ڪري جا چاهي
انهيءَ منجهه آهي، ڪا اونهي ڳالهه اسرار جي.
(پٽ ڌڻي رحه)

## جهڙو اٿني نالو تهڙو آهين تون:

١٩٦٨ع جو سال آهي. سياري جا ڏينهن هئا. محبوب مرشد اڪرم هادي انور رهبر جن وانس حضرت آغا غلام علي جان نورُ الله مرقده جن هت غريب خانه تي تشريف فرما ٿيا.

قيوم جهان حضرت آغا غلام علي جان شهيد رحمة الله عليه جن جا پاڪ سڳورا پنهنجي پاءُ حضرت حاجي حافظ غلام قيوم جان صاحب جن سان گڏجي حج تي ٿي آسريا. محبوب سائين جن پنهنجي والد صاحب ۽ پنهنجي ڏاڏا سائين حضرت قبله خواجه محمد حسن جان رحمة الله تعاليٰ عليهم اجمعين جي ادب ڪان سندن ڪمري مبارڪ ۾ نه ترسيا پر وڏي هال ۾ آرام ڪرڻ کي ترجيح ڏنائون قارئين ڪرام کي اهو ٻڌائيندو هلان ته اسان جي گهر ڪراچيءَ واري ۾ محبوباً مرشدن ڪريمن لاءِ ڏاڏا سائين، مرشدن جي عاشق قاضي جان محمد صاحب رحمة الله عليه جن هڪ ڪمرو مخصوص ڪري ڇڏيو هيو. جنهن ۾ سندن بسترو، هند ۽ پلنگ مبارڪ پيل هوندو هو. جڏهن پاڻ تشريف فرما ٿيندا هئا. تڏهن اهو مخصوص ڪمرو کوليو ويندو هو ۽ پاڻ انهيءَ ۾ اچي رهندا هئا ورنه اهو بند پيو هوندو هو.

جيئن ته انهن ڏينهن ۾ مڇر ڏاڍا هيا. مون مڇر دانيءَ جو به بندوبست ڪيو هو ۽ رات جو به سندن ڪٽ مبارڪ جي پرسان سمهندو هئس ته جيئن متان رات جو ڪنهن ڪم ڪار جي ضرورت پئجي وڃين.

پهرين سڄي رات هيءَ ڪلمات پڙهندا رهيا. سبحان الله الحمدالله، استغفرالله ربي، وغيره وغيره، مون کي به ننڊ نه آئي جو مون سمجهيو پئي ته ڪين مڇر ننڊ ڪرڻ نٿا ڏين. تهجد تي اٿيا وري فجر

جي نماز ادا ٿي، فجر جو چانهن پيارڻ وقت مون عرض ڪيو ته قبله سائين حضور جن کي ننڊ ڪونه آئي شايد مڇر وغيره ڇاريءَ جي اندر گهڙي آيا هيا الائي ڇا. پاڻ وڏي شفقت ۽ محبت سان فرمايائون ته نه غلام مصطفيٰ مون کي ننڊ تمام سٺي آئي. در اصل مون کي خبر نه هُئي پهرين رات هُئي. پوءِ خبر پئي ته حضرت صاحب جن جي ننڊ اهڙي ئي هوندي آهي. (سبحان الله)

اسڪول لاءِ موڪلائڻ وقت پاڻ محبوب مرشد ڪريم ايڏو ته خوش هيا جنهن جي حد نه حساب سندن شفقت، محبت جو اندازو انهن لفظن مبارڪ مان لڳائي سگهون ٿا جو پاڻ فرمايائون "غلام مصطفيٰ تو کي مان ڪهڙي دعا ڪريان، جهڙو اٿئي نالو تهڙو آهين تون". (سبحان الله)

اهو آهي اگهڻي ته پاءُ
نه ته مٽن کي موٽ.

ٿوري وڌيڪ وضاحت ڪندو هلان ته حضرت شهنشاهه شاهه آغا ۽ حضرت شهزاده سهڻان سندن فرزند سڳورا حضرت قبله غلام علي جان قيوم جهان چانهن پيئڻ جا شوقين هئا. ان جي برعڪس هن وقت گادي نشين سهڻا ۽ سندن فرزند مبارڪ يعني قبله حضرت عبدالحميد جان آقا ۽ سندن فرزند مبارڪ حضرت عبدالوحيد جان آقا جن چانهن پيئڻ جا شوقين نه آهن.

## اعتڪاف ۾ ويهڻ:

بفضله تعاليٰ مون گنهگار کي ٽي دفعا اعتڪاف ۾ ويهڻ جي سعادت نصيب ٿي آهي. هڪ دفعو مرحوم خداداد بلوچ سان مقبري شريف تي ٻيو دفعو مرشدن ڪريمن جي مسجد مبارڪ دارلارشاد ٽنڊو سائين داد شريف ۾ ۽ ٽيون دفعو پنهنجي ڳوٺ ديهات شريف مسجد مجدد الف ثانيءَ ۾.

مقبري شريف تي ويهڻ لاءِ حضرت مرشد ڪريم قبله آغا عبدالحميد جان دامت برڪاته جن اجازت مرحمت فرمائي ۽ يعقوب

خادم سان گڏ مقبره شريف تشريف فرما ٿيا پاڻ سان انهن جو ٽوڪرو ٻه کڻي آيا. ڏاڍيون دعائون ڪرڻ فرمايائون. سڄي رات قرب جون ڪچهريون ٿيون روزه مبارڪ رکي فجر جي نماز پڙهي پوءِ درگاهه شريف رواڻا ٿيا.

يک زمانه صحبت با اولياءِ
بهتر است صد سال طاعت بي رياءِ

ٻيو اعتڪاف درگاهه شريف دارلارشاد درگاهه ٽنڊو سائين داد شريف جي مسجد مبارڪ ۾ ڪيم مارچ ۱۹۹۳ع مطابق ۱۳۱۴هه.

ٻنهي اعتڪافن ۾ محبوباً مرشدن ڪريمن حضرت شاهه آغا ثاني قبله عبدالحميد جان جن ۽ سندن صاحب زاده سائين عبدالوحيد جان آغا جن بيحد نوازشون لطف وڪرم فرمايا جنهن جي حد نه حسابا.

ٻئي محبوب هن غلام زادي سان ڪچهريون ڪرڻ ايندا هئا. جي غلام مصطفيٰ اڪيلو ريٺو آهي هُن وٽ هلي وهئون. سائين صاحبزاده سهڻون پنهنجن هٿن مبارڪن سان ڪافي ٺاهي پياريندا هئا. اها ڪافي نه هئي پر منهن جي لاءِ شراباً طهوره هيو ۽ فيض جا پيالا هُئا. انهي موقع تي غلام زاده مداح ٺاهي جا يادگيري طور هيٺ ڏجي ٿي:

مرشد جي پاڪ درگاهه تي رسايو مون کي موليٰ اڄ
پرين جي پاڪ پيشاني پسائي مون کي موليٰ اڄ

سالها سال کان منهنجي تمنا هُئي سا پوري ٿي
آئي مرشد جي مسجد ۾، وهاريو مونکي موليٰ اڄ

غلام مصطفيٰ آهي ٿيو نازان قسمت تي
گهرائي محب منڙي مون، وڌايو شان موليٰ اڄ

ٿئي روشن قلب منهنجو، پسان پيرو پيغمبر ﷺ جو
محمد ﷺ مير جو ديدار، ڪرائي مونکي موليٰ اڄ

واهہ واهہ قسمت ته منهنجي ڏس، ڪيم اعتڪاف منسوڻ
مسجد محبوب مرشد ۾، نوازيو مونکي موليٰ اڄ.

گهران ٿو هر گهڙيءَ هيءَ دعا، وسي درگاهہ مرشد جي
هجن شل شاد ۽ آباد، مڙئي حضرات موليٰ اڄ

مهابي هن مهيني جي، ٿين پوريون مرادون مون
اسانجي خاندان کي ڏي پرت جو جام موليٰ اڄ

ڪندي شل ٻاجهہ سان پوريون تمنائون جي آنديون مون
سهڻي مرشد جي صدقي ۾، وسائي مونکي موليٰ اڄ

غلام مصطفيٰ گولو شهہ مرشد مجدد (رضہ) جو
گهرائي پاڻ نيڻن سان، پسائي مونکي موليٰ اڄ

**محبوب زاده مرشد زاده علامه حاجي حافظ قبله عبدالوحيد جان آغا دائم برڪاتهم جن جي ڏوربيناري آمد تي استقباليه منقبت**

ڀلي آئين ڀلي آئين ڀلارا
ڀلارا ڀاڳ وارا بخت وارا

تنهنجي آئي ويا سڀ مرض موٽي
ٿيا خوشحال اسانجا گهرڙا سارا

ٿئي خوش چو نه سارو ڏورو نارو
هٿون پوءِ چو نه هت خوشين جا نعرا

تنهنجي آئي، آئي خوشحالي سائين
ٿي وئي غربت اسانجي پاره پاره

تنهنجي آئي بهاريون موٽي آيون
ٽڙيا خوشين جا گل ويا غم ويچارا.

تنهنجي آئي آئي خوشين جي دولت
سونهارا، سونهن وارا، سوڀ وارا

ٿيو روشن سجو اڄ ڏوروناڙو
سالن کانپوءِ چمڪيا چنڊ تارا.

مهابي مير مدني مصطفيٰ ﷺ جي
مدايون معاف سڀ ڪر اي خدايا جل جلاله

مهابي فاطمہ (رضہ) بنت نبي ﷺ جي
لڄون رک خاندان جون رب ستارا جل جلاله

اميدون لک ڪروڙ آهن اوهان ۾
ڇڏي ڏيندي نہ ٻڙ ۾، سائين سونهارا

ٿيندين حامي حشر ۾ ڏينهن قيامت
ڇهتيل هونداسون سڀ ڪوڙا ڪسارا

ڇڏيندين ڪين مرشد سونهن وارا
وٺي هلندين جنت ۾ سومرا سارا

مهابي شاهہ مرشد شاهہ آغا (رضہ)
ٻچن جا جلد ڪر لايا سجايا

اسانجي خاندان کي بدنظر کان
بچائج مهابي علي (رحہ) جان آقا

دعا ڪريو مچي ڪو مُنجُ محبت
ٿيئون سڀ پاڻ ۾ ڪنڊ کير سارا

هجن شل خوش خورم، محبوب مرشد
سندن عترت، مريد ۽ اخلاص وارا

هيءَ سومرو آ سگِ درگاهہ مجدد (رضہ)
گهري ٿو خير هردم، ڪنان باري تعاليٰ

## مرشد ڪريم شهنشاهه شاهه آغا جن مونکي حج پڙهايو

سن ١٩٧٠ع ٩ ذي الحج ١٣٩٠ھ تي حضور انور مرشد اڪرم شهنشاهه شاهه جهان شاهه آغا سهڻي جن درگاهه شريف دارلارشاد ٽنبو سائين داد شريف کان ٻانهي جي عريضي عرض ڪرڻ جي جواب ۾ دعا نامون ارقم فرمايو جنهن جي منڍ ۾ لکيائون:

نحمده ونصلي ونسلم

حج مبارڪ عيد مبارڪ

بر خوردار قاضي غلام مصطفيٰ زيد عمره ودائم اقباله. هيءَ نوازش نامون و دعا نامون هن عاجز ٻانهي جي عريضي جي جواب ۾ لکڻ فرمايو هُئائون جنهن ۾ هن عاصيءَ بنديل لفافن جو ۽ پنج روپيه نذرانو ٽپال رستي موڪليو هو. سندن مڪتوب شريف اصل برڪت خاطر هت ڏجي ٿو.

(مڪتوب شريف نمبر ٥ ڪتاب جي آخر ۾ حوالي لاءِ)

١٩٧١ع ۾ حج جي تياري ڪيم پر جيئن ته هندوستان ۽ پاڪستان جي تازي جنگ لڳي هُئي حالات خراب هُئا. وڃي ڪونه سگهيس.

١٩٧٢ع ۾ پاڻيءَ جي جهاز ۾ ٽڪيٽ پرايم پر نالو ڪونه نڪتو. اوچتو خبر پئي ته بسين جا قافلا حج ڏانهن وڃي رهيا آهن. اُتي ڪوشش ڪيم. نالو نڪري آيو ۽ بس تي سوار ٿيڻ لاءِ پشاور وڃڻو پيو. جو اسان جو قافلو اتان وڃي رهيو هو. ٻيو قافلو ڪوئيٽه کان ويو هر هڪ قافلي ۾ پنج پنج بسون هيون.

### مرشدن ڪريمن جي نصيحت:

روانگيءَ کان اڳ حضرت مرشد ڪريم جن کان موڪلائڻ لاءِ درگاهه شريف ويس، ڊسمبر جو مهينو هو. محبوب ٻاهر ٿلهي مبارڪ تي اُس جي تڙڪي تي تشريف فرما هئا. خادم قدم بوسي ڪئي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ دعائون ڪيائون، ٻانهي کي هڪ دعا سفر ۾ پڙهڻ لاءِ ٻڌائي ته اهو پڙهندو رهجائين ۽ ڪنهن سان جهيڙو جهتو نه ڪجاءِ.

تعلق منهنجي محبوبا مرشدن ڪريمن سان آهي.

**١- مشهد مقدس جو واقعو:**

مشهد مقدس ايران جو مشهور شهر آهي جتي حضرت امام علي رضا رضي الله تعاليٰ جن جي زيارت آهي. سندن روضو مبارڪ به حضور نبي ڪريم ﷺ جن روضي اقدس سان گهڻي قدر ملي جلي ٿو. مشهور روايت آهي ته حضرت امام صاحب رضه جن وٽ جيڪو سائل ڪنهن جائز ڪم لاءِ سوال ڪري ٿو. الله تعالي انهيءَ سائل جو سوال، امام صاحب جن جي مهابي پورو ٿو ڪري. هيءُ علائقو تمام ٿڌو آهي.

هن شهر مبارڪ ۾ رات جو پين وڳي ڏاران لاريون پهتيون. هوٽل ۾ رهڻ جو بندوبست ٿيل هيو جنهن کي ايراني سراءِ پيا چون جيئن سنڌي زبان ۾ چئبو آهي.

پاڪستاني سفارتخاني جو هڪ نمائندو آيو هو جنهن پنهنجو تعارف ڪرايو ۽ ڪجهه هدايتون ڏنيون آخر ۾ چيائين ته سراءِ جي هيٺان تندور آهي جتان اوهانکي ماني ملندي. اُتي ماني طور تي ملندي آهي.

مون همت ڪري لاريءَ مان بسترو لاٿو، ڪلهي تي کڻي هوٽل جي ڪمري ۾ آيس ۽ وري وڃي نان وٺي آيس. ان وقت برف باري ٿي رهي هُئي منهنجو سڄو بدن اوور ڪوٽ سميت اڇو ٿي ويو. ماني وٺي، ڪپڙا ڪمري کان ٻاهر چنڊي ڪمري ۾ آيس. ٻن ڄڻن جي حساب سان ماني ورتي هُئم. ڇو جو مونسان گڏ سجاول جي طرف جو هڪڙو رفيق لوڌو ذات جو هيو. ٻنهي ماني ٻوڙ گرم ڪري پليٽ ۾ لاهي کائڻ جي تياري ڪري رهيا هئاسون جو ايتري ۾ ٻه ٻيا حج تي ويندڙ ڪمري ۾ ڪاهي پيا. ڇو جو ڪمري ۾ چئن ڄڻن جي گنجائش هُئي، تن مان هڪ جو نالو حاجي رمضان هيو جيڪو ديره غازي خان جو رهواسي هيو. اسان جي اڌو ماني رکيل ڏسي چتا ٿي پيا ۽ مون کي چيائون ته اسانکي به ماني آڻي ڏي.

مون محبت سان چيومان ته بابا هتان ڏاڪڻ اٿو. هيٺ لهي وڃي ماني وٺي اچو. مان سخت ٿڪل آهيان. ڏسو نہ ته مونکان پگهر ٿو پيو وهي! ايتري ٿڌ جي باوجود. پر هنن کي رحم نہ آيو ۽ حڪم جي انداز ۾ چيائين ته "تمر جائو اور روٽي ليڪر آئو" صبر جو ڍڪ پيري مون چيومانس ته چڱو ڀلا پئسا ڏي. تڏهن چيائين ته "پئسي بهي تمر اپني جيب سي دو" اهو جواب ٻڌي ڏاڍي ڪاوڙ آئي. شايد زندگيءَ ۾ اهڙي ڪاوڙ نہ آئي هوندي ۽ خدا ڪري جو وري ڪڏهن نہ اچي. جوش ۾ اچي هُن کي مار ڏيڻ لاءِ اٿيس. جيئن ئي وڌيس تيئن ئي حضرت محبوب مرشد ڪريم سهڻي سائينءَ شاهه آغا شهنشاهه جي اشهد آگر مبارڪ ظاهر ٿي ۽ آواز مبارڪ بہ آيو ته "نہ بابا نہ" جيئن جنهن انداز ۾ موڪلائڻ وقت فرمايو هُئائون ته بابا سفر ۾ ڪنهن سان جهيڙو نہ ڪجاءِ.

آگر مبارڪ ڏسندي، آواز مبارڪ ٻڌندي ئي ڪاوڙ ڪافور ٿي وئي. مون انهن ٻنهين کي چيو ته اچي مونسان گڏ ماني کائو.

منهنجا سائين چئني جڻ ماني ايئن ته تڪڙ ۾ کاڌي ته جيئن پيو نہ کائي وڃي چئني کي سخت بک هُئي ۽ اسان چئني کائي ڍوءُ ڪيو. اهڙي قسم جي ماني کائڻ ۽ ڍوءُ ڪرڻ زندگيءَ ۾ پهريون ۽ آخري دفعي نصيب ٿيو.

ٻئي ڏينهن روانگيءَ وقت هوٽل وارا چاليهه ريال في نفر (في ماڻهو) وٺڻ آيا تڏهن هنن وٽ ايراني سڪو نہ هيو ۽ انهن ٻن حاجين جي طرفان ڪمري جي مسواڙ بہ مون ڏني اهڙو صبر اچي ويو جنهن جي حد نہ حساب.

موٽندي بہ ساڳيءَ هوٽل ۾ رهياسين. اتي حاجي رمضان ڏيري غازي خان واري مونکان معافي ورتي مون بہ کيس معافي ڏيئي ڇڏي. شل او سبحانہٗ تعاليٰ کيس معاف ڪري ۽ مون گنهگار کي بہ معافي ڏئي. خبر ناهي الائي ڪيترن ماڻهن جي مون بہ دل آزاري ڪئي هوندي، دانستہ يا غير دانستہ. شعوري يا غير شعوري طور!

آهيان. هڪ دفعي ننڍي هوندي پنهنجي والدين سان گڏ ويو هُئس جنهن جي مونکي ٿورڙي يادگيري آهي. ٻيو دفعو سائينءَ مرشد زاده صاحبزاده قبله محمد هاشم جان المعروف سائين حافظ جان رحمة الله عليه جن جي رفاقت ۾. ٽيون دفعو مرشد اڪمل هادي انور قبله حضرت غلام علي جان رحمة الله تعاليٰ جن جي رفاقت ۾. چوٿون ۽ پنجون دفعو حضرت مرشد ڪريم قبله آغا عبدالحميد جان دامت برڪاته ۽ صاحبزاده مرشدزاده حاجي عبدالوحيد جان آقا دامت برڪاته جن جي رفاقت مبارڪ ۾ اهو سفر مبارڪ نصيب ٿيو بفضله تعاليٰ.

پهرين سفر ۾ منهنجو ابو امڙ ۽ همشيره والده برخوردار عبدالرزاق هُئي. حضرت صاحب وڏا يعني حضرت قبله خواجه محمد حسن جان سرهندي رحمة الله عليه جن ۽ حضرت قبله محمد هاشم جان سندن فرزند مبارڪ به سرهند شريف آيل هُيا.

ٻيو سفر مبارڪ ١٩٨٣ع ۾ سائين محمد هاشم جان رحہ جن سان ڪيم جنهن ۾ سندن صاحبزاده قبله عابد جان، مرحوم حاجي ڪريم بخش امڙ ۽ مرحوم غلام مصطفيٰ اسراڻ صاحب جن رفيق هيا.

سفر جي دوران حضرت صاحب جن ڏاڍا شفيق رهيا. حضرت امام رباني مجدد منور الف ثاني جي روضه اقدس جي پهرين حاضريءَ مهل گڏجي هليا ۽ دعائن ڪان نوازيائون (سبحان الله) ڇا ته منظر هيو.

ٻئي ڏينهن تي صاحبزاده سهڻا مون خادم کي بسي وٺي هليا. جا حضرت امام رباني مجدد منور الف ثانيءَ جي جاءِ پيدائش آهي ۽ جتي سندن والد شريف حضرت خواجه عبدالاحد جن جي زيارت اهي ۽ سندن خانقاه، مدرسه، مسجد شريف جا نشان موجود آهن. هت مرحوم عبدالرحيم شيخ جي مزار به آهي جو حيدرآباد سنڌ جي هندو عاملن مان هيو ۽ حضرت مرشد خواجه محمد حسن جان رحمة الله عليه جن جي دست مبارڪ تي مسلمان ۽ مريد ٿيو هيو. جنهن تي هندن گوڙ ڪيو هيو پوءِ هو افغانستان ۽ بعد ۾ سرهند شريف وڃي رهيو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين نورالله مرقده. جڏهن خانقاه مبارڪ جا

نشان پئي ڏناسين اتي ئي خوديءَ ۾ منهنجي زبان مان شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو هيءُ بيت نڪري ويو.

اڄ نه اوطاقن ۾ طالب تنوارين
آداسي آئي ويا مڙهيون مون مارين
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.
(شاهه)

اهو بيت پڙهندي ئي سائين صاحبزاده حافظ جان رحه اچي روئڻ ۾ چڙهيو. ٻارن وانگر اوڇنگاريون ڏئي روئڻ لڳو. سياري جي موسم هوندي سائين پگهرجي ويو. مان ڏاڍو پريشان ٿي ويس ته خير سان سندن روئڻ بس ٿئي!

## حضرت قبله حافظ جان رحمة الله عليه جن جي ٻي پاڪيءَ راست گوئيءَ جو هڪ اڻ وسارڻ جهڙو واقعو:

حضرت قبله محمد هاشم جان بمعروف حضرت حافظ جان سرهندي نورالله مرقده جن حضرت مرشد اڪرم هادي انور تاج الاولياءِ خواجه محمد حسن جان قدس سرهٗ لعزيز جن جا ٽيون نمبر صاحبزاده هئا. قرآن پاڪ جا نه فقط حافظ پر قاري به هئا. سندن قرئت اهڙي ته سهڻي هئي جو اڄ تائين هن گنهگار ڪنن نه ٻڌي آهي. پاڻ جيد عالم هئا. وڏا وڏا عالم مفتي ۽ قاري سندن حضور ۾ گوڏا ڀڃي ويهندا هئا. ۽ سندن آڏو گويا طفل مڪتب هئا. سندن مريدن جي حلقي ۾ اڪثر غير سنڌي خصوصاً فوجي گهڻا هئا. پاڻ بهترين حڪيم به هئا.

١٩٨٣ع ۾ جڏهن ٻيهرين دفعي هيءُ غلام زاده سندن رفاقت ۾ سرهند شريف روانو ٿيو تڏهن لاهور ۾ سندن هڪ مريد ميان خالد رٽائرڊ برگيڊيئر وٽ سيٽ لائيٽ ٽائون ۾ ٽڪياسين. سندن رفاقت ۾ هن خادم کان علاوه ميان غلام مصطفيٰ اعوان مرحوم ۽ حاجي عبدالڪريم اڻ مرحوم رحمت الله تعاليٰ عليهم اجمعين به هئا.

قيام دوران خالد صاحب پنهنجي جاءِ تي نعت خوانيءَ جو اهتمام ڪيو. پنجاب جا وڏا وڏا نعت خوان آيل هئا. نعت خوانيءَ جي دوران حضرت صاحب جن بار بار آب ديده ٿيو ٿي ويا ۽ بار بار رقعت پئي ٿي.

نعت خوانيءَ جي اختتام تي مريدن (جي سڀ پنجابي هئا) تبصرو ڪرڻ ٿي چاهيو ۽ ڪانئن راءِ ٿي پڇڻ چاهي ۽ پڇيائون ٿي ته حضور جن کي نعتون وڻيون؟ وغيره. پاڻ رحه ڪمال بي باڪيءَ ۽ حق گوئيءَ جي انداز ۾ فرمايائون ته "ها پاڻ ڪريم عليہ الصلاة والسلام جي تعريف هئي. چوندو وڻين، پر جيئن ته اڪثر نعتون پنجابي زبان ۾ چيون ويون ۽ پنجابي زبان مون کي نٿي وڻي" ايئن فرمائي وري ارشاد فرمايائون ته حضور سرور ڪائنات ﷺ جن جي تعريف سنڌي زبان ۾ جهڙي شاهه عبداللطيف رحه ڀٽائيءَ ڪئي آهي اهڙي ٻي ڪنهن به ٻوليءَ ۾ ٿيل ناهي. مون عربي فارسي، اردوءَ ۾ چيل نعتون پڙهيون آهن پر شاهه صاحب رحه جو جواب ناهي.

اهي الفاظ مبارڪ ٻڌي سڀني حاضرين جا منهن لهي ويا ۽ آءٌ سندن حق گوئي ۽ بي باڪيءَ تي حيران ٿي ويس. (سبحان الله) آخر ته پاڻ حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضہ جن جو لخت جگر آهن. جنهن جهانگير بادشاهه کي چٽي ڏنو ته آءٌ تو انسان کي سجدو نه ڪندس. هيءَ سر ته فقط الله تعاليٰ جي اڳيان جهڪڻ لاءِ ٺهيو آهي. سبحان الله

سرهند شريف روانگيءَ کان اڳ سڀئي زائرين حسب دستور حضرت داتا گنج بخش عليہ رحمتہ جن جي درگاهه شريف تي جمع ٿياسين. ۽ اتان واگها سرحد تي وڃي هندوستان ۾ داخل ٿيڻو هيو.

زائرين ايندا ويا آخر هڪ ٽولو آيو جنهن ۾ به پير صاحب نقشبندي طريقي جا آيا پئي ۽ ٻنهين جي ڳچين ۾ گلاب جي گلن جا هار پيل هئا. پنيان مريد مولود شريف چوندا پئي آيا. جڏهن مون ڪين ڏٺو تڏهن دل ۾ چيم اهي هار اوهانکي نٿا سونهن. اهي ته سائين حافظ جان سهڻي کي سونهن ٿا جو حضرت امام رباني مجدد الف

ثانيءَ جن جو جگر گوشہ آهي. جڏهن ٻئي پير صاحب ويجها ٿيا ۽ سائين حافظ جان سهڻي تي نظر پين تڏهن ٻنهي پير صاحبن جي ٻئي پاٿر ٻہ هئا. هار لاهي سائينءَ سهڻي جي ڳچيءَ مبارڪ ۾ وڌائون. انهن مان هڪڙي سائينءَ حافظ جان جي تعريف ڪئي. انهيءَ تقرير جا مختصر الفاظ هيءَ آهن.

"الله تعاليٰ اسان ڪوڏ ڏنو آهي پر ان جي لهيل ڪائنات ڏسي پڪ ٿي ٿئي تہ جنهن اهڙي سهڻي خلقت خلقي آهي پاڻ ڪهڙو نہ سهڻو اعليٰ و ارفع هوندو جنهن جو ڪو مثال نٿو ڏيئي سگهجي.

حضرت نبي ڪريم ﷺ جن کي اسان ڪوڏ ڏنو آهي پر ان تي جيڪو قرآن لٿو آهي اهو ڏسي چٽي سگهجي ٿو تہ جنهن جي خود الله تعاليٰ تعريف ٿو فرمائي اُها هستي ڇا هوندي! (سبحان الله)

اسان حضرت امام رباني مجدد منور الف ثاني ڪوڏ ڏنو آهي پر ان جو اولاد مبارڪ ڏسڻ سان (سائين حافظ ڏانهن اشارو ڪندي) معلوم ٿو ٿئي تہ جڏهن سندس اولاد مبارڪ ايڏو سهڻو ۽ خوبين جو مالڪ آهي تہ خود حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رحہ ڇا تہ هوندا!" (سبحان الله)

محبوب زاده مرشدزاده، حضرت حاجي حافظ محمد هاشم جان رحمۃ الله عليہ کان علاوه حضرت قبلہ مرشد ڪريم، حضرت قبلہ حاجي غلام علي جان صاحب رحمۃ الله عليہ جن جي رفاقت ۾ ۽ حضرت قبلہ حاجي حضرت عبدالحميد جان مدظلهالاعليٰ جن جي رفاقت ۾ بہ سرهند شريف جي سفر مبارڪ کان مشرف ٿيو آهيان. انهيءَ سفر مبارڪ ۾ صاحبزاده مرشدزاده حاجي علامه عبدالوحيد جان آقا جن بہ رفيق هئا.

## هڪ اهم ڳالهہ جي وضاحت:

مون هر هنڌ قبلہ سائين محمد هاشم جان لاءِ صاحبزاده لکيو آهي. تنهنجو سبب اهو آهي تہ آءٌ بفضلہ تعاليٰ حضرت خواجہ تاج الاولياءِ قبلہ محمد حسن جان رحمۃ الله عليہ جن جو مريد ٿيل آهيان.

انهيءَ ڪري اُن جي اولاد مبارڪ ڪي صاحبزاده چوندو آهيان سواءِ حضرت قبلہ شهنشاهہ شاهہ آغا رحمتہ الله عليہ جن جي، جو پاڻ خود جاءِ نشين مرشدن ڪريمن جا هيا ۽ منهنجا بہ مرشد ڪريم هيا ۽ آهن.

انهن سفرن دوران لاهور جي مريدن خدمتون ڪيون. خصوصاً بابو نوراحمد، چوڌري نثار احمد ۽ ميان محمد اسلم جو هاڻي وفات ڪري ويو آهي.

انهن سفرن مبارڪن ۾ حضراتن جي مريدن مان جي سفر ۾ هم رڪاب هُيا سي هيءَ هُئا. جن مان ڪجھ وفات ڪري ويا آهن. ۽ باقي بقيد حيات آهن.

١ـ مرحوم مامون حاجي غلام صديق رحہ.

٢ـ مرحوم حاجي خداداد بلوچ رحہ.

٣ـ مرحوم حاجي محمد بخش جتوئي

٤ـ حاجي ڪريم بخش جتوئي.

٥ـ ميان عبدالقادر جتوئي.

٦ـ ميان عبدالمجيد جتوئي.

٧ـ ميان غلام اڪبر جتوئي.

٨ـ ميان حاجي مولىٰ بخش قريشي.

٩ـ ميان مير حسن خان.

١٠ـ حاجي برادرم گل حسن سومرو.

١١ـ مولوي محمد امين.

١٢ـ سيد سعادت علي شاهہ.

١٣ـ ڊاڪٽر خالد جتوئي.

١٤ـ ميان غلام مصطفىٰ بلوچ.

پهرين سفر دوران لاهور ۾ هوٽل تي رهياسين. ٻئي سفر ۾ ميان الله بخش سومري جي معرفت لاهور اسٽيشن جي ويٽنگ روم ۾ رهياسين. ٽئين دفعي سان ميان محمد اسلم چوهدريءَ جي جاءِ تي ٽڪياسين.

جواب ۾ عرض ڪيائين ته "هائو سائين هو فلاڻي جو پٽ آهي".
پاڻ وري پڇيائونس ته تون ڪڏهن ان جي پاڙي ۾ رهيو آهين يا ان سان گڏ سفر ڪيو اٿئي؟ جواب ڏنائين ته "سائين نه" تنهن تي حضرت فاروق اعظم رضي الله تعاليٰ عنه جن فرمايس ته پوءِ تون ان کي نه سڃاڻين.

بلڪل اهڙيءَ طرح حضرت مرشد ڪريم جن سفر دوران مرشد سائن جي مزاج ۽ طبيعت جي به خبر پئجي وئي.

حضرت مرشد ڪريم مدظلهلاعليٰ جن خواهه سندن صاحبزاده سونهارا سفر دوران ايترا ته مهربان هئا. جنهن جي حد نه حساب حالانڪ ڪيترين غلطيون ڪيون هونديون سي.

رب العالمين جا وڏا احسان جو مرشدن مهربانن جي سرداريءَ ۾ جيڪي به رفيق سفر ۾ هئاسين، پاڻ ۾ ڪڏهن به تلخ ڪلامي نه ٿي بفضله تعاليٰ. حالانڪ اهڙا نازڪ موقع آيا پر شڪر باري تعاليٰ جو خير خوبيءَ سان ٽري ويا.

مثال طور آخري سفر مبارڪ جي دوران پاڪستان ڏانهن موٽڻ وقت، سرهند شريف جي اسٽيشن تي گاڏيءَ جي انتظار ۾ ويٺا هئاسين. اوچتو حڪومت جي ماڻهن اعلان ڪيو ته ريل گاڏي جيئن ته ليٽ آهي تنهن ڪري زائرين لاءِ بسن جو بندوبست ڪيو ويو آهي. سامان کڻي اچي بسن ۾ ويهو اسان به سامان کنيو. ميان موليٰ بخش بس جي ڇت تي چڙهيو ۽ آءُ ڪيس سامان هيٺان ڏيندو پيو وڃان. پيو سامان سڀ چڙهي ويو فقط هڪ بسترو جو جتوئي صاحبان جو هيو ۽ تمام ڳرو هيو. ڇو جو منجهس ناريل ڀريل هيا. اهو نه پئي کڄيو. ميني مريد رفيقن کي عرض ڪيم ادا اچي مدد ڪيو پر ڪنهن به نه ٻڌي آخر هڪ ٻئي شخص کي عرض ڪيم جو زائرين مان هيو. تنهن هٿ وجهرايو ۽ بسترو بس تي رکايم. سبحان الله. اِها مرشدن ڪريمن جي نظرِ ڪرم هئي. جو وينديءَ خواهه ايندي خير ٿي ويو.

موٽڻ وقت حضرت مرشد ڪريمن جي سربراهيءَ ۾، پشاور

وياسين. جتي حضرت صاحب جن جي ٻن ڏاڏن مبارڪن جي زيارت گاهه آهي. قطب الاقطاب حضرت شاهه غلام محمد سرهندي مجدِدي رحمة الله عليه ۽ سندن وڏو فرزند حضرت شاهه غلام حسن سرهندي مجدِدي رحمة الله تعاليٰ عليهم اجمعين.

پشاور دوران برادرم گل حسن ٿانَو ڏوٺُ جي خدمت انجام ڏني ٿي. حاجي ڪريم بخش صاحب ڏاڍو مهربان ۽ سخي هيو. ميان موليٰ بخش قريشي صاحب سامان وغيره ڪٽائڻ ۾ لاجواب هو. شل اُو سبحانهٗ تعاليٰ وفات ڪيلن کي بخشي ۽ حياتيءَ وارن جي عمرين ۾ برڪتون عطا ڪري ٻنهي جهان ڀلا ڪري مهابي مدني گهوٽ ﷺ جي. (آمين ثم آمين).

# درگاھ شريف جي مريد مخلص پائرن ۽ ڀينرن لاءِ ضروري هدايت ۽ نصيحت جا چند حروف

نصيحت گوش کن جانان، که از جان دوست تردارند
جوانانِ سعادتمند، پند پير دانا را
(حافظ رحہ)

گل عجب است اگر خارنہ باشد
دنيا عجب است اگرموت نہ باشد. (سعدي رحہ)

جي پائين جوڳي ٿيان تہ طمع ڇڏ تمام
ڳولا جي ڳولن جا تن جو ٿي غلام
صبر جي شمشير سان ڪر ڪيني کي قتلام
تہ پوءِ نانگا تنهنجو ناءُ لکجي لاهوتين ۾ (شاھ رحہ)

مٹادے اپنی هستی کو اگر کچھ مرتبه چاهو
که دانه خاک میں ملکر گُل و گلزار هوتاهی- (اقبال رح)

ڪا سٺي شيءِ حاصل ڪرڻ لاءِ تڪليفون برداشت ڪرڻيون پونديون آهن. حج تي ويندا تہ واٽ تي ضرور تڪليفون ڏسندا. خواھ اوهان هوائي جهاز ذريعي ڇو نہ وڃون. عرفات ۾ ترسڻ، مزدلفہ ۾ قيام ڪرڻ، شيطان کي پٿريون هڻڻ، قرباني ڪرڻ، طواف وداع ڪرڻ وغيره وغيره. اوهان خواه سعودي بادشاھ جا مهمان هجو پر طواف وقت تہ حاجين سڃورن کي خبر نہ آهي تہ بادشاھ جا مهمان آهيو. حاجي سڳورو جيترو عجز انڪساري ڪندو اوترو فائدو ٿيندس جي سيٽيو تہ سٺبو.

اهڙيءَ طرح اسان ٻارهين مهيني يا ڇهين مهيني يا مهيني کان

پوءِ درگاهه شريف تي مرشد ڪريمن جي زيارت ۽ فيض و دُعا حاصل ڪرڻ لاءِ اچئون ٿا. پر جي درگاهه شريف تي اچي ادب نه ڪيوسي، پوڙ پلاءِ ڪاٺي موٽي وياسين، اهڙي اچڻ مان ڪهڙو فائدو. جي اهڙا وڏيرا يا ڪامورا آهيون ته پوءِ پنهنجي گهر ۾ ويٺا هجون ته بهتر آهي.

مرشدن ڪريمن جو مثال گلاب جي گل وانگر آهي. ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ ضرور ڪنڊو لڳندو. ڪنهن کي ٿورو ڪنهن کي گهڻو. ڪنهن کي فقط رهنڊ ايندي. ڪنهن جي قميص جي پانهن ڦاٽي پوندي وغيره.

خصوصاً درگاهه شريف جي خادمن ۽ خدمت گارن جو ادب ڪريون ڇو جو هو مرشدن ڪريمن جا خدمت گذار آهن ۽ ڪين پيارا آهن اسان ته قسمت سان هٿ مبارڪ ڏورايون ٿا انهي تي به ناز ٿا ڪريون پر هي حضرات ته چوويهه ڪلاڪ خدمت اقدس ۾ رهن ٿا انهن جو شان ۽ رتبو ڇا هوندو. انهيءَ ڪري ته پٽ ڌڻيءَ به فرمايو آهي ته:

جي پائنين جوڳي ٿيان ته طمع ڇڏ تمام،
گولا جي گولن جا تن جو ٿي غلام،
صبر جي شمشير سان ڪر ڪيني کي قتلام،
پوءِ نانگا تنهنجو نام لکجي لاهوتين ۾.
(شاهه)

اسان جيسين پاڻ کي ڪجهه سمجهنداسين ۽ مرشدن ڪريمن جي خدمتگارن جو ادب نه ڪنداسين، تيسين اسان جو نالو لاهوتين جي لسٽ ۾ ڪونه لکبو!

اڄ اسان مريدن ۾ هر هڪ ائين ٿو چاهي ته جيئن درگاهه شريف تي اچئون تيئن ئي وڃين سائين صاحبزاده مولوي سهڻي جي ڪمري مبارڪ جي اي، سي ڪولي وڃي وهئون. مرشدن ڪريمن جي وڇايل گاديلن تي پلٿ ماري وهاڻا هنجن ۾ رکي وهئون ۽ پوڙ پلاءِ وڃي کائون. جي اها حالت رهي ته پوءِ اي منهنجا ڀائرو ۽ ڀينرو اسان کي

ڪھڙو فيض حاصل ٿيندو. جھڙا نلھا نڪر ايندا سين تھڙائي موٽي ويندا سين. اسان کي گھرجي محبوباً مرشدن ڪريمن جي گولن جا گولا ٿي گذاريئون. نفس کي ماريون جيستائين درگاھ شريف تي ھجئون. اُتان جي نوڪرن نوڪرائين ٻانھن ۽ ٻانھين جا نوڪر ٻانھان ۽ ٻانھيون ٿي رھون. زماني جي ڏکن سورن جو حال اورڻ سان گڏ ذڪر فڪر و دل جي جي روشنيءَ لاءِ محبوب مرشد ڪريمن کي عرض ڪندا رھون. دنيا سان گڏ آخرت جو فڪر ٻه ڪيون. ھيءَ زندگي چَند ڏينھن جي مھمان آھي.

پوکين تان کي پوک جيسين پاٺي اٿئي ٻارَ ۾،
وَتَ ٻه ويندئي نڪري، سُڪي ٿيندين سُوڪ،
پوءِ جتي لڻندو لوڪ، اُتي سڪندئين سنگ لئي.

# ضميمه

هن ضميمه ۾ حضرت صاحب جي ان معزز مريدن جو ذڪر خير آهي جن کي منهنجي گنهگار اکين ڏٺو، جن مان کي رب تعاليٰ کي پيارا ٿي ويا آهن ۽ کي بقيد حيات آهن. ڊل او سبحانہ تعاليٰ انهن سيني مريدن خادمن جي عمرين ۾ عزت و آبروءَ ۾ رزق و روزيءَ ۾ برڪتون عطا فرمائي مهابي مدني گهوٽ شفيع المذنبين رحمۃ العالمين راحه العاشقين مراد المشتاق صلي الله عليہ والہٖ واصحابہٖ بارڪ وسلم.

## ٽڪڙ شريف جا سيد سڳورا

پنهنجن حضراتن مرشدن ڪريمن جي مريدن مخلصن ۽ خدمتگارن ۾ جيڪڏهن ٽڪڙ شريف جي سيدن سڳورن جو نالو نہ آيو تہ پوءِ ڪنهن جو بہ نالو نہ اچڻ گهرجي. جو جو اسان سنڌ ۾ رهندڙ انهن سيدن سڳورن جا احسانمند ۽ شڪر گذار آهيون، جو انهن جي وڏن حضراتؒ جي بزرگن کي محبت سان سڏي پاڻ وٽ رهايو. پنهنجون حويليون خالي ڪري خود لوڙها هٽي رهيا ۽ مرشد ڪريمن کي خالي ڪيل حويلين ۾ رهايو. ڇا اها قرباني ۽ محبت ڪا معمولي ڳالھ آهي ڇا!؟ تمام تمام وڏي محبت جي نشاني آهي، پاڻ بہ تہ سيد هيا ڪي عام ماڻهو تہ نہ هيا. جنهن جي دنيا پئي ادب ڪري اهي وري مرشدن ڪريمن جو پيا ادب ڪن. غور فڪر جي ڳالھ آهي جو حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رحمۃ الله عليہ جن جو ايڏو تہ

فيض هيو، ايتري ته سندن اولاد مبارڪ ۾ ڪشش هئي جو اعليٰ ڪان ادنيٰ تائين، سڀ جا سڀ انهيءَ نورانيت تي عاشق ٿي پيا ۽ انهن جي پيرن مبارڪن جي خاڪ مبارڪ کي سرمون سمجهي اکين ۾ پائڻ لڳا.

ٽکڙ شريف جي سيدن سڳورن مان جن کي مون ڏٺو ۽ ملاقات ڪئي آهي هيءَ حضرات آهن:

### سيد ميران محمد شاه ثاني:

١٩٥٠ع جو سن آهي، آءٌ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ چوٿون انگريزي پڙهندو هئس. استاد غلام حسين بالادي ڪلاس ۾ آيو ۽ پڇيائين ته، اوهان مان قرآن پاڪ ڪير ڪير پڙهيل آهي؟ آءٌ ٻه اٺ ٻيئس، پوءِ اسان کي ٻاهر وٺي آيو ۽ چيائين ته، بابا هتي موٽرن ۾ چڙهي وڃو سائين ميران محمد شاه صاحب وٽ ختمو پڙهڻو آهي. ٽي ڪاريون هيون. جڏهن اتي پهتاسين ته سائين ميران محمد شاه صاحب اسان جو استقبال ڪيو ۽ ڀلي ڪار چيو.

ٻيو دفعو شاه صاحب مذڪور کي سيشن جج حيدرآباد جي بنگلي تي ڏٺم. جتي منهنجو مامو سائين حاجي قاضي غلام رسول سومرو رهندو هو، جو صاحب موصوف مامي سائينءَ سان ملڻ آيا هئا. جتي چانهن وغيره پيارڻ جي خدمت مون ادا ڪئي.

ٽيون ڀيرو گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد ڪاليج يونين جي قسم کڻڻ جي موقعي تي چيف گيسٽ ٿي آيا هئا. ان وقت پاڻ سنڌ اسيمبليءَ جا اسپيڪر هئا. ڪاليج يونين جو جنرل سيڪريٽري مرحوم آغا احد جان هيو، ۽ آءٌ بي اي جونئر ڪلاس جو نمائندو هيس. شال اوسبحان تعاليٰ کين مرهي بخشي ۽ جنت ۾ جايون ڏئي. آمين.

### سائين قمر زمان شاه:

سائين قمر زمان شاه جن مرشدن ڪريمن حضرت قبلہ آغا عبدالحميد جان سجاده نشين درگاه دارالاشاه ٽنڊو سائين داد شريف

مدظله العاليٰ جن جا ۽ سندن فرزند ارجمند قبلہ علامہ حاجي عبدالوحيد جان مدظله العالي جن جا خاص پيارا مخلص آهن. سندن حضراتن سان محبت بي مثال آهي. پاڻ ڪيترائي ديني ڪتاب ڇپرايا اٿن ۽ ڇپرائيندا رهن ٿا. خصوصاً حضرت قبلہ صاحبزاده علامہ عبدالوحيد جان مدظله العالي جن جا تصنيف ڪيل ڪتاب، قرآن ڪريم جو عام فهم سنڌي ترجمون بيان الرّحمٰن في ترجمة القرآن، دلائل الخيرات درود شريف جو ترجمون بيان البرڪات في ترجمه دلائل خيرات، قصيده برده شريف، متبرڪ وظيفا وغيره ۽ جڳ مشهور "راحة القلوب" حضرت قبلہ شهنشاه شاهہ آغا نور الله مرقده جن جو تصنيف ڪيل ڪتاب مبارڪ ڪيترا ڀيرا ڇپائي چڪا آهن. شل او سبحانہ تعاليٰ ڪين خدمت ڪرڻ جي اڃا بہ وڌيڪ توفيق عطا فرمائي آمين.

سائين قمر الزمان شاهہ صاحب جن بنيادي طرح زميندار آهن، ڪين آءٌ ڪاليج جي زماني کان سڃاڻان. جڏهن آءٌ ١٩٥٣ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪري گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد ۾ داخلا ورتي، اتي مون ڪين ڏٺو. تمام خوش پوشاڪ هوندا هئا. ان وقت ڪار ۾ چڙهي ايندا هئا. جڏهن آءٌ هيرآباد کان سائيڪل تي چڙهي ڪاليج ويندو هئس.

شاهہ صاحب ان وقت مٿين ڪلاسن ۾ پڙهندو هيو. سٺو مقرر رهيو. ان وقت انگريزيءَ ۾ ڊبيٽ ۾ حصو وٺندو هيو ۽ ڪاليج جي يونين ۾ حصو وٺندو هيو.

وڏو ٿي پوءِ وڪالت جو پيشو اختيار ڪيائين ۽ سياست ۾ بہ حصو ورتائون. پنهنجي چاچي سائينءَ ميان ميران محمد شاهہ ثاني رحہ جن جي جاءِ نشيني نصيب ٿيس.

سنڌ اسيمبليءَ جو اسپيڪر بہ ٿيو، پڻ صاحب جي دؤر حڪومت ۾ وڏن وڏن سياسي عهدن تي فائز رهيو. مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي تہ وقت جو شوقين ترين ماڻهو هيو.

**سيد انور حسين شاه صاحب:**

هن سيد سڳوري جهڙي محبت ھُئي ڪنهن سيد ۾ مون ورلي ڏٺي. منهنجو چشم ديد واقعو آهي جو بيان پيو ڪيان. صاحبزاده سهڻي عبدالوحيد جان جنهن تان ساھ صدقي مال صدقي دنيا جي هر چيز قربان. وٽ تشريف فرما ٿيا. ان مجلس مبارڪ ۾ سنڌن مائٽ سيد به ويٺل هيا. اچڻ شرط اچي پيرن مبارڪن کي چُمڻ ڏيڻ لڳو. اهڙو منظر مون زندگيءَ ۾ پهريون پيرو ڏٺو. ڏسڻ سان منهنجي اکين مان بي اختيار لڙڪ وهڻ لڳا ۽ آءٌ ته سڏڪن ۾ پئجي ويس. وڏيڪ ڇا عرض ڪيان، آءٌ نه ليکڪ آهيان، نه ئي وري شاعر! جو ڪجھ آهيان مرشدن ڪريمن جي مهابي آهيان. شل او سبحانه تعاليٰ سيدن سڳورن جي عزت آبرو، شان شوڪت کي وڌ کان وڌ ڪري، مهابي مدني مير مرسل عليہ الصلوات والسلام جي آمين.

**سيد عبدالهادي شاھ**

هيءُ سيد سڳورو مرشدن ڪريمن جو عاشق وقت جو ولي الله، صابرين و شاڪرين آهي. زماني جي لحاظ کان سرڪاري وڏن عهدن تي فائزو رهيو آهي. سدائين سفيد سلوار قميص ۾ مون ڪيس ڏٺو آهي. مون گنهگار سان خدا ڪارڻ محبت اٿن. هڪ دفعي مون کي فرمايائون ته، توسان انهيءَ ڪري محبت آهي جو توکي درگاھ شريف جا مٽ ڀريندي ۽ نلڪو وهائيندي ۽ ٻهاري ڏيندي مون ڏٺو آهي. هن وقت ته مريدن کي مٽن ڀرڻ جي تڪليف ڪونه ٿي ڪرڻي پوي. "ڪولر" لڳو پيو آهي. جو بجليءَ تي هلي ٿو. نلڪي گيڙڻ جي ضرورت ناهي، بجليءَ تي پاڻي مٿي چڙهي ٿو. باقي رهي ٻهاري سهاري ساڀ هاڻي اسان مريدن کان نٿي پڄي. اسان مريد هاڻي چاهيون ٿا ته، درگاھ شريف تي پهچڻ سان ڪو اسان جي خدمت ڪري، زور وغيره به ڏئي ۽ ايئرڪنڊيشنڊ ۾ طول وهاڻن تي سهاري.

ان کان سواءِ ٻيا سيد سڳورا به اچن ٿا، پر افسوس مون نااهل کي انهن جا نالا مبارڪ نٿا اچن.

سيدن سڳورن کان علاوه غير سيدن ۾ ميان قاضي شفيق احمد مهيسر، ميان حاجي الله بخش سومرو صاحب جن جا نالا قابل ذڪر آهن. مهيسر صاحب سياسي حيثيت سان مشهور آهي ۽ سومرو صاحب حڪومت جي وڏن وڏن عهدن تي فائز رهيو آهي. حيدرآباد جو ڪمشنر ۽ ايڊيشنل چيف سيڪريٽري به رهي چڪا آهن.

شل او سبحانه تعاليٰ سڀني مرشد پائرن ۽ ڀينرن کي شاد و آباد، گل گلزار، باغ و بهار رکي، دين دنيا ۾ عزت وارو ڪرڻ فرمائي. بحرمت سيد الڪونين فخرالانبياءِ سيد المرسلين تاج دارِ مدينہ ﷺ جي آمين، ثم آمين.

ماٺهو مڙئي نہ سهڻا، پر پکي هڙئي نہ هنجھ،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجھ اچي بوءِ بهار جي.

## رئيس غلام رسول خان جتوئي

پاڻ خوش خُلق، ملنسار، غريب نواز ۽ مرشدن ڪريمن جا عاشق ۽ بيحد ادب ڪرڻ وارا هُئا. منهنجي ساڻن ملاقات ٽي دفعہ ٿي جا چڱيءَ طرح ياد آهي.

هڪ دفعي حضرت شهنشاهہ شاهہ آغا جن جي حضور ۾ درگاهہ شريف جي مسجد مبارڪ ۾ ٻيو دفعو ١٦٣، گارڊن ويسٽ ڪراچيءَ واري بنگلي ۾ جتي صاحبزاده مرشدزاده حاجي مولوي غلام نبي جان آغا رحمۃ الله عليہ جن جي عافيت پُرسيءَ لاءِ آيا هئا.

ٽيون دفعي ١٩٥٣ع يا ١٩٥٤ع ۾ جڏهن مامون سائين غلام رسول مرحوم نواب شاهہ ۾ ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج هُئا. مرڪيوري فورڊ گاڏي هُئي. قادر بخش تنيو ڊرائيور هيو. ماما سائينءَ جن خان صاحب غلام رسول خان سان ملڻ لاءِ جتوئي صاحب جي ڳوٺ هليا.

سندن محبت سان ملڻ اڃا ياد آهي باغ بانيءَ جا شوقين هئا ۽ ماما سائينءَ جن کي عجيب عجيب قسم جا ٻوٽا ۽ گل ڏيکاريائون جي سندن چونڊ موجب چين، جپان ۽ ٻين مختلف ملڪن

مان گهرايل هُئا.

منجهند جو هڪ زير زمين جاءِ ۾ وڻي هليا. جيڪا جڻ ايئر ڪنڊيشن وانگر ٿڌي هُئي، جتي پاڻ اونهاري ۾ منجهند جو آرام فرمائيندا هُئا. رحمت الله تعاليٰ عليهم اجمعين

## رئيس غلام مصطفيٰ خان جتوئي

رئيس غلام مصطفيٰ خان جو ادب نياز ۽ نوڙت مرشدن ڪريمن لاءِ خصوصاً مثالي آهي. رئيس صاحب جن مونکي ذاتي طرح سان به سڃاڻين ٿا.

مرحوم ذوالفقار علي ڀٽي پيريءَ جڏهن پهريون ڀيرو ڪين يو اين او جي وفد ۾ ميمبر جي حيثيت سان امريڪا اماڻيو U.N.O ٿي ويو، تڏهن پاڻ درگاهه شريف تي حضرت مرشدن ڪريمن کان دعا پنڻ آيا هئا. رات درگاهه شريف تي رهيا هُئا ۽ درگاهه شريف جي اڱڻ تي سُتا هئا، سيني مريدن سان گڏ سُتا هيا. ڇا ته سندن سادگي ۽ محبت آهي، سندن نياز ۽ نوڙت جو حال هيءُ آهي جو آءُ ته ڇا پر جيڪو به سائين ملڻ ويو هوندو، موڪلائڻ وقت دروازي تائين آيا هوندا. اها آهي انسان جي عظمت، نياز ۽ نوڙت اُن تي هڪ بيت ياد اچي ويو جو سنڌي اسڪول ۾ پڙهيو هئم:

هٺ ۽ ڪجهي ايترو، هٺ وڃايا وير
ڪري پيرا ڪيترا، مارين مٿان مير
هٺ وڃايا ڪيترا، توکان سنڌ سڌير،
پڙهيل پنڊت پير، ڪميا مان ڪني ويا.

سندس نياز ۽ نوڙت کيس وڏي درجي تي پهچايو. پاڻ وڏن وڏن سياسي عهدن تي فائز رهيا. ڀٽي مرحوم جي دؤر ۾ سنڌ جا چيف منسٽر رهيا ۽ سنڌ واسين جي وس آهر خدمت ڪئي.

سن ١٩٩١ع ۾ جتوئي صاحب کي ٩٠ ڏينهن لاءِ پاڪستان جو وزير اعظم چونڊيو ويو، جو سنڌ لاءِ هڪ وڏو اعزاز هيو. پاڪستان جو وزير اعظم ٿيڻ کان پوءِ پهريون ڪم هيءُ ڪيائين جو درگاهه

دارالارشاد ٽنڊو سائين داد شريف مرشد ڪريم حضرت فيض درجت اعليٰ حضرت قبلہ عبدالحميد جان مدظله العالي جن ۽ سندن فرزند ارجمند علامہ قبلہ عبدالوحيد جان جامع اوصاف جن جي خدمت اقدس ۾ دعا طلبي لاءِ حاضر ٿيو ۽ صاحبزاده ڪي مقبره شريف ڏانهن هلڻ جي لاءِ ٻڻ عرض ڪيو جو محبوب صاحبزاده قبول فرمايو.

ان ڪان سواءِ ٻيا ڪيترا مخلص مريد مون ڏٺا، جن مان ڪي ته حيات آهن ۽ ڪي هن جهان کي الوداع چئي ويا آهن. انهن حضرات مان چند نالا جي مون کي ياد آهن، سي عرض ڪيان ٿو: زندگيءَ وفا ڪئي ته ٻئي ايڊيشن ۾ انهن جو تفصيلي ذڪر لکندس.

**رئيس حاجي ڪريم بخش خان جتوئي**

رئيس حاجي ڪريم بخش خان جتوئي جو مرشدن ڪريمن جي عاشقن ۾ شامل آهي. جڏهن حضرت قبلہ صاحبزاده علامہ حاجي آقا عبدالوحيد جان مدظله العالي جن موري شريف جي مدرسہ رحمانيہ ۾ پڙهندا هئا. اتي حاجي صاحب سندن ڪما حقه خدمت ڪئي.

**ميان مولا بخش قريشي**

هي صاحب به خدمت گارن ۾ شامل آهي ۽ وڏي صداقت وارو آهي، سرهند شريف جي سفر ۾ به مرشدن جي رفاقت ۾ رهيو آهي، جتي هن وڏي خدمت ڪئي.

ٻيا به ڪيترائي محبوب مرشد ڪريمن جا عاشق هوندا پر مون کي هاڻي خبر نٿي پوي. بنياد مون رکيو آهي. ٿي سگهي ٿو ته اهڙو ڪو پروانو پيدا ٿئي جو پت ڪئي!

**حاجي محسن ڏوڪري وارو**

حاجي محسن رحمت الله عليه ڏوڪري وارو جو وڏوو زاهد شبخيز ۽ مرشدن ڪريمن جو عاشق هيو.

## ميان عبدالعزيز ڏوڪري وارو

ميان عبدالعزيز ڏوڪريءَ وارو، جو شاعر عاشق هيو، جنهن نہ فقط سنڌي پر فارسيءَ ۾ شاعري ڪئي آهي ۽ حضرت صاحبزاده عبدالوحيد جان مدظله العالي جن جي شان ۾ گهڻا قصيدا فارسي ۽ سنڌي ۾ چيا اٿس.

ميان عبدالعزيز ڏوڪريءَ وارو حضرت صاحبزادو مرشدزاده قبلہ علام حاجي عبدالوحيد جان مدظله العالي جن جي دستار بنديءَ جي خوشيءَ ۾ هڪ ڊگهو "نذرِ عقيدت" فارسيءَ ۾ پيش ڪيو، جنهن جو هڪ ٻہ مصراعون تبرڪ طور پيش ڪجن ٿيون:

بہ بسم الله زبان را پاڪ ڪرده بہ حمد الله سرِ خام گرفتہ
خيال و فڪر را پرواز داده، زمينِ شعررا بر عرش پرده
بہ اخلاص و محبت سر خميده، بہ خدمت مي سپارم اين قصيده
نہ اين عاجز فقط تنهامي گويد، مگر دنيا و ما فيها مي گويد

مبارڪ باشد و باشد مبارڪ
يڪي اين است ديگر صد مبارڪ

ٻي مئي اڻويهہ سو چوراسي تي عزيز صاحب حضرت مرشد زاده صاحبزاده آقا عبدالوحيد جان جن جي حضور ۾ موري ڏانهن سندن نوازش نامي جو جواب ۾ هيءَ شعر لکي موڪليو، جنهن ۾ صاحبزاده سهڻي پنهنجي نالي مبارڪ اڳيان فقير لکيو هيو.

فقير از پيش نامي خود نوشتي
لقب اجداد خود زنده ڪردي
ولايت تو اين حسبي نيست آقا
اين نسبي است ڪسبي نيست آقا

## ميان منير احمد رحمتہ الله

ميان محمد منير احمد مرحوم جو وفات کان اڳ حضرت قبلہ آقا غلام علي جان رحمہ الله عليہ جن سان گڏجي عمره شريف تي ويا هيا. پهري ڀار جي سفر جون ڳالهيون حضرت مرشدن ڪريمن جو

ڪرامتون پڌائيندو رهيو ۽ پڇاڙيءَ تائين ذڪر خير ڪندو رهيو.

## ميان گل محمد ڏوڪريءَ وارو

ميان گل محمد ڏوڪريءَ وارو، جو بفضل تعاليٰ حال حيات آهي ۽ درگاه شريف جي خدمگارن ۾ سندس نالو لکيل آهي.

## حاجي عبدالڪريم انڙ لاڙڪاڻي وارو

## حاجي غلام مصطفيٰ اسراڻ لاڙڪاڻي وارو

مٿيان ٻئي صاحب، حضرت قبله محمد هاشم جان رحمة الله عليه جن سان سرهند شريف جي سفر مبارڪ ۾ رفيق هيا. انهن ۾ راقم الحروف به شامل هيو.

## حاجي حافظ قاضي جان محمد سومرو رحمة الله عليه

ولادت: ۱۸ شعبان ۱۳۱۱هه

وصال: ۲۳ ربيع الاول ۱۳۹۷هه ـ ۱۴ مارچ ۱۹۷۷ع

حضرت ڏاڏا قاضي جان محمد صاحب نورالله مرقدهٔ وقت جا ولي الله ۽ فنيٰ في الشيخ هئا. اها ڳالهه لڪي نه ٿو ڪريان پر ثبوت سان چوان ٿو. حضرت مرشد ڪريم قبله آقا حاجي غلام علي جان سرهندي مجددي رحمة الله عليه جن مون گنهگار جي سامهون ساليانه عرس شريف جي موقع تي فرمايو هو ته هيءَ جيڪي حضرت صاحب جن جا مريد ڏسو ٿا انهن مان ڪيترا ولي ۽ قلندر آهن. ڏاڙهين وارا به ته بي ڏاڙهيا به. انهن مريدن ۾ ڏاڏو سائين جان محمد به هيو ته سندن فرزند حاجي غلام قادر صاحب به هيو.

پاڻ هوندي ته ڪيترا پيرا سال ۾ درگاه شريف تي ويندا هئا پر سالياني عرس شريف ۽ خيرات جي موقع تي وڏي اهتمام سان ويندا هئا. جڏهن ديهات شريف مان وڃڻ جي تياري ڪندا هئا. تڏهن طبيعت بدليل هوندي هئي اکيون ڳاڙهيون ۽ باربار رقت ٿيندي رهندي هئي. جڏهن ڪو اڻ واقف پڇندو هين ته سائين ڪيڏانهن جي تياري

آهي تڏهن درگاهه شريف ۽ مرشدن ڪريمن جو نالو مبارڪ نه وٺي سگهندا هئا ۽ بي اختيار اکين مبارڪن مان لڙڪن جي برسات وهڻ شروع ٿيندي هئي ۽ ڪڏهن نه روئڻ ۾ ٻنجي ويندا هئا. واهه ڏاڏا سائين تنهنجو عشق.

جڏهن پيا ياد، سدا سهڻا سپرين
ڳلن تان ڳوڙهن جي وهي هلي برسات
سندي سپرين ياد، ڪارا قلب اجاريا.
(احقر غلام مصطفيٰ سومرو)

حضرت شهنشاهه شاهه آغا رحمة الله عليه جن جي ٻيٺڪ سندن حويلي مبارڪ جي دروازي مبارڪ جي پرسان ٿهيل هئي. اڳيان ٿلهو ۽ پويان ننڍڙو ڪمرو ٺهيل هوندو هو، محبوب مرشد ڪريم جن خيرات جي موقع تي ان ٿلهي مبارڪ تي وهندا هئا.

هن گنهگار ڏاڏي سائينءَ جو حضرت صاحب جن سان ملڻ جو نظارو هيئن ڏٺو. پيرن مبارڪن جي جاءِ تي ٿلهي ڪان هيٺ ويهي، پير چمي پوءِ هٿن مبارڪن کي چميون ڏنيون. محبوبن خوش خيرعافيت ڪئي پوءِ وري ٻين مريدن سان گفتگو ڪرڻ لڳا. تڏهن ڏاڏي سائين ڇا ڪيو جو سندن جتي مبارڪ ڪئي اکين تي رکي خوب چميون ڏنيون ايئن پئي چميو جڻ هو اڪيلو آهي ۽ ان کي ٻيو ڪوبه ڪونه ٿو ڏسي. انهيءَ ئي شغل ۾ محو هو جو اوچتو مرحوم مولوي محمد علي شهبازي اچي ڪڙڪيو ۽ هڪل ڪري ڏاڏا سائينءَ کي ايئن ڪرڻ کان منع ڪيائين. حضرت صاحب مرشد ڪريمن مولوي صاحب کي تنبيهه ڪئي نه قاضي صاحب کي ڪجهه نه چئو.

هڪ سال مرشدن ڪريمن جي ديهات شريف تشريف آوري ٿيڻ واري هئي. آءٌ به ڪراچيءَ کان پهتس، برادرم عبدالحفيظ به مونکان هڪ ڏينهن اڳ ۾ پهتو هو. صبح جو ٽائيم هو. حضرت ڏاڏا سائينءَ جن به مسجد شريف ۾ تشريف فرما هيا. مدرسي جي طالبن جو هجوم موجود هو عبدالحفيظ راٺو به هو ۽ ڏاڏا سائينءَ جن مسجد شريف جي صفائي ۽ سينگارڻ جي نگراني فرمائي رهيا هئا. جنهن

گھڙيءَ آءُ پھتس، ان وقت گفتگوءَ جو موضوع هو ته استقباليه شعر سنڌي ۾ سنو لکيو وڃي ڪنھن کھڙو ڪنھن کھڙو پنھنجي پنھنجي ٻڌايو پر ڪين اطمينان نه پئي ٿيو. مون به عرض ڪيو ته قبله سائين اجازت هجي ته آءٌ به عرض ڪيان. پاڻ فرمايائون ته ها ٻڌاءِ. پوءِ مون سر ڪنڀات مان هيءُ شعر ٻڌائي گھوٽ رحه جن جو عرض ڪيو:

اڄ جي هڪ وار، مون ساريندي سپرين
پيرين ڏريان پنبڙيون، هنڌ وڇايان وار،
ساجن سڀ ڄمار، هوند گولي ٿي گذاريان.

بيت ٻڌڻ شرط قاضي صاحب پنھنجي ويو، اکين مان لڙڪن جي قطار نڪري وئي ۽ ٻنهيل آواز ۾ فرمايائون ته هيا سڀ بيت ڊاهه ۽ بورڊ تي هيءُ بيت مبارڪ لک. پوءِ برادرم عبدالحفيظ، جنھن جا اکر سٺا آهن، اهو بيت لکيو.

مونکي چٽو ياد آهي جڏهن مرشد ڪريم شهنشاهه شاهه آغا رحمته الله عليه جن تشريف فرما ٿيا، تڏهن بورڊ وٽ بيهي، اهو بيت پڙهي پوءِ ڪمري مبارڪ ۾ داخل ٿيا.

حضرت ڏاڏا سائين جان محمد صاحب جن سراپا محبت هُئا، فنافي الشيخ هُئا. وقت جا ولي الله وابدال هئا، ۽ وڏا عابد شخص هُئا.

اکين ڏٺي ڳالهه تو لکان ٻڌل نه آهي. رات جو هڪ ٻجي ڪانپوءِ سمھندا نه هُئا. پنھنجو بسترو ويڙهي مٿن ڪان رکندا هُئا. حياتي مبارڪ جي آخرين ڏينھن ۾ کٽ تي ويهي تهجد پڙهندا هُئا. فجر جي نماز تائين ورد وظيفو ڪندا رهندا هُئا. فجر جي نماز کان فارغ ٿي گهر جي ڀاتين کي نماز لاءِ اٿاريندا هُئا. ۽ پنھنجي مخصوص آواز ۾، جو اڄ به ڪنن ۾ گونجندو رهي ٿو، فرمائيندا هُئا. "اٿو مومنو نماز تي اٿو ڏينھن ٿي ويو آ اٿو" اٿو مومنون نماز تي اٿو ڏينھن ٿي ويو آ اٿو، نماز، نماز، نماز، ڪم از ڪم ٽي ڀيرا اهي نعرا هڻندا هُئا. پوءِ خاموش ٿي سج اڀرڻ تائين مراقبي ۾ هليا ويندا هُئا، سج اڀرڻ ڪانپوءِ اشراق پڙهندا هُئا. ايتري ۾ چانھن به اچي ويندي هئي.

انهيءَ وچ ۾ ڪنهن سان ڪا ڳالهه ٻولهه يا ڪا گفتگو ڪئي ته واهه ته ته مڙئي خير، اشراق ڪانپوءِ ٿورو آرام فرمائيندا هُئا. بعد ۾ ٻاهر اوطاق ۾ هاري ناريءَ سان ملڻ ويندا هُئا.

مون گنهگار کي جا نصيحت فرمائي هئائون اُها قارئين ڪرام جي فائدي لاءِ لکان ٿو. ڪوشش ڪري آءٌ ان تي عمل ڪندو آهيان. اوهان حضرات به ڪوشش ڪري ان تي عمل ڪندا رهو ته بهتر. فرمايو هيائون ته بابا ٻن وقتن جو قدر ڪندو ڪر، هڪ فجر جي نماز کان سج اڀرڻ تائين ٻيو عصر جي نماز کان مغرب جي نماز وارو عرصو، اِهي ٻئي وقت تمام قيمتي اٿئي.

ڀٽائي صاحب رحہ جي بيتن تي عبور هوندو هُئس آءٌ جڏهن به ڪنهن بيت جي معنيٰ پڇندو هيس تڏهن روئي ڏيندا هُئا ۽ مون کي به رئاريندا هئا. ان روئڻ ۾ بيت جي معنيٰ سمجهه ۾ اچي ويندي هُئي. مثال طور هيٺ ڏنل بيت جي معنيٰ به حضرت ڏاڏا سائينءَ جن اهڙيءَ طرح سمجهائي.

اڄ ٻڌ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جون
هلڻ هارا سپرين رئان تان نه رهن،
آءٌ جهلينداس ڪيترو، آيل ساموندين
پڳهه ڇوڙي جن، وڏا ٻيڙا ٻار ۾

هن بيت ۾ زندگي ۽ موت جو فلسفو بيان ٿيل آهي.

اونهاري ۾ ڪڏهن ڪڏهن شيخ مانده شريف حضرت مرشدن ڪريمن جي خدمت اقدس ۾ ويندا هُئا. پاڻ سان اٽو چانور، مرچ مصالح به ڪثرت سان کڻي ويندا هُئا. ۽ ٻيون ضروري شيون چاچا سائين نوراحمد جن جي هٿان جو صاحب موصوف حضرت مرشدن ڪريمن جي خدمت اقدس ۾ گذاريندو هو، گهرائيندا هُئا. سندس تعريف آءٌ ڇا لکي سگهندس. مون عاجز کي ڪهڙي طاقت آهي.

**ننگي مڙس ڏاڏو جان محمد:**

اسان جا سڀ بزرگ ننگي مڙس هئا. ڏاڏا سائين جان محمد

رحمت الله عليہ جن ڪيترن ئي منهن مائٽن پاڙي وارن ۽ عام مسلمانن کي نوازيو. انجو ٿورو مثال ڏجي ٿو. ميان غلام محمد مرحوم ۽ ميان فقير محمد مرحوم کي ڪراچيءَ ۾ رهائي ڊپلوما ڪورس ڪرائي سرويئر جي نوڪري ڏياري، مرحوم ولي محمد، ميان محمد اسمعيل، ميان عبدالغني ۽ ميان عبدالرشيد سومرن کي انجنيري (P.W.D) کاتي ۾ نوڪريون ڏياريون.

١٩٤٢ع ۾ حُرن جي شورش دوران سيني مائٽن کي يعني مامي نيڪ محمد وارا، حاجي الله بخش، ڏاڏو علي محمد وارن کي پنهنجي خرچ سان حضرت والد صاحب جن ڪراچيءَ وٺي آيا. ۽ ڪراچيءَ ۾ ماما سائين غلام رسول سيني جي مهماني ڪئي ۽ ڪيترائي مهينا ڪارايو پياريو ۽ رهايو.

حيدرآباد ۾ جڏهن حاجي غلام قادر صاحب مرحوم جن رهندا هئا، ان وقت پنهنجن مائٽن مان ڪنهن جي ٻ جاءِ حيدرآباد ۾ نہ هوندي هئي.

هڙئي مائٽ عيال سوڌو ايندا هئا ۽ حاجي صاحب وٽ هيرآباد رهندا هئا. درگاهہ شريف ڏانهن ويندي يا ڪنهن علاج معالجي خاطر جڏهن ايندا ويندا هئا تہ هيرآباد ۾ رهندا هئا.

ڏاڍو ڏکيو آهي، جيڪي جيترن مهمانن کي کارائڻ پيارڻ ۽ رهائڻ. هر هڪ جو وس ۽ همت نہ آهي.

## فضيلت مآب حاجي قاضي غلام رسول سومرو

ولادت: ٢١ صفر ١٣٢١ هہ مطابق ٢١ مئي ١٩٠٣ع روز اربع

وصال: ٢١ جولاءِ ١٩٦٢ع- مزار: ديهات شريف

خان صاحب غلام رسول مرحوم ١٩٣٥ع ۾ سب جج جي عهدي تي فائز ٿيا. پنهنجي ايمانداريءَ شرافت جي ڪري ترقي ڪندا سيشن جج جي عهدہ تي پهتا. عمر جي آخرين ڏينهن ۾ اليڪشن ڪميشنز جا ميمبر ٿيا. علي محمد راشدي صاحب جو ان وقت وزير

اطلاعات هيو. ان جي چوڻ تي مغربي پاڪستان مان ماما سائينءَ کي ميمبر ڪنيائون مشرقي پاڪستان مان عنايت الرحمان کي ميمبر چونڊيو ويو ۽ F.M خان کي چيف اليڪشن ڪمشنر مقرر ڪيو ويو. جو ان وقت ريلوي جو وزير هيو. ايوب خان انوقت پاڪستان جو صدر هو. سندس صدارت ۾ پهرين اليڪشن ٿي جيڪا بيسڪ ڊيموڪريسي يعني B.D جي تحت ٿي جنرل ايوب کي اليڪشن ۾ چونڊيو ويو. جنهن جي مقابلي ۾ محترم فاطمه جناح بيٺي هئي جنهن هارايو.

ماما سائين مرحوم جج صاحب جي نالي سان مشهور هوندا هئا، هن صاحب جي عمر مبارڪ مرشدن ڪريمن جي خدمت، محبت ۽ عشق ۾ گذري، هر سال ٻئي عيدون مرشدن ڪريمن جي حضور ۾ درگاهه شريف تي گذاريندا هئا. سندن وضع قطع فقيرائو هوندو هو. درگاهه شريف تي جڏهن ويندا هئا تڏهن پٽڪو، پهراڻ سلوار پائي ويندا هئا. ڌاريءَ ماڻهوءَ کي خبر ئي نه پوندي هئي ته هيءُ ٻ ڪو جج صاحب يا ڪمشنر صاحب آهي. اُٿي وِهڻي ۾ تواضع و انڪساري هوندي هئي. حضرت مرشدن ڪريمن جي مجلس مبارڪ ۾ وهڻ وقت ڪوشش ڪري پري جتين جي جاءِ تي وهندا هئا. مرشد ڪريمن جي اڳو ڳالهائڻ جي همت نه ڪندا هئا. پنهنجي مدعا لکي يا ڪنهن خدمتگار جي وسيلي پيش ڪندا هئا. ڪورٽ ۾ فيصلي ڏيڻ وقت الله تعاليٰ جو خوف رکي، فيصلو ڪندا هئا.

جج جي نوڪري جي دوران ڪنهن جي ٻه سفارش نه ٻڌائون. چو جو اهو حڪم ڪين حضرت مرشدن ڪريمن جو هيو. انهيءَ لاءِ ٻه مثال پيش ڪجن ٿا.

محمد ايوب کهڙو سنڌ جو وزير اعليٰ هيو، جنهن مير غلام عليءَ جي وڏ وزارت ڊاني هئي ۽ ڪيس مٿيءَ جيل ۾ تڪليف ڏيڻ لاءِ بند ڪرايو هيو. تنهن ڪان پوءِ ماما سائينءَ جي بنگلي تي رات جو اچي چئي ويو ته ڪيس ضمانت نه ڏني وڃي، تنهن جي باوجود جڏهن اي کي بروهي ضمانت وٺڻ آيو، حالانڪ ڪورٽ جو وقت ختم ٿي ويو هيو. ٻئي ڏينهن تي آچر هيو ۽ موڪل هئي. ماما سائينءَ

ڪورٽ ڪولرائي ٽپا هٿائي ڏنس ته جيئن هيءَ شريف ماڻهون گهڻون وقت جيل ۾ نه رهي.

ٻيو مثال: اڪثر آءُ ماما سائينءَ جن کي رات جو سمهڻ وقت زور ڏيندو هئس.

حسب دستور زور جو وقفو وڌ ۾ وڌ اڌ ڪلاڪ هلندو هو ۽ پوءِ پاڻ فرمائيندا هئا ته "بابا هاڻي تون به وڃي آرام ڪر" انهيءَ رات ائين نه ٿيو، سڄي ۽ کبي پاسي پئي پاسا ورايائون ۽ ٿڏا ڇوڪارا پئي ڀريائون آخر رات جا ٻارنهن وڳا جو ڀرواري سنڌ يونيورسٽيءَ جي گهڙيال مان ٺڪاءُ لڳا. آخر ڊڄي ڊڄي عرض ڪيم ته قبلہ سائين اوهان کي ننڊ ڇو نه ٿي اچي طبيعت ته ٺيڪ آهي. پاڻ وڏي محبت سان فرمايائون ته "بابا سياڻي مون کي خون جي ڪيس ۾ فيصلو ڏيڻو آهي. منهنجي نظر ۾ جوابدار ٻي ڏوهي آهي، پر مٿس شاهديون ٻهي رهيون آهن ۽ اسان کي هلڻون آهي شاهدين تي، انهيءَ سوچ ۾ ننڊ نٿي اچي، اِهو هيو خدا تعاليٰ جو خوف ۽ اِها هئي خدا وارن جي نشاني.

## سراپا اخلاص و محبت:

ماما سائين غلام رسول رحہ جن سراپا محبت هئا. پنهنجي مرشدن ڪريمن سان محبت مٿن مائٽن سا محبت خاندان وارن سان محبت. ذات وارن سان محبت. اولاد سان ته هر ڪو محبت ڪري پر پاڻ پينرن سوٽن ماساتن جي اولاد کي پنهنجو اولاد سمجهي هٿ رکڻ هر ڪنهن جو جگر گرڊو ناهي، پنهنجي مامي قاضي خداداد صاحب جي پٽ ميان غلام محمد مرحوم کي پڙهائڻ، قاضي عبدالحڪيم رحہ جي پٽ ميان عبدالغنيءَ کي پڙهائڻ. قاضي نيڪ محمد جي جي فرزند ميان عبدالرشيد صاحب کي پڙهائڻ اِهو ڪم هر ڪنهن جو نه آهي.

١٩٥٣ع ۾ نواب شاهه ۾ آل پاڪستان سومرا ڪانفرنس ڪوٺائي، جنهن ۾ سڄي پاڪستان جا سومرا ڪٺا ٿيا هئا. ان ۾

اهو پروگرام بنايو ويو قوم جي ٻارن کي تعليم ڏيارجي ان لاءِ اسڪول، ڪاليج ۽ سوامرا يونيورسٽيءَ جو بنياد رکجي، رقم لاءِ هڪ سومرو مرد يا عورت فقط هڪ روپيو چندي ۾ ڏئي. ڪنهن به هڪ تي بار پوڻ جي ضرورت نہ آهي ۽ نہ ئي وري چندي اگهارڻ جي ضرورت آهي، پر افسوس اهو پروگرام تڪميل تي نہ رسيو.

خان صاحب مرحوم منهنجو تہ مامون هيو. پنهنجي اولاد کان مونکي وڌيڪ پيائيندو هيو. جڏهن پاڻ سکر ۾ فرسٽ ڪلاس سول جج ٿي آيا جو ان کان اڳ ڪراچيءَ ۾ مئجسٽريٽ هئا. ان وقت ١٩٤٢ع ۾ سڀ ڪراچيءَ ۾ فقط ٽي مئجسٽريٽ هوندا هئا. انهن مان پهريون ماما سائين غلام رسول مسلمان مئجسٽريٽ هيو ان کان اڳ هندو، پارسي يا عيسائي هوندا هئا. اهڙيءَ طرح ڪراچيءَ جا ميئر بہ اهي هوندا هئا. اتفاق جي ڳالهہ آهي، جو ان وقت پهريون مسلمان مئجسٽريٽ قاضي غلام رسول سومرو يعني منهنجو مامون ۽ ميونسپل ڪارپوريشن جو پهريون مسلمان ميئر قاضي خدا بخش موري وارو ٿيو ان کان اڳ ڪراچيءَ ۾ وڪالت ڪندو هيو ۽ اسان جي پاڙي ۾ يعني گارڊن ويسٽ ۾ رهندو هو.

پاڪستان ٺهڻ کان اڳ جي ڳالهہ ئي نرالي هوندي هئي، موڪلن جي ڏينهن ۾ جڏهن ججن کي اونهاري جون موڪلون ملنديون هيون تڏهن پاڻ ديهات شريف ۾ موڪلون گذارڻ ايندا هئا. خبر پوندي ئي شهر جا هندو خواهہ مسلمان اچي اوطاق تي ميڙو ڪندا هئا، ڪيئي قسمن جون خوش طبعيون ٿينديون هيون، هندو "سانگ" تي ايندا هئا، يعني پوشاڪون بدلائي ڪو فقير جي ڊريس ۾ ڪو ٻائي جي ڊريس ۾ مختلف شڪليون ٺاهي ايندا هئا ۽ مامي سائينءَ جن کي کلائيندا هئا. نو لکيءَ واهہ جي ڪناري سنجهين جي وٽن جي ڇانو هيٺان اسان جوڪرن کي ڪٻٽي راند ڪرائيندا هئا. ۽ انعام ۾ آنب ڏيندا هئا. واهہ ماما غلام رسول تنهنجو خُلق اخلاق ۽ ملنساري.

مون کي تہ اٿڻ ويهڻ، گهر جو ڪم ڪار ڌوٻيءَ جو حساب ڪتاب ڪرڻ، ڪپڙا ڪٿي ڌوٻيءَ کي ڏيڻ ۽ حساب ڪري وٺڻ ۽

ڪيڙن جو حساب ڪتاب ڪرڻ سڀ ماما سائينءَ سيکاريو، آءٌ ۽ برادرم ڊاڪٽر عبدالخالق عرف فضل هادي صاحب جن سائن گڏ رهندا هئاسين. ڊاڪٽر صاحب ته ڪراچيءَ بلڪ ميهڙ وغيره کان گڏ هيو پر آءٌ سکر کان وجي سائن مليس، جو هلندي لاڙڪاڻي ۾ گڏ رهيس، جڏهن ماما سائينءَ جن ترقي ڪري ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ٿي دادو ويا تڏهن آءٌ حاجي صاحب غلام قادر مرحوم وٽ رهڻ لڳس.

ماما سائين مرحوم جن مختلف شهرن ۾ رهيا. شروعات ميهڙ کان ڪيائون پوءِ روهڙيءَ ۾، ڪراچي، سکر، لاڙڪاڻي، دادو، کان سيشن جج ٿيا اتان ميرپور خاص، پوءِ حيدرآباد، ڦري وري ويا سکر، اتان اليڪشن ڪميشن جا ميمبر چونڊجي ڪراچيءَ ۾ آيا، ڪميشن کانپوءِ ڪين هاءِ ڪورٽ ۾ ويٺو هيو پر ڪن بدمعاش آفيسرن جي ڪري پاڻ وري موٽي ميرپور خاص ۾ سيشن جج ٿي آيا. جا جاءِ سندن لائق نه هئي، دل شڪسته ٿي پيا. اچان مهيني جي پهرين پگهار به نه کنئي هئائون جو دل ٽٽڻ ڪري وفات فرمايائون انا لله وانا اليه راجعون. رٽائرڊ ٿيڻ کانپوءِ سندن خيال مبارڪ ڪراچيءَ ۾ رهڻ جو هيو، اهو به فرمائيندا هئا فضل هادي ڊاڪٽري پاس ڪري ته پوءِ ڪراچيءَ ۾ ڪيس ڪلينڪ کولي ڏيان يعني پنهنجي جاءِ جي هيٺين حصي ۾،

مادرچه خياليم وفلک درچه خيال
ما خواب خياليم وفلک پخته خيال

بندي جي من ۾ هڪڙي مالڪ جي من ۾ ٻي.

آءٌ اُن وقت خيرپور ۾ پيرول آفيسر هُيس، ڊاڪٽر صاحب جن اچان جام شوري ۾ پڙهندا هئا ۽ ايم بي بي ايس جي آخري سال ۾ هئا حاجي صاحب غلام قادر و حاجي صاحب غلام صديق ڪين ڪٺائي ديهات شريف آيا.

حضرت قبله شهنشاه شاه آغا سهڻن انهيءَ ڏينهن ماني کانه کاڌي هئي ۽ پنهنجي حويلي مبارڪ جي دروازي مبارڪ تي ظاهري

پيغام آئيندڙ جو انتظار ڪندا رهيا، واهه ماما سائين تنهنجو بخت. سندن تدفين بزرگن جي چوڪنڊي ديهات شريف ۾ ٿي.

## والد محترم مولوي حاجي غلام حسين سومرو نورالله مرقده

ولادت: ٢٢ ذوالعقد ١٣٢٥هه مطابق ١٩٠٧ع
وصال: ١٧ ذوالعقد ١٤١٧هه مطابق ١٧ اپريل ١٩٩٤ع

جسم ۾ ڀريل، نوراني چمڪندڙ چهرو مبارڪ، عالمانہ نشست برخاست، گفتگوءَ ۾ حق جي گفتار، اڳيان ڪٿي ڪير بہ هجي حق جي ڳالهہ ڪرڻ فرمائيندا هئا. سندن هي مقولو هر وقت زبان مبارڪ تي هوندو هو. "الحق مُر ولو ڪان دُر" حق ڪَوڙو آهي پلي اهو موتي هجي. پاڻ زميندار وڏي دبدبي سان ۽ شان شوڪت سان هلايائون، ڪنهن بہ ڪاموري جي پرواهہ نہ ڪندا هئا. خصوصاً پوليس واري ڪي ڏسڻ ۽ ملڻ کي ناپسند فرمائيندا هئا. هڪ دفعي مختيار ڪار ڪنڊياري جو چندو وصول ڪرڻ آيو جو پاڪستان ٺهڻ جي خوشيءَ ۾ جشن پيا ملهائين. بابا سائينءَ کيس سو روپيہ جو نوٽ ڏنو ۽ پوءِ پڇيائونس تہ بابا جشن ۾ ڇا ڪندا. هن کي بہ ڪٿي تي ڪٿي، هن چيو تہ سائين راڳ ناچ جي محفل ٿيندي وغيره، يڪدم چيائونس تہ اهو سو روپيو واپس ڪر. واپس وٺي فرمايائونس تہ اسان مولوي ماڻهون راڳ ۽ ناچ کان خود منع ڪيون جو اهو غير اسلامي ڪم آهي، ۽ تو کي وري پئسا ڏيان تہ وڃي ناچ ۽ راڳ ڪراءِ. ڇا تہ سندن اسلامي غيرت هئي!

پاڻ وڏي حشمت وارا ۽ دبدبي وارا هوندا هئا. گهڻيءَ مان ڪو منهن اڳهاڙي نہ لنگهندو هيو.

حضرت والد صاحب رحمتہ الله عليہ جن حضور مرشد ڪريم قبلہ خواجہ محمد حسن جان سرهندي نورُ الله مرقدہٗ جن جي صحبت ۾ گهڻو رهيا صحبت جو مٿن اهو اثر ٿيو جو حق جو ڪلمون سڀ

سنجيده ٿي فرمايائون ته بابا مان ڪو مهاڻون آهيان جو گاريون ڏيندس! مان مولوي ماڻهون مون کي گاريون ڏيڻ اچن ٿي ڪونه بس مان ڊڄي ويس ۽ خاموش ٿي ويس. پوءِ پڪ ٿي ته اهي گاريون ڏيڻ واري ڏنيون.

مون گنهگار کي نماز جو عادي حضرت والد صاحب جن بنايو. ننڍي هوندي کان مون کي پاڻ سان گڏ نماز پڙهائيندا هئا. صبح جو سوير ڪڇ تي يا پنيءَ تي کڻي مسجد شريف ڏانهن وٺي ويندا هئا. سيارو هجي يا اونهارو. فجر جي اذان جوانيءَ واري عرصي ۾ پاڻ ڏيندا هُئا.

مرشد ڪريمن جا عاشق هوندا هُئا ۽ هر وقت حضرت خواجه صاحب رحمة الله عليه جن جا مثال ڏيندا رهندا هُئا.

حضرت والد صاحب جن بفضل تعالىٰ پنج حج ڪيا، پهريون حج ١٩٣٨ع مطابق ١٣٥٦ھ ۾ حضرت مرشد اڪمل هادي انور حضرت خواجه محمد حسن جان سرهندي فاروقي نقشبندي رضي الله تعالىٰ عنه جن جي رفاقت ۾ بحري جهازن ۾ ڪيو جنهن جو نالو رضواني ۽ اسلامي هيو حضرت مرشد ڪريمن سان گڏ مريدن جي وڏي جماعت هُئي جن ۾ خانبهادر غلام محمد اسراڻ لاڙڪاڻي وارو، حاجي عبدالڪريم انڙ لاڙڪاڻي وارو، حاجي محسن ڏوڪريءَ وارو قابل ذڪر نالا آهن. حضرت والد صاحب جن حضرت مرشدن ڪريمن جون ڪيتريون سفر مبارڪ جون ڳالهيون ڪندا هُئا انهن مان خاص هيءَ آهي ته، مديني پاڪ ۾ جڏهن پاڻ نماز لاءِ مسجد نبوي ﷺ ڏانهن روانگي فرمائيندا هُئا. ته رستي تي ماڻهن جون قطارون لڳي وينديون هيون ۽ حضرت مرشد ڪريمن جي دست بوسي لاءِ ماڻهون بيهي رهندا هُئا ۽ چوندا هُئا "هذا ولي" "هذا وَلِي" يعني هيءُ ولي الله آهي. حالانڪ مديني عاليه جي رهواسين جي، حضور نبي ڪريم ﷺ جن جي موجودگيءَ جي ڪري ڪنهن تي اک ئي نه پڏندي آهي. پر حضرت مرشدن ڪريمن جي نورانيت ڏسي مجبور ٿي دست بوسي اچي ڪندا هُئا.

ڪري پيئندا هئا. چانهن ۽ تيز مٺي واپرائيندا هئا. جوانيءَ ۾ کير پيئڻ جا شوقين هئا. هڪ ئي وقت چار پنج سير ماهيو کير پيئڻ عام هوندو هو.

عجب جي ڳالهه اها آهي ته ايترو مٺاڻ استعمال ڪرڻ جي باوجود ڪين مٺن پيشابن جي تڪليف نه ٿي، طب ۾ ماهر ۽ لاثاني حڪيم هئا. اڪثر نبض ڏسڻ ڪانسواءِ ئي، شڪل ڏسي بيماري ٻڌائيندا هئا. اسان اولاد کي ڏاڏو چيائون ته بابا مونکان پرايو پر افسوس اسان کي اهو ورثو هٿ نه آيو اڄ ۽ سندن ڪتابن مان فائدو وٺي سگهئون ٿا. سندن چند ڳالهيون جي بار بار ٻڌائيندا هئا آهي ياد آهن باقي خير.

زندگيءَ جا آخري ڏينهن مبارڪ شڪر ۽ صبر سان ڪراچيءَ رهيا. شل اوسبحانہ تعاليٰ کين پنهنجي جوارِ رحمت ۾ دائم رکي اسان اولاد لاءِ شل دائم دعاگو هجن. (آمين ثم آمين)

سندن وصال، ذي القعد ١٣٩٧ھ مطابق، اپريل ١٩٩٦ع ۾ ٿيو.

گهوٽن ۽ گهوڙن جيئڻ ٿورا ڏينهڙا!
ڪنهن منجهه ڪوٽن، ڪنهن راهي رڻ جا. (شاهه)

مٺا جي محبت سي ماريا نه موت
وتن جال جيئرا فنا ڪيا نه فوت
لڌن جاءِ هڪ مان، رهن جاءِ ٻيءَ
هٿن ٿا جيئن هاري، گرارا ۽ روت.
(خليفو گل محمد رحہ گل هالائي)

## مولوي حاجي عبداللطيف سومرو رحمة الله عليه

ولادت: ١٩١٤ع- وصال: ١٥ ڊسمبر ١٩٨٦ع

ابر رحمت قبر تهنجيءَ تي سدا وسندو رهي
دان توکي مصطفيٰ ﷺ کان اڻ ميو ملندو رهي.

تقرير ۽ تحرير ۾ يڪسان بحر، علم جو اڻ ميو خزانو وقت جو

ولي، جنهن کي پنهنجن نہ پر پروان سڃاتو جيئن دنيا جو دستور رهيو آهي، اهو هيو قاضي حافظ عبدالطيف سومرو شل اُو سبحانہ تعاليٰ سندن قبر مبارڪ کي دائم منور رکي ۽ سندس فيوض و برڪات کي دائم قائم رکي آمين ثم آمين.

ڏاڏا سائين حضرت واعظ الاسلام قبلہ مولوي نظر محمد صاحب نوراللہ مرقدهُ جن جي وصال کانپوءِ مدرسہ ڪافي عرصو خالي رهيو فقط استاد فقير محمد اسماعيل رحمتہ اللہ عليہ جن پنج وقت بانگ صلاة ڪندا هُئا ۽ طالب فقط قرآن پاڪ جي تعليم حاصل ڪندا هُئا. ڪجھ عرصي کانپوءِ حضرت چاچا حاجي عبدالطيف صاحب جن اچي پنهنجي بزرگن جي مدرسي کي مچايو، عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم ڏيڻ لڳا جنهن ۾ ڪيترائي شاگرد فارغ تحصيل ٿي نڪتا.

جڏهن صاحبزاده ولي محمد جان ولد حاجي مولوي غلام نبي جان ديهات جي مدرسي مجدديہ ۾ پڙهڻ لاءِ آيا، تڏهن حضرت شهنشاھ شاھ آغا رحمہ اللہ عليہ جن مولوي صاحب عبدالطيف مرحوم جن کي ڏاڍيون دعائون ڪيون ۽ ڪين فرمايو تہ "باز تنهنجي هٿ تي آهي، تنهنجي مرضي آهي شڪار ڪرين ياڻ ڪرين".

مولوي صاحب ممدوح رحہ جن روزگار جي فڪر ۾ بہ لڳي ويا جو لازم امرُ هيو. اولاد وڏو پئي ٿيو، ان کي پڙهائڻ ۽ پَسائڻ لازم ملزوم هيا، تنهنجيُ ڪري هني هارو ڪرائڻ ۽ ونڻ. حڪمت جو ڪم ڪرڻ، باغ وغيره سنڀالڻ ۾ بہ مشغول ٿي ويا، ظاهر آهي تہ مدرسي تان ڏيان آهستي آهستي گهٽبو ويو، انهيءَ دوران مولوي نور احمد صاحب مدظلہ جن علم جي تحصيل ڪري اچي ديهات وسائي ۽ مولوي صاحب مذڪوره کي اچي هٿي ڏني، جن بعد ۾ مدرسي جو سمورو بار اچي کنيو ۽ اڄ تائين کنيو پيا اچن.

چاچي سائين حاجي حافظ مولوي عبدالطيف صاحب جن جا ڪيترائي ننڍا وڏا شاگرد هئا جن مان هيٺيان شاگرد علم جي تحصيل ڪري فارغ ٿيا:

مولوي صاحب دين محمد ڪلهوڙو، ۽ مولوي صاحب محمد

هاشم ڪلهوڙو جنهن جو پنهنجي ڳوٺ ڪڇي ۾ مدرسو آهي، حافظ عبدالرحيم مرحوم خود مولوي نور احمد صاحب جن ۽ سندن شاگرديءَ ۾ رهيا هئا. مولوي شفيع محمد وغيره.

سندن علمي ملڪو ايترو ته هيو جو سندن زندگي جي آخرين ايام ۾ حضرت مرشد ڪريم قبله حضرت عبدالحميد جان آغا ۽ سندن صاحبزاده علامہ حاجي عبدالوحيد جان آغا جن ڪراچيءَ واريءَ جاءِ ۾ عافيت پُرسي ڪرڻ آيا. ان وقت صاحبزاده سهڻي مولوي صاحب جن ساڻن علمي گفتگو ڪرڻ فرمائي، ان وقت مولوي صاحب جن بيماريءَ جي ڪري ايترا ته ضعيف ٿي ويا هئا جو ويهي به نه سگهندا هئا. مولوي صاحب مرحوم جن صاحبزاده سهڻي کي جيڪي جواب ڏنا، آهي پڏي پاڻ ايترا ته متاثر ٿيا جو فرمائڻ لڳا ته "مون کي اها خبر نه هئي ته مولوي صاحب ڪو ايڏو وڏو عالم ۽ محقق آهي" اهڙي علامہ جي زبان مبارڪ مان اهڙا تڪتل الفاظ ظاهر ٿا ڪن ته پاڻ ڪيڏي نه وڏي پايہ جا عالم دين هئا.

آخري عمر مبارڪ ۾ ڪن ساول جي بيماري ٿي جنهن ۾ پاڻ خود ماهر هئا. پر افسوس جو ڊاڪٽرن جا محتاج ٿي پيا ۽ پنهنجو علاج نه ڪري سگهيا.

ويا دار دنيا مان نوبت وڃائي
ملائڪ صفت مهربان ڪهڙا ڪهڙا.

سندن وفات ١٥ ڊسمبر ١٩٨٦ع ڪراچي ۾ ٿي ۽ ڪين ديهات شريف جي آبائي قبرستان ۾ مدفون ڪيو ويو.

## حاجي غلام قادر ولد حاجي جان محمد

(رحمۃ اللہ تعاليٰ عليهما آمين)

ولادت: ١٩١٨ع وصال ١٩٨٧ع

حضرت مرشدن ڪريمن خصوصاً حضرت شهنشاه شاه آغا سرهندي جن جوعاشق، خوش مزاج خوش خلق، مت مائٽ جي

خدمت ڪندڙ ۽ ننڍي وڏي کي عزت ڏيندڙ، مهمان نواز ملنسار، سهڻو خوبصورت ۽ خوب سيرت.

پاڻ وڪالت جي پيشي سان منسلڪ هئا، لاڙڪاڻي ۽ حيدرآباد ۾ وڪالت ڪيائون حضرت شهنشاهه شاهه آغا جن جڏهن اونهاري جي موسم ۾ ڪوئيٽه شيخ مانده شريف تشريف فرما ٿيندا هئا. تڏهن ويندي خواهه ايندي حاجي صاحب جن وٽ هيرا آباد جي جاءِ تي رهندا هئا. وچڻ وقت رات اتي آرام فرمائيندا هئا ۽ اچڻ وقت منجهند جو آرام فرمائي پوءِ شام جو درگاهه شريف لاءِ روانگي فرمائيندا هئا.

آءٌ انهن ڏينهن ۾ ڪاليج ۾ پڙهندو هئس. مرشد ڪريمن جي انهن ٻن موقعن تي جيڪا گهر ۾ اسان سڀني کي خوشي ٿيندي هئي، جنهن جو انت نه حساب اسان جي لاءِ حقيقي معنيٰ ۾ اهي ٻه عيدون هيون جي اسان ملهائيندا هئاسين.

حاجي صاحب جي بخت جو ستارو انهيءَ گهڙيءَ کان کليو جڏهن مٽي تي گاري جي تغاري کنيون ٿي آيو حضرت صاحب جن جي حويلي مبارڪ جي تعمير لاءِ، نوجوان ڇوڪرو ناز ۽ ڪوڏ سان پليل، مٽي تي تغاري ۽ انهيءَ مهل حضرت خواجه قبله محمد حسن جان رضي الله تعاليٰ عنه جي مٿس نظر ڪرم پوڻ ۽ هن يار جي قسمت جو تارو چمڪڻ.

نگاه مرد مومن سے بدل جاتی ہیں تقدیریں

سڄي زندگي ئي ٺانگر سان رهيو، ڪنهن جو محتاج نه ٿيو، ڪنهن به مٽ مائٽ دوست احباب جي آڏو هٿ ڊگهو نه ڪيائين، وقت جو بهترين خوش پوش سهڻو انسان هو.

آخرين ايامن ۾ مرشد اڪمل هادي انور سهڻي سائين شاهه آغا شهنشاهه ڪيس بهشت جي بشارت ڏني.

سندن وفات حرڪت قلب بند ٿيڻ سبب ٿي، آخر ۾ زور سان ڪلمان پڙهيائون ۽ وڏي آواز سان فرمايائون ته سائين شاهه آغا آءٌ هاڻي توڏي پيو اچان پرتل اهيانو. سندن مزار مبارڪ ديهات شريف جي آبادي قبرستان ۾ آهي.

## قاضي حاجي غلام صديق سومرو عرف ”مامون منل“

ولادت:۔ ۲۹ صفر ۱۳۳۲ھ مطابق ۱۹۱۴ع روز سومر
وفات: ۱۳ شوال ۱۴۰۷ھ مطابق ۱۱ جون ۱۹۸۷ع

ننڍين سان ننڍيو وڏن سان وڏو، خوش خلق کلڻو، محب منثار، مرشدن محبوبُ ڪريمن جو عاشق و خدمتگار ۽ ٻين ڪيترين انيڪ خوبين جو مالڪ هيو. سخي، عبادت گذار، شب خيز ۽ يٰس مبارڪ جو عامل هيو.

پاڻ زندگيءَ جو گهڻو عرصو ڊوريناري ۾ هيرل تي رهيا. تعليم جي لحاظ سان فقط پنج يا ڇهه درجا انگريءَ جا نوشهره فيروز جي مدرسي ۾ پڙهيائون. ان وقت ڏاڏا حاجي جان محمد صاحب جن ان اسڪول ۾ پڙهائيندا هُئا.

تعليم زياده حاصل جو نہ ڪري سگهيا تنهن ڪري سندن والد شريف قاضي حاجي حافظ خان محمد صاحب جن کيس پاڻ سان گڏ زمين تي رکيو ۽ زمين سنڀالڻ سيڪاري، تنهن ڪري پاڻ زندگيءَ جو گهڻون عرصو ڊوريناري ۾ رهيا ڇو جو زمين بہ اُتي هئي.

سندن زندگي مبارڪ محبوبا مرشدن ڪريمن جي دعائن سان نئَ سان گذري. جيستائين مون کي ياد آهي، حضرت مرشدن ڪريمن جي ختمي خيرات جي موقع تي، درگاهہ شريف ۾ ٽي ڏينهن اڳواٽ ايندا هُئا ۽ پاڻ سان مرچ مصالح وغيره کنيون ايندا هُئا ۽ راڌڻ جي نگراني پاڻ خود ڪندا هُئا. ان جو سبب اِهو هو جو پاڻ خود سٺا بورچي هوندا هُئا ۽ رڌ پچاءَ جو انتظام بخوبي سرانجام ڏيندا هُئا. خيرات پوري ٿيڻ تي بچيل سامان، جهڙوڪ گيهہ، مرچ مصالح، چانور، اٽو، گوشت وغيره حضرت صاحب جن کي ساري سنڀالي ڏيندا هُئا. ايتريقدر جو خالي گيهہ جا دٻا بہ سنڀالي ڏيندا هُئا. سندن اها ڪرت مون گنهگار حضرت قبلہ شهنشاهہ شاهہ آغا رحمتہ اللہ تعاليٰ عليہ جن جي زماني کان وٺي ڏٺي جا موجوده محبوب سائين

سجاده نشين قبلہ آغا عبدالحميد جان دامت فيوضهم جن جي ايام ڪاريءَ تائين مون گنهگار ڏني، آخري ڏينهن تي جڏهن مهمان مڙا مريد خادم روانا ٿي ويندا هُئا تڏهن وهنجي سهنجي ڪپڙا بدلائيندو هو. واهه ڙي جوان تنهنجي همت، ڪٿيو ٻ انهن جن خدمتون ڪيون.

هر ڪہ خدمت ڪرد او مخدوم شُد

هر ڪہ خود را ديد او محروم شُد.

**سندن سيرو سياحت:**

پاڻ پنهنجي حياتي مبارڪ ۾ پنج حج پڙهيائون. اُهي سڀ حضرت مرشدن ڪريمن جي رفاقت ۽ خدمت ۾ ڪيائون سفر دوران ڪاڏي پچائڻ جو ڪم سندن سپرد هوندو هو جو احسن طريقي سان نڀايائون آخري حج ١٩٧٨ع جي دوران برادرم حاجي عبدالرحيم ٻ سندن رفاقت ۾ هيو ۽ عيال سان گڏ هُئا. برادرم جان جگرم ڊاڪٽر عبدالخالق ان عرصي دوران سعودي عرب ۾ نوڪريءَ ۾ هيو ۽ اهو ٻ حج جي موقعي تي ساڻن اچي گڏيو. ان سال مرشد ڪريم حاجي قبلہ عبدالحميد جان آغا جن ٻ چند رفيقن سان گڏجي حج تي ويل هُئا. جيترو وقت حاجي صاحب مڪي معظم يا مديني منوره ۾ هيو، حضرت صاحب جن جي خدمت ڪئي ۽ ڪين ماني ڪرڻ ڪونہ ڏني، ٿئي وقت ماني تيار ڪري خدمت اقدس ۾ موڪليندا رهيا. (اين سعادت بزور بازونيست)

سال ١٩٨١ع ۾ حضرت محبوب مرشدن ڪريمن سائين آغا عبدالحميد جان مدظله جن جي رفاقت ۾ هيءَ خادم سرهند شريف ويو جنهن ۾ حاجي غلام صديق مرحوم جن سان گڏ ٻيا هيٺيان مريد شامل هُئا. حاجي خداداد بلوچ مرحوم، حاجي ڪريم بخش جتوئي. حاجي غلام اڪبر جتوئي، حاجي عبدالستار جتوئي. ميان عبدالمجيد جتوئي، راڻو گل حسن ۽ حاجي موليٰ بخش قريشي اهي سڀ لاهور ۾ چوڌري اسلم مرحوم جي جاءِ تي وڃي ٽڪيا. پرسان قادري مسجد هُئي جتي نماز پڙهندا هئاسين، پهرئين ڏينهن ظهر جي

## مولوي نور احمد صاحب

ولادت: ٢١ محرم الحرام ١٣٤٥ھ مطابق ٨ آگسٽ ١٩٢٦ع

هيءَ صاحب صالح نيڪ بخت، نفس کي ماريندڙ، ڪاوڙ کي پِيئندڙ، چهري مبارڪ تي هر وقت تبسم فنافي الشيخ آهن. مرشد ڪريم حضرت شهنشاهه شاهه آغا رحمة الله عليه جن جي خدمت مبارڪ ۾ ڪيئي سال رهيا ۽ فيض جي درياءَ مان مستفيض ٿيا، سندن جسم تمام ڪمزور آهي ۽ هر وقت ذڪر خفي ۾ مشغول هوندا آهن.

مرشد ڪريم حضرت شهنشاهه شاهه آغا رحمة الله عليه جن جي خدمت گذارن ۾ هيءَ واحد شخص هيو، جو هر وقت خوف ۾ رهيو ۽ تن کي تسيا ڏنا. منهنجي چاچا سائينءَ جي ناتي آءٌ سندن بي جا تعريف نٿو ڪريان. جا حقيقت حال آهي اُها بيان ڪريان ٿو.

اهڙا رب جا پيارا بنده جن لاءِ ڀٽائي صاحب رحمة الله عليه جن فرمائي ويا آهن ته

ڪن ڪٽ ڪاڪٽ ڪاپڙي، ڪنوتيا ڪن چير،
سدا وهن سامهان عاشق اتر هير،
تسيا ڏني تن کي جن ساڙيا سرير،
جي فنا ٿيا فقير، هلو ته تڪيا پسون تن جا.

(سر رامڪلي)

اهڙن بزرگن جي زيارت عين عبادت آهي. حضرت شهنشاهه شاهه آغا رحمة الله عليه جن کين خلافت عطا ڪئي، جهڙيءَ طرح سندن والد صاحب جن کي حضرت مرشد ڪريمن مريد ڪرڻ جي اجازت ڏني هئي پر مريد ڪونه ڪندا هئا ۽ جيڪو مريد ٿيڻ لاءِ چوندو هو تنهن کي مرشدن ڪريمن جي حضور ۾ موڪليندا هُئا.

انهن سيني لڪ لڪاءَ جي باوجود ديهات کي درگاهه شريف ۽ ديهات شريف سڏيو وڃي ٿو. نه فقط عام ماڻهون پر خود موجوده سجاده نشين اعليٰ حضرت قبله حاجي عبدالحميد جان آغا ۽ سندن

فرزند ارجمند علامہ عبدالوحيد جان آغا جن پڻ ديهات تالي سان شريف ڪوٺڻ فرمائيندا آهن.

مولوي نور احمد صاحب جن پنهنجي والد شريف جي مدرسہ مجدديہ کي چاچا سائين حاجي حافظ مولوي عبداللطيف جي حياتيءَ ۾ اچي وسايو. جو اڄ تائين آباد آهي ۽ تيهن کان چاليهہ طالب العلم پڙهندا رهن ٿا. ڪي قرآن پاڪ ناظره، ڪي حفظ ڪن ٿا، ڪي فارسي و عربي پڙهن ٿا. ڪيترائي طالب حافظ القرآن ٿي دستار بندي ڪري فارغ ٿيا آهن. ڪي پنهنجي ڳوٺ جا ته ڪي آس پاس پسگردائيءَ جا آهن. پنجويهن کان ٽيهن طالبن تائين مستقل رهن ٿا ۽ ٽئي وقت خدا تعاليٰ جو ڏنل رزق کائن ٿا بفضلہ تعاليٰ.

اسان جي خاندان ۾ هن وقت فقط پاڻ ئي مولوي صاحب آهن. جو نہ فقط تعليم جو ڪم ڪندا اچن ٿا پر تحرير جو ڪم بہ ڪندا رهن ٿا. جيئن تہ پاڻ سنا ڪاتب بہ آهن جو حضور مرشد ڪريم قبلہ شهنشاهہ شاهہ آغا رحمہ الله عليہ جن جي حڪم تي ڪتابت سکيا. پهريون ڪتاب مبارڪ حضرت شهنشاهہ رحہ جي حڪم تي لکيو ۽ ڇپرايو سو هيو "راحت القلوب" شهنشاهہ شاهہ آغا رحہ جن پنهنجي خرچ تي ڇپرائي پڌرو ڪيو ۽ مريدن خادمن ۾ مفت ورهايو. بعد ۾ ڪيترن مريدن خادمن ڇپرايو جن ۾ سر فهرست قبلہ قمر زمان شاهہ صاحب جن آهن، ميان الله بخش سومري بہ ڇپرايو آهي. تازو راقم الحرو اردوءَ ۾ ترجمون ڪري ڇپرايو آهي جنهن ۾ مصنف مڪرم شهنشاهہ شاهہ آغا رحمۃ الله عليہ جن جي سوانح حيات بہ شامل آهي.

راحت القلوب کانسواءِ هيٺيان ڪتاب مولوي صاحب جن پنهنجي خرچ سان ڇپرايا آهن جي سندن والد شريف ۽ راقم الحروف جي ڏاڏا سائينءَ واعظ الاسلام مولوي حاجي حافظ نظر محمد نامور ديهات شريف جن جا لکيل آهن، جي اڄ تائين غير مطبوع هيا.

**١ - انوار احمديہ:** حصو پهريون ۽ ٻيو، انهن ۾ حضور سرور ڪونين ﷺ جن جي حيات طيبہ، خلفاءِ راشدين امام سڳورا ۽ حضرات

خواجگان نقشبند رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين جو ذڪرِ خير آهي. حصي ٻئي ۾ خصوصاً حضرت امام رباني مجدد منور الف ثانيءَ جو بيان آهي اهڙو ته محبت سان لکيل آهي جو ٻئي ڪنهن به زبان ۾ نه ملندو، هيءَ فقط خوش فهمي نه آهي پر حقيقت آهي، پڙهي ڏسو.

٢- **احسن تقرير في جواب التحرير:** يعني مولوي محمد عثمان ڪورواهيءَ جي تحرير جو مفصل ۽ مدلل جواب آهي. هيءَ ڪتاب حضرت مجدد الف ثاني امام رباني جي فضائل بابت هڪ جامع ڪتاب آهي.

حضرت ڏاڏا سائين مولوي حاجي حافظ نظر محمد صاحب رحمۃ الله عليه جن جا غير مطبوع ڪتاب مبارڪ:

١- **الدر المنظوم في تذكرة المخدوم قدس سراه المكتوم:** مخدوم نوح رحمۃ الله عليه جي حالات ۽ سوانح حيات ۾ جامع ۽ بي نظير ڪتاب آهي.

٢- **الانوار احمديه:** (حصو ٽيون) جنهن ۾ حضرت امام رباني مجدد الف ثانيءَ جي اولاد مبارڪ جو بيان آهي. جو حضرت خواجه محمد معصوم اول کان شروع ٿيل آهي ان وقت جي گادي نشين حضرت خواجه محمد حسن جان رحمۃ الله تعاليٰ عليهم اجمعين تائين.

٣- قاديانين جي رد ۾ استاد ۽ شاگرد جي سوال و جواب جي نموني ٺهيل آهي، ٻيا به ڪيترائي ننڍا وڏا ڪتاب مبارڪ آهن جن جو شمار ڪونهي، درگاهه باري تعاليٰ ۾ التجا آهي ته اسان کي توفيق عطا ٿئي جو سندن ڪتاب مبارڪ ڇپرائي پڌرا ڪيون آمين.

جيئن ته حضرت مولوي صاحب جن قبلهٔ شهنشاه شاهه آغا جن جي صحبت ۽ خدمت ۾ گهڻو وقت رهيا، مٿن سندن صحبت جو رنگ لڳل آهي، مثلاً ٿورو کائڻ، فجر جو چانهن ۽ پاپو کائڻ ڏعائون به اُهي گهرڻ جيڪي شهنشاه رحہ جن گهرندا هئا. سندن قول موجب اِهي دعائون حضرت صاحب رحہ جن جي زبان مبارڪ مان پڙهي پڙهي ياد ٿي ويون. حالانڪ پڙهيون ته پين به هونديون پر ڪنهن ڪنهن

ماٺهوءَ منجھ اچي بوءِ بهار جي.

اين سعادت بزورِ بازو نيست
تانہ بخشند خداءِ بخشنده.

## منهنجو ڀاءُ قاضي محمد علي مرحوم

ولادت ٨- شوال ١٣٦٢ھ مطابق ٨ آڪٽوبر ١٩٤٣ع
وفات - ١٤ شوال ١٤١٧ھ مطابق ٢٣ فيبروري ١٩٩٧ع

نڪي تي جيان، نڪي مُئي آهيان،
ساجن ساهہ ڏيان توکي ساريو سپرين.
(شاهہ رح)

مرڻ مهڻو ناهي، پر وقت کان اڳ مرڻ، جوانيءَ ۾ جدائيءَ جو داغ لڳڻ البتہ ايترو تہ ڏکيو آهي جو اهو داغ ميٽجي نٿو سگهي.

محمد علي مرشدن ڪريمن جو عاشق ڏک ۾ ياد تہ خوشيءَ ۾ بہ ياد. مون کي ياد آهي تہ برادرم محمد علي جي شادي خانہ آباديءَ جي موقعي تي اسان جي همشيره برادرم عبدالرحيم جي رفيقِ حيات اوچتو سخت بيمار ٿي پئي. هڪ پاسي سهرا پئي هليا تہ ٻئي پاسي ڊاڪٽر ۽ حڪيم پئي آيا. انهيءَ فڪر ۾ حضرت قبلہ شاهہ آغا شهنشاهہ رحمتہ الله عليہ جن جو عطا ڪيل ڏس تي برادرم محمد علي عمل ڪيو، يعني هڪ سَو ڀيرا يا حضرت عبدالحسن خرقاني رحہ جي ڪيس ختمون بخشجي ۽ پنهنجي تڪليف پيش ڪجي، فوراً اهو ڪم ٿي ٿو وڃي. برادرم ائين ڪري رات جو سمهي پيو، سمهڻ شرط، حضرت شهنشاهہ شاهہ آغا رحمه الله عليہ کين خواب ۾ فرمايو تہ، ”محمد علي ايڏانهن ڪيڏانهن وڃي پهتو آهين. مان هتي ويٺو آهيان تنهنجي ويجهو. مون کي نٿو چوين“.

سائين منهنجا اِها بہ تہ ڪا منزل آهي ۽ محبت جي ڪشش ۽ عشق آهي جو مرشدن ڪريمن يڪدم جواب ڏيڻ فرمايو ۽ اچي حامي ٿيا.

پهريون حضرت ڏاڏا سائين واعظ الاسلام علام مولوي حاجي حافظ نظر محمد سومري رحمة الله عليه جن جي جوانيءَ ۾ ۱۴ ڊسمبر ۱۹۲۶ع يعني چاليهه ورهين جي عين جوانيءَ ۾ وفات فرمايائون. اهي چاليهه سال وڏي محنت ۽ مشقت سان گذاريائون. ان ۾ درس تدريس، تصنيف و طاليف، ورد وظيفا، سَفَر سرهند شريف و حج بيت الله و مدني ميرﷺ جن جي حاضري شامل آهي. والده حيات آهي، اولاد صغير آهي. انهيءَ حالت ۾ راهه رباني اختيار ڪيائون جو خاندان لاءِ وڏو صدمون بلڪ ڪهرام هيو.

ٻيو صدمون هڪ ئي سال يعني ۱۹۸۶ع کان ۱۹۸۷ع ۾ خاندان جي ٽن چڱن مڙسن جو موت! هڪ ئي سال ۾ مامو حاجي غلام صديق وفات ڪئي، چاچا حاجي عبداللطيف وفات ڪئي ۽ حاجي غلام قادر صاحب جن پڻ وفات فرمائي. رحمة الله تعاليٰ عليهم اجمعين.

ٽيون صدمون خاندان جي ٻن نوجوانن نونهالن ملنسارن مهربانن يعني برادرم جانگرم محمد عليءَ جي وفات ۽ ماسات منڙي جان جگر امان الله راڄي جي وفات! اُها ب هڪ ئي سال ۾ ٿي. رحمة الله تعاليٰ عليهم اجمعين.

الله تعاليٰ جي درگاهه عاليءَ ۾ دعا آهي ته، شل باري تعاليٰ مهابي مير مدنيءَﷺ جي اسان جي خاندان تي رحم و ڪرم فرمائي. اسان کي قرضن مرضن کان نجات ڏئي ۽ اسان جون مشڪلاتون آسان فرمائي. آمين ثم آمين.

هن وقت اسان پاڻ ۾ ٽي ڀائر آهيون: (۱) راقم الحروف يعني غلام مصطفيٰ عفي عنه (۲) برادرم جانجگرم عبدالهادي سومرو جو هن وقت .P.N.S.C يعني پاڪستان شپنگ ڪارپوريشن ۾ چيف انجنيئر آهي. ماشاءَ الله صالح هدايت وارو مرشدن ڪريمن جو عاشق آهي.

ٻيو برادرم جانجگرم گل حسن عرف عبدالحنان آهي، جو اسٽيل مل ۾ ڊپٽي مئنيجر آهي، صابرين و شاڪرين آهي، نفس ته

اٿس ٿي ڪونه، هر وقت زبان تي درود شريف جو ورد جاري ۽ ساري اٿس بفضله تعاليٰ.

## حاجي الله بخش ۽ ميان غلام فاروق

ازان سواءِ اسان جي خاندان ۾ مرشدن ڪريمن جا عاشق ۽ خدمتگار ڪي اهڙا ب هيا، جي خاموش رهي پنهنجا وارا وڄائي ويا. انهن ۾ حاجي الله بخش مرحوم و ميان غلام فاروق مرحوم هيا. جي ٻئي ڪنن ڪان وڏا هيا. درگاهه شريف تي اچڻ شرط ڀهاري ڏيڻ ۽ مٽ ڀرڻ جي ڪم ڪي لڳي ويندا هئا. درگاهه شريف جا ميڙيل ڪک ڪانا چولي جي پلاند ۾ وجهي ڪڍندا هئا. ڀهارا ب پاڻ سان کڻي ايندا هئا.

درگاهه شريف تي آيل هر فرد کي پيرين پئي ملندا هئا. نه فقط ايترو پر اُتي جي ڪتن ۽ ٻلن جي ب عزت ڪندا هئا ۽ انهن کي جهڙڪيندا نه هئا.

دعا آهي ته، الله تبارڪ تعاليٰ مهابي مدني ميرﷺ جي، حياتيءَ وارن کي عمر خضري ۽ بخت سڪندري عطا ڪرڻ فرمائي ۽ مماتيءَ وارن کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ هن ڀانهي راقم الحروف جا ب ٻئي جهان موچارا ڪرڻ فرمائي، آمين ثم آمين.

اسان جي خاندان مان هنن هيٺ ڏنل حضراتن جا نالا نه لکياسين ته زيادتي ٿيندي ۽ احسان فراموشي ٿيندي:

اُهي هيا، ميان فقير محمد مرحوم ۽ ميان ولي محمد مرحوم.

## ميان فقير محمد سومرو ۽ ميان ولي محمد سومرو

هي ٻئي حضرات پنهنجي پنهنجي جاءِ تي منفرد هيا ۽ اسان جي حضراتن جا خاص خدمتگذار هيا. حضرت آقا مرشد سائين قبله غلام علي جان رحمة الله عليہ جن جي انهن ٻنهي حضراتن سان ڏاڍي دل هوندي هئي، محبوب رحہ جن جڏهن ب مقبره شريف تي ويندا هئا،

تڏهن ميان ولي محمد کي پاڻ سان ڪڻندا هئا. جو هو صاحب ان وقت حيدرآباد بيراج ڪالونيءَ ۾ رهندو هو. پنهنجي انداز بيان سان محبوب مرشدن ڪريمن جي دل وندرائيندا رهندا هئا. مرشدن ڪريمن جي ساده مزاجي ايتري تہ هُئي جو ميان ولي محمد جيڪو چئي اُهو درست آهي.

ميان فقير محمد جنهن ٽنڊي محمد خان ۾ مستقل رهائش اختيار ڪئي، اُهو هر وقت ٽنڊي سائين داد درگاه شريف تي حاضري ڏيندو رهندو هو ۽ زماني سازيءَ جا ڪم ڪاريون هن صاحب جي مشوري سان ٿيندا رهندا هئا. ڇو جو انهن ڪمن ۾ هوشيار هيو. جيئن هن وقت مولیٰ بخش ڪراچيءَ ۾ خريداريءَ وغيره ۾ هوشيار آهي ۽ مرشد حضرات سومرو ڪم ڪار ميان صاحب جي معرفت ڪرائيندا رهن ٿا. اِها سڀ رب پاڪ جي عطا آهي.

تا نہ بخشند خداءِ بخشنده

تمت باالخير

عاصي پُر معاصي سگِ درگاه
حضرت مجدد الف ثاني رضي الله تعالیٰ عنہ
غلام ابن غلام ابن غلام،
غلام مصطفیٰ سومرو عفي عنہ.

۱۸- مئي ۱۹۹۹ع مطابق پهرين صفرالمظفر ۱۴۱۹ھ
از ڪراچي- ۱۶۳، گارڊن ويسٽ ڪراچي-۳

# حمد باري تعاليٰ جل جلاله امن واله

سڀني ملڪ جو مالڪ آهين تون
تون ھي تون، تون ھي تون
ھر درد جو درمان آهين تون
تون ھي تون، تون ھي تون.

تنھنجي ڪرم جو ڪاٿو ناھي ڪو
تنھنجي لطف جو لانگھو ناھي ڪو
تنھنجي ٻاجھ ٻانهن تي بحر ۽ ٻون
تون ھي تون حق تون ھي تون.

ٿا ڇھڪن مور چڪور چتون
تنھنجو حمد پڙھن پيا حب منجھون
تنھنجي حمد جي حد جي بات نہ ٻون
تون ھي تون سائين تون ھي تون.

ٿا جيت جنٽيا ڪن چون چون سون،
ٿا حمد پڙھن تنھنجو ھر سو،
ٿا پڙھن ملائڪ ۽ حورون،
تون ھي تون مٺا تون ھي تون.

تنھنجو حمد چئي ويا ھزارين اڳي،
لکين لاڏا چئي ويا لال لڏي،
ھي سومرو بہ سائين انھن منجھئون،
تون ھي تون پرين تون ھي تون.

بسم الله الرحمن الرحيم

## نعت بحضور سرور كائنات
## فخر الموجودات امام الانبياءﷺ

تخت ﭔ تنهنجا تاج ﭔ تنهنجا، ﭘنهنجي جهان ۾ راڄ ﭔ تنهنجا.
نور مجسم رحمت عالمﷺ

جن مَلڪَ سڀ تنهنجا سپاهي، رب جي خدائي آ تنهنجي شاهي
نور مسجم رحمت عالمﷺ

دان ڪريو دربار آ عالي، در تي ايا هن ڪئي سوالي
نور مسجم رحمت عالمﷺ

اسين ﭔ پنيون پراڻا در جا، نانوَ لکيل هن ابي امڙ جا
نور مسجم رحمت عالمﷺ

نظر ڪرم ڪجهه هيڏانهن ﭔ سائين سومري تي سائين او مدني سائينﷺ
نور مجسم رحمت عالمﷺ.

## منقبت شريف بدرگاهه قاضي الحاجات، بتوسل حضرات مشائخ نقشبنديه از حضرت آدمه عليه السلام تا حضرت قبله شاهه آغا شهنشاهه قدس سره

ساراهيان سچو ڏٺي جنهن جوڙيو هيءُ جهان
جوڙيون جوڙي جڳ جون ڪيئين ڪامل هڪ انسان
آدم عليه السلام انهيءَ هڪ مان پکڙيئين هر ڪنهن هنڌ انسان
پوءِ مڪا موليٰ مهرسان، عيسيٰ ع، موسيٰ ع، سليمان ع
تنهان پوءِ اهڙو دور آيو، منجهه هن جهان
قلوب ويا ڪارا ٿي، ٿيا مانگر مرون انسان
آخر آئي جوش ۾ رحمت رب رحمٰن جلاجلال
مڪائين مير محمد ﷺ کي لئه سڌاري انسان
سڪا وڻ ساوا ٿيا، ٿيا پريت گلستان
گل ان گلستان جا ٿيا صديق رضه، عمر رضه، عثمان رضه
جنهن وهايا واهڙ صدق جا، ڪيا عدل فاروق رضه فرمان
صاحب حيا ايمان ٿيو، جنهن ڪيو جمع فرقان
علي رضه جام پيدا ٿيو جنهن ڪيا مشڪل آسان
تنهان پوءِ آيا جڳ ۾ رب جو جوڏا جوان
ڪي قطب ڪي غوث ٿيا، ڪي ٿيا رب جا دربان
ٿيو پيدا پير پيرن جو منجهه شهر جيلان
جيارپائين دين محمدي ﷺ، سڌاريائين انسان
مثل جيارڻ سولا، پر مشڪل مڙده دل انسان!
تنهان پوءِ آيو جڳ ۾ مرشد منو عالي مڪان
سرهند ۾ سرهاڻ ٿي، جي شيخ احمد جان
سجدو نه ڪيئين سليم کي چئي معمولي انسان
نيٺ ٿيا مريد مرشد جا، سڀ مغل حڪمران

اولاد منٿي مرشد ڪريم جو هر هڪ ٿيو قطب زمان
تعريف مان ڇا ڪيان، ناهي طاقت هن زبان
خواجهؒ معصوم اول رحمة الله عليہ ٿيو، رهبر جن انسان
صبغت الله رحمة الله عليہ شاهہ ٿيو، جنهن رنگيو ساڻ دين ايمان
سبق سيکاريا سڪ جا حضرت خواجہ اسمٰعيل جان رحمة الله عليہ
خواجہ معصوم ثاني ولي شه علام محمد جان رحمة الله عليہ
جن ونڊيا پيالا معرفت جا، هر عام خاص انسان،
زنگ ظلمت جا ڪڍي ڪيو صفايون صفي الله جان رحمة الله عليه
فيض جاري ٿيا فضل الله شاهہ جا منجهه سنڌ ۽ ملتان
ڪرم عام خاص ٿيا جا حضرت عبدالقيوم جان رحمة الله عليہ
جنهن جهنگ جر ساوا ڪيا سو هيو حضرت عبدالرحمان جان
جنهن پياريا پيالا فيض جا حضرت خواجهؒ محمد حسن جان،
اڄ پڻ آهي مرشد ڪريم جو روشن زمان آستان
جت جياري ٿو مثل دليون شاهہ آغا شاهہ جهان
شل جڙيو هوندم جڳ ۾ ساڻ سهڻي علي جان
سعيد جان سکيو هوندس، دوست ولي جان
شل دست مبارڪ دعا جو هجي مٿ مريدان
ڏي عمر حضري سهڻي کي اي موليٰ مهربان
اڄ گهرو دعا تہ قلب کلي ٿين مشڪليون آسان
معاف مدايون رب ڪري. صدقي خواجهؒ خواجگان
سڀ ڪجهه گهرجي سيڪي، اول دين و ايمان
محتاج نہ رهان جڳ ۾ سواءِ رب رحمان
ابو امڙ راضي رهن، هجن شاد مٿ مهربان
ڪلمون پڙهي ڪوچ ڪيان قلب ساڻ زبان
چئي سومرو سڪرات وقت لااله الا الله محمد الرسول اللهﷺ

از شيخ واڙا
سوڍي مصطفيٰ [illegible]

محمد نصير [illegible]

مخلص جان نثار، وفا ابرار مولوي غلام حسين صاحب

اسان کي

بعد السلام عليڪم ۽ دعائن جي اوهان جو محترم خط پهتو
پهتو هو. بيو خط وري نيپال مان تنهنجي کان اڳ ۾ هتي اسان کي
پهتو آهي. اسين به خير سان ٿيو ذريعي هتي پهتا آهيون.
هتي جو موسم هن وقت چڱو آهي نه گهڻو گرم نه زياده سردي آهي
البت صبح جو وقت ٿورو سردي ٿئي ٿي باقي ڏينهن ۾ ته چڱو آهي
برخوردار غلام مصطفيٰ کي شاهه صاحب غلام مصطفيٰ جو
اميد افزا دلاسو ڏنل آهي اسين دعا ٿا ڪريون ته الله سبحانه
وتعاليٰ ڪامياب ڪري ۽ باعث ترقي ۽ خوشحالي جو ٿئي. سندس
بخت ۽ اقبال روز بروز ترقي ڪري ۽ دين دنيا جي نعمتن سان
سرفراز ۽ ڪامياب ٿئي. اوهان جو اولاد سڀني کي الله سبحانه وتعاليٰ
صالح ۽ سعادتمند فرمائي صحيح معنيٰ ۾ اوهان جا نور چشم ۽ راحت جان
ٿي رهن سڀني جي عمر دراز ٿئي ۽ زماني جي فتني فساد کان
امن امان ۾ رهن ۽ ناگهاني آفتن ۽ حادثن کان محفوظ رهن.

زياده خير رهيو مطلوب فقط والسلام
دعاگو و دعا طلب [illegible]

نحمده و نصلي و نسلم

و تولائي

سبحانه

حفظهم

واولاده

محبي مكرمي مولوي غلام حسين صاحب

بعد السلام عليكم ورحمة الله وبركاته. اوهان جو خط هن فقير ڏانهن پهچي
هتان مرحوم ماڻڪ سميت پهتو ۽ سلطانه ماڻڪ جو خط سميت هئا
۽ باعث دعاگوئي جو ٿيو. شال توهان جو اهل واولاد سان خوش خرم هجو
جزاكم الله سبحانه وتعالى خيرا ووقاكم ضرا وضيرا.
هاڻي ڪن ڏينهن کان آءٌ حيدرآباد وڃي رهيس هتي ذخيري جي ڄاڻ
برخوردار غلام مصطفى جن وٽ رهي پيو هوس برخوردار هن ڪجهه جي
صحبت آداب اخلاق تهذيب درس دل خوش ٿي ٿيندي هئي
شال الله سبحانه دين دنيا زياده توفيق ڏيندو هيئن صالح سعادتمند ڪري
اسان جا حاجي صاحبان احيان سڀني آيا آهن اڄ مهمان
سڀني سڀ خيال اچي سڀني لاءِ ڪيئن آهيو ته حاجي جي
جهان جي ڏسڻ جي سڀني لاءِ سنڌ ۾ ڏيندو.
زياده خير وخيريت مطلوب فقط والسلام

فقير آغا محمد ١٩ صفر سنه ١٣٧٠

[illegible]

حج مبارڪ - عيد مبارڪ - [illegible]

برخوردار قاسم غلام مصطفیٰ زيد عمره و دام

بعد السلام عليكم ۽ دعائون جي - تنهنجو موڪليل ٻنهي

لفافن جو [illegible] ۽ موڪليل [illegible] عقيقي جي

ٻئي مليا [illegible]

أنعمه الله تعالىٰ علينا و عليكم و أعاده علينا و عليكم عوائد

اللطف و السعود - [illegible] سالن [illegible] حج [illegible]

[illegible] عيد [illegible] اميد ته [illegible]

[illegible] اگرچه هن سال [illegible] تمام [illegible]

مگر [illegible]

[illegible] الله تعالىٰ [illegible] زياده [illegible]

[illegible]

[illegible] ١٢ [illegible]

[illegible]

العاجز دعاگو ناچيز فتح شاه عفا عنه ٩ ذو الحجه ١٣٩٠

ازهٽ شاهه مراد
۳ ذوالقعد

شڪند
معافيت
معشي اللطيف

مخلص تيجهم صادق الاخلاص قاضي غلام حسين

بعد گهڻي سلام ۽ دعا جي سلام هجي ته اوهان جو خط فرحت نمط
بابت خوشخبري تولد فرزند ارجمند پهتو ۽ گهڻي خوشحالي ٿي
مبارڪ باشد و باشد مبارڪ

آئون گذريل مهيني جي شروعات ماهه [illegible] ڏاڍو بيمار هوس جنهن ڪري دير ٿي
ڳالهه باقي خوشخبري جواب لکڻ ۽ دعا نامو موڪلڻ ۾ دير ٿي -

حضرت جناب مولوي مسعود بن نالو غلام مصطفى منظور فرمايو آهي ۽
دعا جو ذڪر ٿيل هو پڙهائي - اسين دعا ٿا ڪريون ته الله
خدا تعالى فرزند ارجمند کي وڏي حياتي سان علم عمل نصيب ڪري
۽ برڪت وارو ٿئي جو مرحوم مولوي نظام الدين جو صحيح معنى سان نالو روشن
۽ جهنڊو سڀاري ثابت ٿئي زياده خير فقط دعا گو

دعاگو فقير شاهه محمد عفي عنه

از بهائي نارڙي
۳ رجب ۱۳۱۹

نحمده ونصلي و نسلم

صاحب
قاضي غلام مصطفى

ثمر شجر صداقت واخلاص الصادق بن الصادق ابن الصادق
حفظه سبحانه وتعالى من جميع الآفات والبليات ورقاه
اعلى الدرجات

اما بعد اوهان جو خط نيو ڏينهن ٻنهي ماڻهن ۾ متوجه هوئي اسين سڀ خالص
پاڳ نارڙي ۾ آيا هئي اڄ ان ته ڏينهن ڏهن هوندا ليڪن پوءِ
سڀ ٻنهي ماڻهن ويٺا آهن ۽ سنڌ ڏانهن موٽي صاحب
طهارت حضرت سائين جو ته خشڪيءَ ۾ ختم سنتي سيارو جو ڇهون
شروع ٿيو ليکي هاڻي ٿيو ملڪ جو آب و هوا چڱي آهي
رجب جي پوئين اڌ ڏينهن حيدرآباد حضرت سائين ۾ ته پهرو
حيدرآباد ۾ حضرت سائين قاضي غلام قادر جي جاءِ ته حاضر
شام جي ٻنهي کي ٻ روانا ٿيندا اسين
زياده خير و عزت مطلب فقط والسلام
دعاگو و محتاج دعا فقير شاه آغا

نحمده ونصلي ونسلم

لطيف آباد

سراپا محبت لخت لخت قاضي غلام مصطفى جان

بعد التسليم ۲ ربيع الاول

بعد السلام عليكم ۽ دعا، توهان جو محبت نامو پهتو. ڪيترا ڏينهن کان

موڪليل هو. ڪيترو وقت کان توهان جو خيال هو ته جواب لکان

خط لکڻ لاءِ طبيعت بنا ڪنهن بناوت جي، تمام مخلصانه

سڀني دلي ڳالهيون. آخر جيئن جو ارادو بدلائڻ لاءِ مجبور

خصوصاً جو اوهان جهڙن بزرگن ۽ عزيزن جا الائي ڪيترا احسان

محبت ۽ احترام اسان جي دل تي نقش ٿيل آهي.

اميد ته ... صاحب آهي، جنهن ملڻ وارن جي خير خبر

... جنهن اهڙا سان هلندا آهيون

... ۾ بهتر ٿيندو. اسان جي ملاقات جو اشتياق آهي

... اسان جي ملاقات ... جلد ...

زياده خير، حضرت ... فقط والسلام

دعاگو ... شاه ... محمد ...

از ... سائينداد

مخلص مکرم قاضی صاحب غلام رسول سلمه

بعد از دعای خیر خطوط ان صاحب رسیده صحت پرسی طبع فقیر نموده بودند او تعالی سبحانه دارد

مگر فقیر هم ۳ رمضان مبارک تب بیمار شده تا هم ۲۰، ۲۱ درد گرده سخت با آن شامل شده

چند روز نهایت تکلیف داده حالا از سه روز بحمد الله عافیت است ضعف بسیار بود

به دعای خیر یاد فرمایند — امید که صاحبزاده جمله متعلقان از الطاف بعافیت شده باشند

از بدله قاضی جان محمد مزاج طبع شد کار او گر چنین است هر جا که باشد بخیر باشد

دیگر همه خیریت است حاجی احمد بخش امید که حالا تندرست شده باشد —

تمامی مخلصین و متعلقات را دعای خیر رسانند غلام مصطفی را الله تعالی عافیت بخشند

فقیر محمد حسن مجددی ۱۱ رمضان المبارک ۳۰۵ دوشنبه

